# سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال

ترتيب: ڊاڪٽر منوهر متلاڻي

# سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال

# سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال

ترتيب:
ڊاڪٽر منوهر بختراءِ مٽلاڻي

University of Mumbai

ڊپارٽمينٽ آف سنڌي
يونيورسٽي آف ممبئي
ممبئي

# سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال

(تحقيقي مضمون)

ترتيب: ڊاڪٽر منوهر ٻختراءِ مٽلاڻي

ڇاپو پهريون: نومبر ٢٠٠٠ع

ڊپارٽمينٽ آف سنڌي
يونيورسٽي آف ممبئي
وديانگري ڪيمپس
سانتاڪروز (ايسٽ)،
ممبئي- ٤٠٠٠٩٨- انڊيا

قيمت: ١٠٠ روپيه

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# SINDHI BOLI-A- JA HAZAR SAAL

(MILLENNIUM OF SINDHI LANGUAGE)

[Research Essays]

Compiled By: DR. MANOHAR B. MATLANI

First Edition : November 2000
Price : 100/-

Cover Design: RAM LALCHANDANI
Printers : ALLIED ART
212, ALLIED IND. ESTATE
MAHIM, MUMBAI- 400016.
Tel: 4465972- 4464134

Published By : DEPARTMENT OF SINDHI
UNIVERSITY OF MUMBAI
VIDYANAGARI CAMPUS
SANTACRUZ (EAST), MUMBAI- 400098 INDIA
Tel. 0091-022- 6526388 Ext. 346/531/469
Fax: C/o 0091-022- 6526893

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## انتساب

انتهائي عقيدت

۽ دل جي گهرائين مان

برصغير هند جي اعليٰ سنڌي اديب

**ڀيڻ پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين**

جي نالي

- منوهر مٽلاڻي

# فهرست


| Page No. | |
| --- | --- |
| 9 | **مهاڳ**<br>ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي |
| 29 | **سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ پندرهين عيسوي صديءَ تائين اُن جو وڪاس**<br>- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي |
| 55 | **سنڌي ٻولي ١٥٠٠ع کان ١٨٤٣ع تائين**<br>- هيرو ٺڪر |
| 73 | **برطانوي دور ۾ سنڌي ٻولي**<br>- ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي |
| 91 | **ورهاڱي بعد ڀھوياشي ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر**<br>- ڊاڪٽر ڪنھيالال ليکواڻي |

# مهاڳ

- ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي

# مهاڳ

تعليمي سال ٢٠٠٠- ١٩٩٩ ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو سلور جبلي سال هيو. گذريل ٻن سالن کان بين الاقوامي سيمينار منعقد ڪرڻ جي روايت، جيڪا اسان جي وڏاڳ طرفان شروع ڪئي وئي هئي، اُن کي جاري رکندي هن سال سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي انٽرنيشنل سيمينار منعقد ڪرڻ جي رٿا ٺاهي وئي. سنڌ مان هڪ ئي وقت سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمن ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي چيئرمن ڊاڪٽر قاضي خادم ۽ ڪراچي يونيورسٽي ۾ شاهه لطيف چيئر جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر (مسز) فهميده حسين جي شرڪت جي پڪ حاصل ڪئي وئي. جون ١٩٩٩ع کان ئي تياري شروع ڪئي وئي، پر روز بروز بگڙجندڙ حالتن ڪجھ اهڙو رُخ ورتو، جو شاهه ڀٽائيءَ جي محبت جو پيغام ڏيندڙ سنڌي سپاجهن کي ٻہ گڏ ڪرڻ مشڪل ٿي پيو. آخر 'شاهه عبداللطيف ڀٽائي سيمينار' ملتوي ڪري، ايندڙ نئين ملينيم Millennium جي موقعي تي، سنڌي ٻوليءَ جي هزار سالن جي اوک ڊوک ڪرڻ لاءِ 'سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال' سيمينار صرف قومي سطح تي آيوجت ڪرڻ لاءِ دهلي ۽ پونا مان عالم فاضل حضرات گهرايا ويا.

٢١ فيبروري ٢٠٠٠ع تي سلور جبلي جي موقعي تي ڀارت

جي مرڪزي وزير قانون، شري رام جيٺملاڻيءَ جي مکيہ مهمان طور شرڪت حاصل ڪندي، وياڳ طرفان جڻہ هند ڪاليج آڊيو- وزيوئل سينٽر ممبئي ۾ هيءُ سيمينار آيوجت ڪيو ويو. جڏهن تہ سيمينار جو مهورت ممبئي يونيورسٽي جي اُن وقت جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر مسز سنيهلتا ديشمک جي شڀ هٿن ڪان ڪيو ويو.

مذڪوره سيمينار جو پهريون پيپر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب **”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد ۽ پندرهين عيسوي صديءَ تائين وڪاس»** وشيہ تي شراڪين آڏو پيش ڪيو. جنهن ۾ فاضل ودوان هند و پاڪ جي الڳ الڳ عالمن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل کي سمجهائڻ جي محققانہ ڪوشش ڪئي آهي. هن جي اپياس موجب اُن بابت ورهاڱي ڪان اڳ گهڻ ۽ اُن ڪانپوءِ ڪافي قدر گهٽي تحقيق ڪئي ويئي آهي. پر ڪيترن عالمن کي سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين جي باهمي رشتي جي پوري ڄاڻ نہ هئڻ سبب الڳ الڳ ملنديُ رايا ڪجھ قدر مونجهارو پيدا ڪنديُ آهن. جيئن تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، اُن کي ’سامي- صفت‘ جي ٻولي ٿو سڏي، جيڪا عراق جي قديم ’سميري تهذيب‘ جي ٻوليءَ جي ساٿياري هئي ۽ مقامي طور دراوڙي سلسلي سان نسبت رکي ٿي. اُها سڌو سنئون سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي، پر اُن ڪان اڳ واري مقامي پراڪرت، هند- آريائي ٻولي آهي. اُها ’وراچڊ اپڀرنش‘ مان نڪتل نہ آهي. چوتہ سنڌيءَ جو خمير سنڌ جي سرزمين ۾ تيار ٿيو ۽ اُن جو بڻ بنياد پنهنجو موروثي سرمايو آهي، جنهن جي تاريخ، سنسڪرت ڪان اڳ واري ’پروٽو- پراڪرت‘ يا ’پهرين پراڪرت‘ تائين پهچي ٿو.

۱۹٦۴ع ۾ سراج الحق وري **”سنڌي ٻولي»** ڪتاب لکي بلوچ صاحب جي مڃئين راءِ جو رد قد ڏنو. هن چيو تہ مئن جي دڙي جي ٻولي ڪا ’سامي- صفت‘ يا سيميٽڪ ٻولين جهڙن

زبان ڪانہ هئي. پر سنڌيءَ جي تاريخ، سنسڪرت کان بہ ڪهني آهي ۽ هڪ طرح سان سنسڪرت ۽ ان سان لاڳاپيل تمدن، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ مان اُسريل آهن. ساڳئي ڪتاب لاءِ مهاڳ 'ديباچو' لکندي محمد ابراهيم جويو وڌيڪ واضح ڪندي چوي ٿو تہ هاڻوڪي سنڌي توڙي ٻيون هند- پاڪستاني ٻوليون ڪنهن هڪ ئي ساڳي آڳاٽي سنڌي ٻوليءَ مان نڪتل آهن، جنهن کي هو 'پروٽو- سنڌي' يا 'پروٽو- اِنڊڪ' (پروٽو هند- يورپي) لفظ ڏيندي هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ کي اُن آڳاٽي ٻوليءَ جي اُسريل ۽ ترقي يافتہ صورت سڏي ٿو.

پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ۱۹۷۴ع ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد» ڪتاب ڏيندي چيو تہ موهن جي دڙي واري ٻولي، قديم دراوڙي ٻولي هئي. سنڌي ٻوليءَ جي صرفيائي ۽ نحوي سٽاءَ بہ دراوڙي ٻولين سان ملي ٿي. اِن طرح غير آريائي 'سئنڌو' يا سنڌي ٻولي 'توراني ٻولين جي خاندان سان تعلق رکي ٿي. هيءَ آرين جي اچڻ کان اڳ موهن جي دڙي واري تهذيب جي ٻولي هئي، جنهن تي پهرين دراڙي ۽ ايراني سرحد وارين ٻولين جو اثر پيو. اُن بعد سنسڪرت، پالي ۽ مختلف ٻولين جي اثرات باوجود بہ سنڌي ٻوليءَ پنهنجي صرف و نحو جي سٽا برقرار رکي آهي.

سنڌ جي هڪ ٻئي عالم ايم. ايڇ. پنوهر جي راءِ موجب ۳۵۰۰- قبل مسيح کان ۱۰۰۰- ق.م سال اڳ واري دور ۾ سنڌ ۾ دراوڙ ۽ انڊو- يورپي لوڪن جا قبيلا رهندا هئا. انڊو- يورپي نسل جا ماڻهو يوروپ، ميسوپوٽاميا، ايران، افغانستان کان ٿيندا پوءِ بلوچستان ۽ سنڌ- پنجاب وارن علائقن ۾ پهتا هئا. ان زماني ۾ سنڌ- پنجاب ۾ ۸۰ سيڪڙو انڊو- يورپي قبيلا ۽ فقط ۲۰ سيڪڙو دراوڙ لوڪ رهندا هئا. ٻنهي جو هڪ ٻئي جي سڀيتا تي اثر سياويڪ هئو. جنهن گڏيل سڀيتا جا اهڃاڻ، سنڌو ماٿريءَ جي کوٽائيءَ مان ظاهر ٿيل پراچين

سنسڪرتيءَ ۾ نظر اچن ٿا. رگ ويد جي سنسڪرتيءَ وارا آريہ - لوڪ بہ عيسوي سن کان اٽڪل هڪ هزار سال اڳ واري زماني ۾ سنڌ ۾ پهتا هئا، جن جي ٻولي 'ويدڪ- سنسڪرت'، الهيءَ پروٽو- انڊو يوروپين مان ڦٽي نڪتي هئي. جنهن مان وري سنڌو ماٿري ۽ ٻيہ وارين ايراڻين جي ٻين پراچين ٻولين جنم ورتو. انهن ٻولين کي پروٽو- سنڌي، پروٽو- پنجابي، پروٽو- گجراتي ۽ پروٽو- هندي وغيره سڏيو ويو. ان طرح پنوهر صاحب موجب سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد پروٽو- انڊو- يوروپي ٻولي آهي، جنهن مان ئي ويدڪ سنسڪرت جي ارتقا ٿي ۽ ٻيون هند- آريائي ٻوليون بہ ان ئي سٽ جون آهن.

جڏهن تہ ورهاڱي کان اڳ ڪيل کوجنا ڪاريہ ۽ اڀياس جي روشنيءَ ۾ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، جنهن کي سنڌي ادب ۾ تمام وڏي عزت ڏني ويندي آهي، اُن صاحب ١٩٦١ع ۾ ڇپايل پنهنجي ڪتاب **'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ'** ۾ ماهر لسانيات جي روشنيءَ ۾ ائين ثابت ڪيو آهي تہ اصل ۾ ويدن جي سنسڪرت مان ڪلاسيڪل سنسڪرت نڪتي. جنهن مان پالي، پراڪرت، اپڀرنش، وراچڊ اپڀرنش جا روپ وٺندي سنڌي ٻولي پنهنجي موجوده روپ تي پهتي آهي.

ان طرح ڊاڪٽر جيٽلي وضاحت ڪيل تمام الڳ الڳ محقق حضرات جي الڳ الڳ نتيجن جي ڪٽ ڪري پنهنجو مجموعي رايو ڏيندي مذڪوره پيپر ۾ فرمائي ٿو تہ بلوچ جي راءِ موجب موهن جي دڙي جي ٻوليءَ کي سامي- صفت يا عراق جي قديم شميري ٻوليءَ جي ويجهو سمجهڻ ۽ سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا کي عراق ۽ عرب ملڪن سان ڳنڍڻ، وابستہ محقق جو موہ آهي. سراج الحق لاءِ چيل آهي تہ هن صاحب، سنڌيت جي جذبات وچان سنسڪرت ۽ ٻين هند- پاڪستاني ٻولين کي سنڌي ٻوليءَ مان نڪتل ڄاڻايو آهي، جڏهن تہ قديم سنڌ جي

ٻوليءَ کي ’سنڌي‘ سڏڻ سان اِها غلط فهمي پيدا ٿي ٿئي تہ هاڻوڪي سنڌي ٻولي اُن قديم دور ۾ پڻ ساڳي وياڪرڻي بيهڪ ۽ صورت ۾ مروج هئي. جيڪو علم لسانيات موجب صحيح ناهي. جو تہ Economy of Effort سببان ٻولين ۾ تبديل هميشہ اوکي کان سوکي سرشتي طرف ٿينديون آهي. جنهن سبب پراڪرت يا قديم سنڌي ٻوليءَ مان سنسڪرت جو جنم ٿيڻ ممڪن ناهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا، موهن جو دڙو جي ٻوليءَ کي پروٽو- دراوڙ ٻولي سڏيندي هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ دراوڙي لفظ ۽ وياڪرڻ جا روپ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن تہ هاڻوڪي سنڌي ٻولي، دراوڙي ٻولين جي پيٽ ۾ اسي- نوي سيڪڙو ويدن واري سنسڪرت، ڪلاسيڪل سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش سان هڪجهڙائي رکندڙ آهي. علم لسان موجب اِهو بہ ممڪن ناهي تہ دراوڙي نسل جي بنياد مان نڪتل ڪا بہ ٻولي، پنهنجي ارتقا دوران ايتري قدر بدلجي وڃي ۽ ڪنهن ٻئي سٽ هند- آريائي ٻولين وغيره ۾ شامل ٿي اُنهن جهڙو روپ اختيار ڪري سگهي. باقي جيٽلي صاحب، پنوهر جي اِن راءِ کي درست مڃي ٿو تہ سنڌي ٻولي، پروٽو انڊو- يوروپي ٻولين جي نسل مان آهي. پر هن فاضل محقق طرفان بيان ڪيل انهن جي وڪاس جون منزلون، جدا جدا دور ۽ قديم توڙي هاڻوڪي ٻولين جي درجہ بنديءَ کي نسلي بخش نہ سڏيو آهي.

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، ايتري ساري بحث ڪانپوءِ وڪاس جون ٽي منزلون ٻڌايون آهن. جنهن موجب پهرئين دور ۾ پراچين پارتيہ آريہ ڀاشا ڪال (Old Indo -Aryan period) رگ ويد کان وٺي عيسوي سن کان ٦٠٠- ورهيہ اڳ تائين ڄاڻايو آهي. جنهن کي سمجهڻ لاءِ ويد وياس ۽ پاڻني مُنيءَ جي وياڪرڻي نتيجن جو پڻ محققانہ انداز ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. هن موجب ٻيون دور آهي پارتيہ آريہ ڀاشائن جو وچون دور (Middle Indo -Aryan period) جو عيسوي سن کان ٦٠٠- ورهيہ

اڳ کان وٺي ١٠٠٠- عيسوي سن تائين هليو اچي ٿو. جنهن کي وري ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: عيسوي سن کان ٦٠٠- ورهيه اڳ کان عيسوي سن جي آغاز تائين، جنهن ۾ ماڳڌي پراڪرت ۽ پاليءَ کي سموري هندوستان ۾ هڪ ڳانڍيو ٻولي (Link Language) ڪري سڏيو ويو آهي. ٻيون دور عيسوي سن جي شروعات کان ٥٠٠ع تائين آهي. جنهن ۾ علاقائي تفاوتن سبب ماڳڌي پراڪرت، شؤرسيني پراڪرت، ارڌ ماڳڌي، مهاراشٽري، پئسشاچي پراڪرت ۽ مقامي ٻولين جي وياڪرڻ جا روپ استعمال ٿيندا هئا. اُن بعد ٥٠٠ع کان ١٠٠٠ع تائين وارو دور ٽيون آهي، جنهن ۾ اپڀرنش ٻوليون سمجهايل آهن.

بقول ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، جن الڳ الڳ علائقن ۾ هاڻوڪيون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، اُتي اُنهن جي قديم دور ۾ اپڀرنش ۽ انهن کان به اڳ پراڪرت روپ مروج هئا. سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش ۾ لکيل جيڪو به ساهتيه مليو آهي، اُن ۾ سندن هڪ ادبي روپ محفوظ رهيو آهي. هن موجب ڀارتييه آريه ڀاشائن جي ٽئين منزل ١٠٠٠ع کان وٺي اڄ تائين آهي. جنهن کي نئون دور (New Indo -Aryan Period) به سڏي سگهجي ٿو. اُن موجب هرهڪ علائقي جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ٻولين جا گهٽي ٿي فرق آهن، جن کي اُپ-ڀاشائون چئجي ٿو. ڪجهه وجوهات سبب انهن مان ڪنهن هڪ اپڀاشا جو وڪاس ٿئي ٿو ۽ اُها ڀاشائي تنگ دائري مان نڪري، سموري ڀاشائي علائقي جي ادبي ٻوليءَ جو درجو ماڻي ٿي. اهڙي طرح هندي، سنڌي، پنجابي، گجراتي، مرائي، راجستاني، بنگلا، اڙئيا ۽ آسامي وغيره مکيه ادبي ٻوليون آهن، جن جون وري الڳ الڳ ايراضين ۾ جدا جدا اپڀاشائون هلندڙ آهن. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب هن مقالي ذريعي ان راءِ جو اظهار ٿو ڪري ته رگ ويد جا منتر جڏهن سنگره ڪيا ويا، تنهن زماني توڙي اُن کان به اڳ هاڻوڪي سنڌ ۽ اُن جي آس پاس آريه لوڪ جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، اُن مان ئي هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ جو جنم

تيو آهي ۽ ويدڪ سنسڪرت جي هڪ اُپڀاشا هئڻ ڪري اُن جو روپ رگ ويد جي منترن واري ڀاشا سان گهڻو ملندڙ هئو، جنهن کي اسين 'اوائلي پراڪرت سنڌي' به سڏيون ٿا.

ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي ڪافي محنت ڪري پالي، پراڪرت، اپڀرنش ۽ موجوده سنڌيءَ جو سلسلو ارتقائي روپ ۾ مثالن سان ميدان ادب تي پيش ڪيو آهي. ان طرح سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد جيڪو هيل تائين انتهائي منجهيل ۽ ڳوڙهو مسئلو پئي رهيو آهي، اُميد ته ايندڙ دور ۾ اُن لاءِ ٿيندڙ تحقيق ۾ هيءُ مقالو انتهائي اهميت ڀريو ٿيندو.

موجوده سيمينار جو ٻيون مقالو سلسليوار شري هيرو ٺڪر طرفان ادب ذوق حضرات اڳيان رکيو ويو، جنهن جو عنوان هيو **'سنڌي ٻولي- ١٥٠٠ع کان ١٨٤٣ع تائين.'** ڊاڪٽر جيتلي جيان هيرو ٺڪر به مقالو لکندي تحقيق جي ميدان ۾ ڪافي جاکوڙ ڪئي آهي ۽ ٺوس حقائق ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. لائق محقق ان حقيقت کي واضح ڪيو آهي ته ١٨٤٣ع کان سنڌ ۾ انگريزي دور جو آغاز ته ادب تي گهرو اثر ڇڏي ٿي ٿو، پر پوري ملينيم Millennium جو اڌ، يعني ١٥٠٠ع جيتوڻيڪ ڪا خاص واقعاتي پس منظر نٿي رکي، پوءِ به اُن جي آس پاس وارن سالن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معيار ۽ اُن جي ادبي اوسر اهميت ڀري آهي.

هيرو ٺڪر صاحب ١٥٠٠ع ۾ سمن جي دور واضح ڪرڻ لاءِ پهرئين اُن کان اڳ واري سومرن جي دور حڪومت ۽ اُن وقت جي سنڌي ادب جو جائزو پڻ ڏنو آهي. جنهن جي آڌار تي اڳيان ايندڙ دور کي سمجهڻ ۾ سهوليت ٿيندي. سومرن جو دور، يعني چوڏهين صديءَ تائين سنڌي ٻوليءَ جو ادبي سرمايو صرف زباني روايتن تائين ئي محدود هيو، جنهن ۾ ڀٽ ۽ چارڻ فقيرن طرفان ٻڌايل نظم جي روپ ۾ رزميه داستان ۽ ڪجهه لوڪ ادب ئي ملي ٿو. پوءِ به اِها ڳالهه صاف ظاهر

آهي ته سنڌ تي عربن جي سوين سالن جي حڪومت باوجود به هيل تائين چيل سنڌي شعر، غير ڌيهي اثرات کان آجو ۽ لڄ سنڌي هيو، جنهن جي ستا، لفظن جي ادائگي ۽ وياڪرڻ پڻ دهقاني فطرت وارو سنڌي ئي هو. جيئن ته:

**ڪلٽين يا هارائين مري تم وجي واء**

**ٻنهي منجهئون هڪڙي چڱي تم ٿئي ڪاء.**

ان طرح سومرا دور تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ اظهار جي وسعت، قصن ڪهاڻين بيان ڪرڻ جي قوت ۽ ادبي صلاحيتن جي نشونما ٿي چڪي هئي. بعد ۾ ١٣٥٠ع ۾ دهلي حڪومت طرفان سيوهڻ جي گورنر جام اُنڙ، ملڪ رتن کي ماري مات ڪيو ۽ پاڻ تي ’جام‘ لقب رکائي سنڌ ۾ سما گهراڻي جو بنياد وڌو. جيڪا خود مختيار حڪومت ١٥٢٠ع جام فيروز تائين هلي آئي. سمن واري دور جي آخري حصي ۾ سنڌي علم ادب جو پهريون معياري شاعر، قاضي قادن پيدا ٿيو. جو تقريبا ١٤٦٣ع ۾ تولد ٿيو ۽ ١٥٥١ع تائين حيات رهيو.

قاضي قادن جا هيل تائين ٢٦٠ بيت اسان کي کوجنا ڪندي ميدان ادب تي ديوناگري لپيءَ دوران ملي چڪا آهن. جن کي پڻ فاضل محقق هيرو ٺڪر سوڌي سنواري شائقين ادب آڏو پيش ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو آهي. انهن بيتن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خاص نزاڪت، اظهار جي صلاحيت ۽ اعليٰ فڪر جي وڏي قوت سمايل آهي. جن ۾ تصوف جي ڳوڙهي فلسفي کي پڻ انتهائي آسانيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي. اهڙي دور ۾ جڏهن سنڌ جا عالم حضرات، حاڪمن جي ٻولي عربي فارسيءَ ۾ پڻ مهارت حاصل ڪري چڪا هئا، پوءِ به سنڌ جي ادب ۾ ڌيهي ٻوليءَ جو برقرار هئڻ هڪ وڏي ڳالهه هئي. باقي اُها ٻولي سرائڪي ۽ ملتاني لهجي کان ڪافي متاثر هئي، جو ٻوليءَ جي وياڪرڻي جزن: اسم، ضمير، ظرف، صفت ۽ ڪن حالتن ۾ فعلن تي پڻ سرائڪي اثر نظر اچي

تو. جيئن تہ:

**سيڄاڻ اُتي سينهن، ڏونئون وسن جهنگ ۾**

**سي ڪڙ ڪاون ڪيئن ماسُ جنهان ڪون لکيو.**

سمن جي دور ۾ سنڌ جو ڪڇ ۽ گجرات سان بہ گهرو ناتو رهيو. ڄام نظام الدين جي وفات ڪانپوءِ ڪڏهن ڄام صلاح الدين ۽ ڪڏهن ڄام فيروز پڇي وڃي ڪڇ ۾ پئي پناه ورتي ۽ ڪڇ- گجرات جي راجائن ڪان مدد ولي ٻاهران آيل حملہ آور ارغونن سان پئي مقابلا ڪيائون- اِن گهرائپ سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي گجراتي لفظ بہ داخل ٿيا ۽ اهڙي ڏي- وٺ ۾ قاضي قادن جي شاعري گجرات، راجستان، پنجاب ۽ هرياڻا جي ڪجھ علائقن تائين پڻ مقبوليت ماڻي. بعد ۾ اِها روايت پراڻنات جي ڪڇي سنڌي شاعريءَ سان اچا بہ وڌي. (اِها تحقيق وري جهمون چڳاڻيءَ جي قلم ڪان ميدان ادب تي ظاهر ٿي). پراڻنات ١٦١٨ع ۾ ڄائو ۽ مادري زبان سنڌي هوندي بہ ڪڇ ۾ رهڻ ڪري سندس ڪلام تي ڪڇي محاوري جو ڪافي اثر آهي:

**آخر ويرا اُتڻ جي آنئين روحين ڇڏيڄا راند**

**اُتي وڃ عرش جي ڪوه ڪي وڙون ڪاند.**

اِن طرح هن سلسلي هيٺ شاه عبدالڪريم، دادو ديال، شاه لطف الله قادري ۽ ميين شاه عنايت (ولادت ١٦٢١ع) تائين پهچندي پهچندي سنڌي ٻوليءَ ۾ عارفانہ ۽ عوامي قسم جا بہ الڳ الڳ روپ هلندا رهيا.

سنڌي ٻوليءَ کي انتهائي عروج ڪلهوڙن جي دور ۾ مليو. جڏهن شاه عبداللطيف (١٧٥٢ع- ١٦٨٩ع)، سچل سرمست (١٨٢٩ع- ١٧٣٩ع) ۽ سامي (١٨٥٠ع- ١٧٤٣ع) سنڌ جي ڀومِيءَ تي پيدا ٿيا. شاه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ نج سنڌي ٻولي ڪتب آندي آهي. جنهن ۾ پراڪرت ۽ اصل ٻوليءَ جا لفظ

توڙي ڪتي ڪتي قرآن شريف جون حديثون ۽ آيتون پڻ تضمين طور ڏنل آهن. جڏهن ته 'سر رامڪلي'، 'سر آسا' ۽ 'سر پورب' ۾ وري جوڳين ۽ سنياسين جو ذڪر ڪندي اهڙي ته سليس ۽ عام فهم ٻولي استعمال ٿيل آهي جو هندو توڙي مسلم، تمام سنڌي سچڻ اُن جو فيض ماڻي سگهن ٿا. سچل سائينءَ به شاه جي ئي پوئواري ڪئي آهي. باقي ساميءَ ويدانت ۽ پارتيه اڌياتمڪ فلسفو سمجهائيندي، سنسڪرت ۽ هنديءَ جو اثر قبول ڪيو آهي. ٺڪر صاحب جو چوڻ آهي ته ٻوليءَ جو فرق ان ڪري به ٿي سگهي ٿو، جو هيل تائين سنڌي شاعر گهڻي ڀاڱي لاڙ ۽ وچولي جا هئا، پر هيءُ هڪ ئي شاعر شڪارپور جي طرف جو هيو ۽ امرتسر ۾ ڪافي وقت رهڻ سببان پڻ مٿس اُهو اثر سياويڪ آهي. روحل به گهڻو وقت جيئن ته جوڌپور ۾ رهيو، لاءِ اُن تي پڻ سنسڪرت ۽ هنديءَ جو وڏو اثر رهيو آهي.

هيرو ٺڪر پنهنجي مقالي جو مجموعي سارُ ڏيندي ٻڌايو آهي ته سنڌ جي شاعرن ۽ علماءِ حضرات پنهنجي مادري زبان جي واڌاري لاءِ سورهين صديءَ ۾ ئي عربي، پارسي ۽ ٻين ٻولين تان سنڌيءَ ۾ ترجما ڪرڻ شروع ڪيا هئا. جن لاءِ اِهو پڻ خيال رکيو ويو هيو ته جيئن انهن ذريعي سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيئي سگهجي. جنهن لاءِ هن ٺٽي جي مشهور عالم ميان ابوالحسن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، جنهن پنهنجي طرفان عربي سنڌي صورتخطي ٺاهي "مقدمه الصواه" ڪتاب ميدان ادب تي آندو هيو. هو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي حوالي سان ٻڌائي ٿو ته اجا به سنڌ ۾ تعليمي تحريڪ جي شروعات مخدوم جعفر جي ڪتاب "حاصل النهاج" سان ٿي. اهڙي طرح سورهين صديءَ کان وٺي اٺويهين صديءَ تائين سنڌي ٻولي منزل به منزل ترقي ڪندي رهي ۽ سنڌي عالمن ان دور ۾ قرآن مجيد سميت ڪيترائي ڪتاب ترجمو به ڪيا ته سنڌي- پارسي ۽ سنڌي- عربي- پارسي ڊڪشنريون وغيره پڻ جوڙي راس ڪيون.

موجوده سيمينار جو ٽيون پيپر "برطانوي دور ۾ سنڌي ٻولي" ڊاڪٽر جينو لالواڻيءَ طرفان ڏنو ويو. هن صاحب بہ پنهنجي پيپر ۾ تحقيق ڪندي چڱي جاکوڙ ڪئي آهي. سڀ کان پهرين تہ ٻوليءَ جي وصفن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيل آهي تہ ٻولي چئبو ڇا کي آهي؟ خدا طرفان انسان کي ڳالهائڻ جي ڏات مليل آهي، جا کيس ٻين جانورن کان الڳ ۽ جداگانہ حيثيت بخشي ٿي. مقالہ نگار، جڳ پرسڌ آمريڪي ماهر لسانيات بلاڪ ۽ ٽرئگر Bloch and Trager جو حوالو ڏيندي ٻڌايو آهي تہ ڪنهن بہ سماجي گروه ۾ هڪٻئي سان تعاون لاءِ انسان ذات جي زبان مان نڪتل آوازن جي سرشتي کي ٻولي سڏجي ٿو.

زبان جي عمل مان قوم جو وجود ٿئي ٿو ۽ ٻوليءَ جي مطالعي سان ئي ڪنهن قوم جي ماحول، لباس، کاڌو خوراڪ ۽ اُن خاص خطي جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. جيئن تہ صدين کان سنڌ تي وقت بوقت الڳ الڳ قومن طرفان حملا ٿيندا رهيا آهن، جن مان ڪيترن سنڌ تي حڪومت پڻ ڪئي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جا رهواسي ايرانين، عربن، مغلن ۽ انگريزن وغيره سان تعلق ۾ ايندا رهيا آهن. ايترين سارين ٻولين جي ميلاپ سنڌيءَ تي پنهنجا اثرات بہ ڇڏيا آهن. ڇوتہ وقت پئي ڪيترا ڌاريا لفظ استعمال ٿيندي ٿيندي، جذب ٿي اُن اصل ٻوليءَ جو روپ وٺي ويهندا آهن. سنڌ جي عالم ايم. ايڇ. پنوهر طرفان تيار ڪيل سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو هڪ جيالاجيڪل خاڪو پڻ ڏنل آهي. جنهن مان ڄاڻ پوي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ جو ميلاپ دراوڙي ٻولين، سنسڪرت، اوستا (قديم فارسي)، پالي، يوناني، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين سان ٿيندو رهيو آهي.

۱۸۴۳ع ۾ اِنگريزن جڏهن ميرن کان سنڌ فتح ڪئي تہ اُتي فارسي ٻولي هلندڙ هئي. ۱۸۵۱ع ۾ سنڌ جي چيف ڪمشنر

سربارٽل فريئر، سنڌ ۾ سمورو سرڪاري ڪم فارسيءَ بدران سنڌيءَ ۾ هلائڻ جو فرمان جاري ڪيو. يورپي ۽ ٻين غير ڏيهي عملدارن به سنڌي ٻولي سکندي اهڙا امتحان پاس ڪيا. سنڌي اسڪول کوليا ويا. ١٨٥٣ع ۾ سر ايلس جي صدارت هيٺ راءِ بهادر جڳنناٿ، ديوان پريداس رامچنداڻي، ديوان اُڌارام ميرچنداڻي، ديوان ننديرام ميراڻي، خانبهادر مرزا صادق علي بيگ، ميان محمد، قاضي غلام علي ۽ ميان غلام حسين گڏجي موجوده ٥٢- حرفن واري 'عربي - سنڌي الفابيٽ' ٺاهي تيار ڪئي. پوءِ گرامر، لغت، تاريخ، جاگرافي وغيره لاءِ سنڌي ڪتاب به تيار ڪيا ويا. سنڌي ادب ۾ جن شاخن جي کوٽ هئي، اُتي ٻين ٻولين تان ڪتاب ترجمو ڪري ميسر ڪرايا ويا.

درسي ڪتابن جي اشاعت ۽ سرڪري ڪم ڪار لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي حيدرآباد طرف واري لهجي کي سنڌيءَ جو معياري لهجو ڪري قرار ڏنو ويو. جنهن ۾ ئي تمام تصنيفات ميدان ادب تي نروار ٿينديون رهيون. خود ڪيترن انگريز عالمن به سنڌيءَ ۾ ڪيترا ڪتاب جوڙي سنڌي ٻوليءَ جي اڻ وسرندڙ خدمت ڪئي. هينئر نه صرف نثر جي ڪيترين ئي شاخن تي تصانيف توڙي ترجما نڪرندا رهيا، پر علم لسانيات ڏانهن پڻ ڌيان ڏنو ويو.

لالواڻي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي اوسر کي سمجهڻ لاءِ برٽش دور کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو آهي. ١٩٠٧ع- ١٨٤٣ع واري دور ۾ نثر جا الڳ الڳ ترجما ڪيا ويا. نظم ۾ غزل، مثنوي ۽ رباعي وغيره ترقي ڪندا رهيا. جنهن سان گڏوگڏ شاه، سچل، سامي ۽ ڪجهه ٻين صوفي شاعرن جي ڪلام کي پڻ سهيڙڻ جو ڪم ٿيندو رهيو. جڏهن ته ٻئين دور ١٩٤٧ع- ١٩٠٧ع ۾ نئين سجاڳي ۽ راشتريه چيتنا طرف ڌيان ڏنو ويو. 'بيوس' پنهنجي شعر ۾ نجي زندگيءَ جا موضوع آندا. صحافت جي ميدان ۾ اخبارون

۾ رسالا نڪرڻ لڳا. ڊراما لکيا ۽ منچ تي آندا ويا. جنهن لاءِ ڪجهه الڳ الڳ ناٽڪ منڊليون پڻ وجود ۾ آيون. ائين ڪٿي چئجي تہ برطانوي دور ۾ هر لحاظ کان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مضبوط پيڙهہ پڌجندي هڪ خوبصورت عمارت جي اڏاوت جو سلسلو شروع ٿي ويو. سنڌي ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ پيرومل آڏواڻيءَ جهڙن عالمن کوجنا ڪندي ٻولين جا خاندان ٻڌايا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد کي سمجهڻ لاءِ روشني بخشي. سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۾ هيءُ دور انتهائي اهميت جو حامل آهي، ڇوتہ هن ئي دور ۾ پريس جهڙن سهوليتون دستياب ٿيون ۽ ادب جي خزاني پرڻ لاءِ انيڪ ڇاپي نسخا شائقين ادب تائين پهچايا ويا.

’سنڌي ٻوليَ جا هزار سال‘ (Millennium of Sindhi Language) سيمينار جو آخرين پيپر ڊيڪن ڪاليج، پونا ۾ شعبہ لسانيات جي ريڊر، ڊاڪٽر ڪنعيالال ليکواڻيءَ طرفان پيش ڪيو ويو. جنهن جو عنوان هيو **”ورهاڱي بعد ڀهو ڀاشي ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر“**. ڀهرين ٽن علماءِ حضرات آزاديءَ کان اڳ واري سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ کي تحقيق جي جديد اصولن هيٺ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ورهاڱي جي نتيجي ۾ سنڌين جو هند ۾ اچي ڇڙ و ڇڙ ٿي وڃڻ ۽ ٻنهي سرڪارين جا پاڻ ۾ گهٽ دوستانہ ناتا هئڻ سبب هند و پاڪ وچ ۾ ادب ۽ تحقيق جي ڏي وٺ جڻ نہ جي برابر ٿيندي ويئي. اهڙي حالت ۾ ليکواڻي صاحب کي صرف ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا جو جائزو وٺڻ لاءِ عرض ڪيو ويو. هن ماهر لسانيات بہ بلڪل سائنٽفڪ طريقي سان پنهنجي عنوان سان انصاف ڪندي ڀهرين تہ هر انسان لاءِ ٻوليءَ جي ضرورت ۽ اهميت سمجهائي آهي. جنهن موجب هر شخص کي ٻولي ئي پنهنجي تهذيبي ورثي کان واقف ڪرائي پنهنجي مخصوص ٻوليائي سماج Linguistic Community سان ڳنڍيندي منجهن اتفاق ۽ اتحاد قائم رکي ٿي.

ليکواڻي صاحب، ڀارت جي جدا جدا ٻوليائي سماج کي ڀرپور ماحول ڪري سڏيو آهي. جنهن ۾ ڪنهن بہ فرد تي انهن وڏيڪ ٻولين جي چاڻ وارو دٻاءُ مٿس ايترو تہ وڌي وڃي ٿو، جو ڪڏهن تہ سندس اصل ٻولي وڃائجڻ جو امڪان پڻ موجود رهي ٿو. ڪڏهن تہ انسان جي بنيادي مفاد پرستي ۽ نجي فائدن جي حاصلات، سياسي دٻاءُ، ڏيکاوَ ۽ نفسياتي وجوهات سبب بہ پنهنجي نج ٻوليءَ جو واهپو ڏري گهٽ ختم ٿي ٿي ويندو آهي. موجوده حالتن ۾ ڀارت اندر سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن کي اهڙو ڌڪ وڏيڪ ٿي سٽائڻ لڳو آهي. مقالہ نگار جي راءِ ۾ ڀارت جي وڏان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي واجب جاءِ ملندي بہ اُها وهنوارڪ ميدان ۾ پوري طرح اُسري نہ سگهي آهي. جنهن جو سبب اهو آهي تہ الڳ الڳ صوبائي ٻولين واري ماحول ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مسئلن کي نہ صرف سنجيدگيءَ سان سمجهيو ويو آهي؛ پر ڪاروبار، تعليم توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ميدان ۾ پڻ انگريزيءَ جي موہ ۽ غلبي جو وڏو هٿ رهيو آهي.

١٨٤٣ع ۾ انگريز حڪومت ختم ٿيڻ سان شروعاتي دستوري تعليم توڙي ادبي ۽ ثقافتي ميدان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اُسرڻ جو پورو موقعو ڏنو ويو. ڀارت جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ سنڌي تعليم لاءِ اسڪول کوليا ويا. سانسڪرتڪ ۽ سپيتڪ منڊليون وجود ۾ آيون. اخبارون ۽ مخزنون نڪرڻ لڳيون. اديب ۽ پبلشرن جو تعداد وڌندو رهيو.

١٩٥٠ع ۾ ڀارت جي مرڪزي سرڪار طرفان سنڌيءَ لاءِ اڪيلي ديوناگري صورتخطي منظور ڪرڻ ۽ وري هڪ سال اندر ١٩٥١ع ۾ عربي ۽ ديوناگري ٻيئي اسڪرپٽ جاري رکڻ واري سرڪاري قدم، سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن کي ڇڻ ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. پوءِ بہ لوڪشاهي نظام هيٺ سنڌين جي هر طبقي جي ڪيل ڪوشش جي نتيجي ۾ ١٠ اپريل ١٩٦٧ع تي سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪندي ڪيس ڀارتيہ وڌان جي اٺين شيڊول

۾ ٻين سرڪاري ٻولين جيان داخل ڪيو ويو.

جيتوڻيڪ تقريبا ٻن ڏهاڪن اندر جلد ئي سنڌيت جي هلچل جو زور گهٽبو رهيو. پوءِ به ليکواڻي صاحب جي خيال موجب هينئر به ڀارت جي ٻهو ڀاشي ماحول ۾ سنڌي، تمام ننڍي تورائي واري جاتي هوندي به پنهنجي نج سنڌيت جي جذبي ۽ سڃاڻپ ڏانهن سڄاڳ آهن. وسيع جاگرافيائي حدن جي دوريءَ باوجود به تمام سنڌين جا پاڻ ۾ پختا پنگتي ۽ واپاري ناتا آهن. تعليم، ماس ميڊيا ۽ ادب جي ٻوليائي ميدان ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ جو چڱو ئي استعمال ٿئي پيو.

ڀارت ۾ سنڌيءَ لاءِ پنهنجو صوبو نه هئڻ سبب اُن جي وڪاس جو ذمو مرڪزي سرڪار پاڻ تي هموار ڪيو آهي. اُن مقصد ڪان سنڌيءَ ٻولي جي واڌاري لاءِ 'راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد' National Council for Promotion of Sindhi Language برپا ڪئي ويئي آهي. ڪجھ صوبن ۾ سرڪاري سنڌي اڪادميون به قائم ڪيون آهن. ڪيتريون خانگي سنسٿائون پڻ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت قائم رکڻ لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن.

ورهاڱي بعد مهاراشٽر ۾ ممبئي ۽ ان جي آس پاس ناگپور، اڪولا، امراوتي، ڪولهاپور، ڌوليا، ڀوساول، ناسڪ ۽ پونا ڪانسواءِ راجسٿان ۾ اجمير ۽ گجرات جي ڪجھ شهرن توڙي خود دهليءَ ۾ به سنڌي ماڌيم جا اسڪول کوليا ويا. پر ٻن ٽن ڏهاڪن ڪانپوءِ انهن ڏانهن چاهه گهٽجندو رهيو. ڪيترا اسڪول بند ٿيندا ويا، يا ڪٿي وري سنڌيءَ ۾ ملندڙ تعليم جي سهوليت ختم ٿيندي رهي. جڏهن ته ڀارت جي ٻين صوبن ۾ سنڌيءَ ڏانهن ماڳهئين ئي تمام گهٽ ڌيان ڏنل آهي. مڌيه پرديش ۽ اتر پرديش ۾ ته سنڌي ماڌيم ذريعي تعليم ڪڏهن به ڪونه ڏني ويئي. باقي اُتان جي ڪن تمام ٿورن اسڪولن ۾ وشيه جي روپ ۾ سنڌي ڪٿي ڪٿي پاڙهي پيئي وڃي. گجرات ۾ سنڌي ماڌيم جو فائدو وٺي اُتان جا ٻار پروفيشنل ڪورسن

۾ داخلا وٺڻ جو فائدو ماڻيندا آهن. ليکواڻي صاحب موجب جيڪڏهن هڪ دفعو سندن ملندڙ آها سهوليت بند ٿي، ته اُتان جا به سنڌي ماڌيم اسڪول اچي پٽ پوندا. اهڙي صورت ۾ جڏهن اسڪولن مان ئي سنڌي ٻولي کسڪندي پيئي وڃي ۽ نئين ٽهيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻ ئي نه هوندي ته معياري ادب جي تخليق جي موج ڪٿان ماڻي سگهبي.

موجوده دور ۾ عوام سان رابطي ۾ اچڻ جا به ذريعا آهن: پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا. پرنٽ ميڊيا هيٺ اخبارون ۽ رسالا وغيره اچي وڃن ٿا. جن جو معيار هينئر ڀارت ۾ ادبي لحاظ کان بلڪل غير مطمئن ڪندڙ رهيو آهي. هڪ اڌ ادبي مخزن کي ڇڏي باقي ته الائي ڇا لکيو ۽ ڇپيو پيو وڃي. جنهن جو فڪر نه پبلشر حضرات کي آهي ۽ نه ئي قارئين کي. ٻوليءَ سان هٿ چراند ۽ پروف جون غلطيون ڪرڻ ته ڄڻ عام ڳالهه آهي. جڏهن ته اليڪٽرانڪ ميڊيا هيٺ ڊاڪيومينٽري فلم، ريڊيو، ٽيلي ويزن ۽ ڪامپيوٽر وغيره اچي وڃي ٿو. جيڪي ساڌن وندر ۽ ڄاڻ ميسر ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻولي ۽ ثقافت جي ارتقا لاءِ بهترين وسيلا بڻجي سگهجن ٿا. بقول مقاله نگار، ڀارتيه فلم ڊويزن هيل تائين هڪ به سنڌي ڊاڪيومينٽري فلم تيار ڪونه ڪئي آهي. آل انڊيا ريڊيو جي ڪجهه الڳ الڳ اسٽيشنس تان هفتي ۾ تقريبا ١٦-١٧ ڪلاڪ سنڌي پروگرام نشر ڪيا وڃن ٿا. دوردرشن تي مهيني ۾ صرف ڪجهه ڪلاڪ ئي سنڌيءَ کي مس مليل آهن. جنهن لاءِ سرڪار طرفان بغير بجيٽ وارا پروگرام ئي رڪارڊ ڪيا ويندا آهن. اهڙا پروگرام عوام تائين پهچڻ جي ڪشش کان عاري هوندا آهن. جڏهن ته اڄ هر سنڌي گهر ۾ ٽيلي ويزن آهي ۽ ڪيبل جي سهوليت جو فائدو وٺي بهترين ۽ معياري سنڌي ٽيلي سيريل ٺاهي، سنڌي ٻوليءَ ۾ هينئر وري نئون روح ڦوڪي سگهجي ٿو. اليڪٽرانڪ ميڊيا ته هينئر ڌرتيءَ تي ڏنل جاگرافيائي ليڪن کي ميساري، سموري دنيا کي ملائي هڪ ڪري ڇڏيو آهي.

ڪامپيوٽرس تي ڪجهه خاص سنڌي ويب سائيٽ وغيره پڻ نڪري چڪيون آهن. جيئن 'www.indosindhi.com' ويب سائيٽ تي روز بروز سنڌي جڳت توڙي پوري دنيا جو تازه ترين احوال ڏئو ويندو آهي. اهڙين ويب سائيٽس ذريعي پڻ سنڌين جي سڄاٽپ کي هٿي ملي ٿي ۽ اڻ سڌي طرح اُهي ٻه ٻوليءَ جي واڌپي لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون.

ورهاڱي جي نتيجي ۾ سنڌي هڪ ٻئي کان وڇڙي ٻن ملڪن ۾ اڌو اڌ ٿيندي ڇڙو ڇڙ ٿي ويا. جنهن جي نتيجي هٿي اهڙو ڪيترو ئي ادب لکيو ويو، جنهن ۾ اُن درد جي عڪاسي ڪئي ويئي. اهڙي موضوع تي نظم توڙي نثر جي تمام الڳ الڳ شاخن ۾ ڪيتري ئي ادب جي تصنيف ڪئي ويئي. گوبند مالهيءَ جا ناول **"پکيئڙا ولر کان وڇڙيا" ۽ "ڏيهي پرڏيهي ٿيا"** بلڪل معياري ۽ وقت ۽ حالتن جي صحيح نمائندگي ڪندڙ ادب آهي. اُن سان گڏ ناول نويسي توڙي افسانہ نويسيءَ جي ميدان ۾ ڪرشن کٽواڻي، موهن ڪلپنا، آسانند مامتورا، لوڪناٿ، رام پنجواڻي، پوپٽي هيرانندڻي، نارايڻ ڀارتي، گنو سامتاڻي، سندري اُتمچنداڻي ۽ نظم جي ميدان ۾ سگن آهوجا، نارايڻ شيام، هرومل سدارنگاڻي خادم، ارجن شاد، ڪرشن راهي، هري دلگير، پرڀو وفا، اندر ڀوڄواڻي، ارجن حاسد ۽ گوورڌن ڀارتي وغيره قابل ذڪر آهن.

سڄاڳ سنڌي اديب، هند جي وسيع ميدان ۾ بين الاقوامي ادب کان ذهني ۽ فني سطح تي بيحد متاثر ٿيندي پنهنجين تصنيفن جو مکيہ ڪردار شهري باشندي کي بڻائيندا رهيا. انهن جا مسئلا ذهني، مالي، سماجي ۽ جنسياتي طرز جا هئا. هنن جي ادب ۾ جنهن ٻوليءَ جو استعمال ڪيو ويو، ان ۾ روايتي محاورن بدران شخصي علامتن جو استعمال ٿيڻ لڳو. عربي- فارسي لفظن بدران هندي ۽ انگريزي لفظن کي وڌيڪ ترجيح ڏني ويئي. اُن سان گڏوگڏ جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، گرامر، لغت نويسي، توڙي جديد سنڌي لسانيات جا

جاڙو ودوان، بين الاقوامي شهرت رکندڙ- سنڌي عالم پارت ۾ موجود آهن؛ پوءِ بہ سنڌي لسانيات توڙي لغت نويسيءَ تي اڄ سوڏو ئوس ڪم نہ تي سگهيو آهي ۽ نہ ئي ڪي معياري ڇاپي نسخا ظاهر تي سگهيا آهن. بقول ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي:

> ”ڪنهن بہ جديد ٻوليءَ جي اوسر لاءِ رڳو تخليقي رچنائون ناڪافي هونديون آهن. ٻوليءَ جي رتائتي ترقيءَ لاءِ گيان وگيان جي سيني شاخن ۾ رچنائن جي ضرورت پوندي آهي. ٻوليءَ جي جدا جدا وهنوار کيترن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن جي ايڪ روپتا جي خيال کان جدا جدا قسمن جي لغتن ۽ وهنواري وياڪرڻن جي ضرورت پوندي آهي. ان ڏس ۾ سنڌيءَ ۾ اڃا گهڻو ڪجهہ ڪرڻ جي ضرورت آهي....“

موجوده حالتن هيٺ پارت جي نئين ٽهيءَ ۾ خود رشتيداري ظاهر ڪندڙ لفظ بہ ندارد لڳا پيا آهن. ’سوٽ‘، ’ماسات‘، ’ماروٽ‘ ۽ ’پڦات‘ جي جاءِ تي ’ڪزن‘ وغيره ڌارين ٻولين جا لفظ واهپي ۾ اچي ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي اُچارن ۽ وياڪرڻ جي سرشتي ۾ پڻ تبديل اچي رهي آهي. اُچار جي خيال کان سنڌي، سُرَانت ٻولي آهي، جنهن ۾ هر لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪونہ ڪو سُرَ هوندو آهي. جيئن تہ گهرُ، گهرَ ۽ گهرِ وغيره. پر هينئر ٻين ٻولين جي اثر هيٺ ڪيترائي شخص اُهي سُرَ نہ پيا اُچارين. نتيجي ۾ اُهي لفظ وينجنانت بڻجي سنڌي گرامر جي گهاڙيٽي تي اثر انداز ٿيندا رهن ٿا. ڪيترين حالتن ۾ تہ ’ق‘، ’خ‘ ۽ ’غ‘ جا اُچار متجي ’ڪ‘، ’ک‘، ’گ‘ ٿيندا پيا وڃن ۽ خود ڄاڻو حضرات بہ ان غلط ڌارا کي هٿي ڏيئي رهيا آهن. نئين ٽهيءَ ۾ ’ٻ‘، ’ڳ‘، ’ڏ‘ ۽ ’ڄ‘ جا چوسڻا آواز پڻ بدلجي ’ب‘، ’گ‘، ۽ ’د‘ ’ج‘ ٿيندا پيا وڃن. ليکواڻي صاحب جي راءِ موجب سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترا موجوده استاد صاحبان بہ خود انهن جي صحيح استعمال جي نہ صرف ڄاڻ رکندڙ ناهن، پر اُن سان گڏوگڏ هو اهڙي سڄاڳيءَ

کان پڻ ڪوهين دور هوندا آهن. اهڙي حالت ۾ ڪامپيوٽر تي جيڪڏهن 'سنڌي اسپيل چيڪ' ۽ 'سنڌي گرامر چيڪ' جا پروگرام تيار ڪيا وڃن ته جيڪر موقعي تي ئي پاڻ کي صحيح به ڪري سگهجي ٿو ۽ اُن سان گڏ ڇپائيءَ ۾ پروف جي غلطين هئڻ جو به ڪجهه قدرِ امڪان گهٽائي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب جا چار ئي مقاله نگار ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، هيرو ٺڪر، ڊاڪٽر جينو لالواڻي ۽ ڊاڪٽر ڪنعيالال ليکواڻي، اِهي سڀئي علماء حضرات خاص ڪري تحقيق جي فن جي ڄاڻ رکندڙ آهن. انهن صاحبان سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ کي پنهنجي پنهنجي دائري اندر سمجهڻ ۽ اُن جي ارتقا جو جائزو وٺڻ جي بهترين ڪوشش ڪئي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ هيءُ ڪتاب "**سنڌي ٻوليءَ جا هزار سال**" نه صرف تازه گذريل ملينيم، پر ٧١٢ع کان وٺي موجوده دور تائين؛ ائين کڻي چئجي ته تقريبا چوڏهن سؤ سالن جي "**سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ**" جو هڪ سلسلو پڻ ڪري شمار ٿي سگهندو. جيتوڻيڪ ٻوليءَ جو بيان ڪندي ڪٿي ڪٿي فطرتا ادبي ارتقا جو به احوال ڏنل آهي؛ پر جيئن ته ٻولي ۽ ادب هڪ ٻئي سان ائين ڳنڍيل آهن، جو ادب جو مدار ٻوليءَ تي ۽ ٻوليءَ جو مدار اُن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن تي آهي. تڏهن ئي ته اُن مخصوص ٻولي ڳالهائيندڙن جي عملي زندگيءَ جي عڪاسي وري ادب ذريعي ئي ڪئي وڃي ٿي.

ٻولين جي تاريخ لکڻ جو رواج جيتوڻيڪ يوروپ کان شروع ٿيو. پوءِ به هينئر ڀارت جي انيڪ ٻولين: هندي، مرائي، بينگالي ۽ گجراتي وغيره بابت مورخن ڪيترين ئي تاريخون قلمبند ڪيون آهن. سنڌيءَ جي ميدان ۾ سنڌ ۾ علماء حضرات طرفان ڪيترو ئي تحقيقي ڪم، هڪ سائنٽيفڪ نظام هيٺ ٿي رهيو آهي. هتي ڀارت ۾ به ڪجهه ڪوجنائتمڪ ڪوششون ٿي رهيون آهن. پوءِ به سياويڪ طور ڪڏهن اُتي توڙي هتي هند

۾ تاريخ نويس، بي خوديءَ ۾ بہ پنھنجي شخصي ويچارن کي آخرين نتيجو چوندي، جڏھن اُن جي ثابتيءَ ۾ قلم ھلائين تا تہ سندن ائين ڪرڻ سان افاديت ڪان اڳ ئي مونجھارا پيدا ٿي پون ٿا. اھڙي صورت ۾ ھيءُ ڪتاب ٻوليءَ جي شائقن لاءِ ھڪ صاف روشني بخشيندو، اُن جي اُميد تہ پڪ آھي؛ پر ھڪ قابل قبول ۽ ناقابل تصحيح ٻوليءَ جي تاريخ اسين قارئين کي ڏيئون؛ اُن لاءِ ھند سنڌ جي عالمن کي ھڪٻئي جي علم جو فيض وٺي گڏيل ڪوشش ڪرڻ سان ئي اھڙي بي مثل ڪاميابي حاصل ڪري سگھجي ٿي.

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ميدان ۾ ممبئي يونيورسٽي، سنڌي وياڳ طرفان ھيءُ ھڪ نيڪ خواھشات سان پريل عمل آھي. محدود وسيلن جي باوجود بہ ھڪ ڪارائتي ڪاوش ڏيڻ جي ھر ممڪن ڪوشش ڪيل آھي. اُميد تہ ٻوليءَ جا چاھڪ توڙي تمام ودوان صاحبان ھن ڪتاب جو خير مقدم ڪندا ۽ مستقبل ۾ اسان کي اڃا بہ وڌيڪ ادبي خدمت ڪرڻ جي توفيق بخشيندا.

ڊاڪٽر منوھر بختراءِ مٽلاڻي
ڊپارٽمينٽ آف سنڌي
يونيورسٽي ممبئي.

۱٦ نومبر ۲۰۰۰ع

# سنڌي ٻوليءَ جو بڻ- بنياد ۽
# پندرهين عيسوي صديءَ تائين
# اُن جو وڪاس

-ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي

# سنڌي ٻوليءَ جو بڻ- بنياد ۽
# پندرهين عيسوي صديءَ تائين اُن جو وڪاس

## -ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

ديش جي آزاديءَ ڪانپوءِ ڀارت ۾ توڙي سنڌ ۾ سنڌي ڀاشا وگيان، سنڌي ٻوليءَ جي رچنا، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ- بنياد ۽ تواريخي اوسر بابت سنڌيءَ ۾ هينئر جيترو لکيو ويو آهي، اوترو ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ سنڌي عالمن نہ لکيو هئو. پر اِنهيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي جنم ۽ بڻ- بنياد بابت جيترا مختلف رايا پيش ڪيا ويا آهن، اِن باري ۾ جيترو مونجهارو پيدا ڪيو ويو آهي، اوترو ٻيءَ ڪنهن بہ هاڻوڪي ڀارت جي ٻوليءَ جي جنم بابت مون کي نظر نہ آيو آهي. اِنهيءَ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ منهنجي ويچار ۾ اِنهيءَ مونجهاري جا مکيہ سبب آهن: سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين جي وچ ۾ آپسي سنٻنڌ جي پوري ڄاڻ نہ هئڻ، سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش ۾ لکيل گرنٿن، شلا ليکن جي ٻوليءَ جو اڀياس نہ ڪرڻ، ڪنهن بہ سوچ- ويچار ڪانسواءِ يورپي عالمن جي لکڻين مان حوالا پيش ڪرڻ، سنڌيت جي جذبات وچان هرهڪ ڳالهہ جو مُول 'موهن جي دڙي' جي سڀيتا ۾ ڳولهڻ، ويدن جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ سان سنڌيت جي سنٻنڌ کي ناڪارڻ، ۽

قديم پارت ۾ ٻولين ۽ اُپ ٻولين جي صحيح حالتن جي شناس نہ هئڻ. اِنهيءَ ڪري ڪيترن هنڌن تي هڪ ئي ليکڪ جي لکڻين ۾ پڻ تضاد تا نظر اچن. هتي ٿوري ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ- بنياد بابت پيش ڪيل مکيہ راين جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو:

## ١. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو رايو:-

ڊاڪٽر بلوچ، هن موضوع تي سن ١٩٥٠ع ۾ لاڙڪاڻي جي ادبي سيمينار ۾ هڪ مضمون پڙهيو هئو. هو اُن ۾ وقت بہ وقت سُڌارا ۽ واڌارا ڪندو رهيو. ١٩٦٢ع ۾ سندس ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ' شايع ٿيو. هن وڌيڪ ۽ وڌيڪ اڀياس جاري رکيو. اُن جي آڌار تي سندس ويچارن ۾ ڪي قدر تبديل بہ آئي. بلوچ پنهنجي ڪتاب جو سُڌاريل ۽ وڌايل ڇاپو سن ١٩٨٠ع ۾ شايع ڪيو. اُن ڪتاب جو نالو آهي: 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ.' اِنهيءَ ۾ قديم دؤر کان وٺي سن ١٦٩٠ع تائين سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي اوسر تي روشني وڌي ويئي آهي. اِنهيءَ جو ٽيون سڌاريل ايڊيشن سن ١٩٩٠ع ۾ شايع ٿيو آهي. اِن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ- بنياد بابت ڊاڪٽر بلوچ جو ٿوري ۾ رايو هن ريت آهي:

١. سنڌ جي قبل-از-تاريخي قديم تهذيب جي ٻوليءَ جا آثار 'مئن جي دڙي' جي کنڊرات مان مليل مهرن ۾ محفوظ آهن. اِنهيءَ قبل- از- تاريخي قديم ٻوليءَ جي حقيقت معلوم نہ ٿي سگهي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ **اها ڪا "سامي- صفت" ٻولي هجي**، جيڪا عراق جي قديم 'سميري تهذيب' جي ٻوليءَ جي ساٿياري هئي. مقامي طور، اُن جي **دراوڙي سلسلي سان نسبت ٿي سگهي ٿي.**

**(٢) موجوده سنڌي ٻولي سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اسري. اها هند- آريائي ٻولي آهي.** لهندا

(سرائڪي، بهاولپوري، ملتاني- ديري والي، هندڪو)، ڪشميري ۽ اُترئين سنڌو- ماٿر جون داردي ٻوليون اُن جون پينرون آهن. بودوباش جي لحاظ سان اِهي مڙيئي سنڌو ماٿر جون آڳاٽيون ’هند- آريائي‘ ٻوليون آهن. پر سِناءَ ۽ تاريخي اِرتقا جي لحاظ سان اِهي هن براعظم جي ٻين ’هند- آريائي‘ ٻولين ڪان نراليون آهن. ڇاڪاڻ تہ اُنهن جي بناوت ۾ اوسر ۾ منڊا ۽ دراوڙي ٻولين ڪانسواءِ هند- ايراني ۽ اولهہ ڪان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين جي اثر ڪان بہ دخل آهي.

(۳) سنڌي اُنهيءَ ’وراچڊ اپڀرنش‘ مان نڪتل نہ آهي، جنهن جو اڳين نحوين ذڪر ڪيو آهي. ”سنڌيءَ جو خمير سنڌ جي سر زمين ۾ تيار ٿيو. ان جو بڻ- بنياد، ان جو پنهنجو موروثي سرمايو ئي آهي، جنهن جي تاريخ سنسڪرت کي اڳ واري ”پروٽو- پراڪرت“ يا ”پهرين پراڪرت“ تائين پهچي ٿي.

(صفحو ۲۹-۳۰)

## (۲) سراج الحق جو رايو:-

سراج الحق ”سنڌي ٻولي“ نالي سان اپريل ۱۹۶۴ع ۾ هڪ ڪتاب لکي شايع ڪرايو. اُن جو مکيہ مقصد هئو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اِنهيءَ راءِ کي رد ڪرڻ تہ ’مئن جي داڙي‘ جي ٻولي ڪا ’سامي- صفت‘ يعنيٰ (سيميٽڪ ٻولين جهڙي) زبان هئي، جيڪا عراق جي قديم ’سُميري تهذيب‘ جي ٻوليءَ جي ساٿياري هئي.

’سنڌي ٻولي‘ ڪتاب جي ’پيش لفظ‘ ۾ سِراج لکيو آهي تہ ”باوجود اِن ڳالهہ جي تہ سنڌي ۽ سنسڪرت جو مائٽاڻو ناتو ثابت ٿئي ٿو، سنڌيءَ جي تاريخ سنسڪرت کان بہ ڪهني آهي، ۽ هڪ طرح سان سنسڪرت ۽ اُن سان لاڳاپيل تمدن، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ مان اُسريا آهن... سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي، تہ سنسڪرت تي تہ

سنڌيءَ جو اِن کان ٻـ وڏو قرض آهي. **سنسڪرت تہ هڪ طرح سان سنڌيءَ جي ڄائي آهي. سڌيءَ طرح نہ سهي، اڻ- سڌيءَ طرح سهي.»**

اِن ڪتاب جو ديباچو، سنڌي ٻوليءَ جي مشهور عالم، محمد ابراهيم جويو لکيو آهي. هن ديباچي جي آخر ۾ سراج جي پيش ڪيل راءِ کي توري ۾ هن ريت سمجهايو آهي: ''(هاڻوڪي) سنڌي توڙي سنسڪرت ( ۽ ٻيون اڪثر هند- پاڪستاني ٻوليون) سيئي ڪنهن هڪڙيءَ ساڳيءَ آڳاٽيءَ (آوائلي) ٻوليءَ مان نڪتل آهن. جنهن کي پڻ هو 'سنڌي' سڏي ٿو، پر جنهن لاءِ هو شايد 'پروٽو- سنڌي' يا 'پروٽو- اِنڊڪ' (يا پروٽو- هند- يوروپي) لفظ اِستعمال ڪرڻ وڌيڪ موزون سمجهندو. اِن آڳاٽيءَ ٻوليءَ متعلق سندس راءِ آهي تہ اُها اصل هتي سنڌو ماتريءَ ۾ ئي پيدا ٿي، ۽ سنڌو ماتريءَ جا ماڻهو ئي پوءِ اُن کي هند- پاڪستان جي ٻين حصن ۽ اُن کان ٻاهر ٻين ملڪن ڏانهن پاڻ سان کڻي ويا. جتي اُها ماحول جَي تبديليءَ ۽ نين ضرورتن سبب الڳ الڳ ٻولين جي صورت اختيار ڪري ويئي...

لائق مصنف اِن آڳاٽيءَ ٻوليءَ جا تحريري نشان موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي مهرن ۾ موجود سمجهندي، اُنهن مهرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ جيڪي پڙهٽيون هو قائم ڪري سگهيو آهي، تن مان هو اِن نتيجي تي پهتو آهي تہ اسان جي (هاڻوڪي) سنڌي ٻولي، سڌيءَ طرح اُن آڳاٽيءَ ٻوليءَ جي اُسريل ۽ ترقي يافتہ صورت آهي.''

## (٣) ڊاڪٽر غلام علي الانا جو رايو:-

ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل تي سنڌيءَ ۾ ۽ انگريزيءَ ۾ مقالا لکي پنهنجا ويچار پڻ ظاهر ڪيا آهن. اِن باري ۾ سندس راءِ ۾ وڌيڪ اڀياس ڪرڻ بعد ڪجهہ تبديل بہ آئي آهي. هن پنهنجي نئين رائي کي وستار سان هڪ ڪتاب جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. جنهن جو نالو آهي **"سنڌي ٻوليءَ جو بڻ- بنياد»** (تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو)، زيب ادبي

مرڪز، حيدرآباد سنڌ، ١٩٧٤. اِلهيءَ ڪتاب ۾ آلانا جن نتيجن تي پهتو آهي، سي هن ريت آهن:-

(١) آرين جي اچڻ کان اڳ برصغير ۾ دراوڙي ٻوليون چالو هيون. اِنهيءَ ڪري چئبو ته سنڌو ماٿر ۾ به آرين جي اچڻ کان اڳ ڪا غير- آريائي ٻولي چالو هئي. اِنهيءَ آڌار تي چئبو ته موهن جي دڙي واري ٻولي به ڪا قديم دراوڙي ٻولي هئي.

(٢) سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي نظام، دراوڙي ٻولين جي صوتياتي نظام سان هڪجهڙائي رکي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي صرفيائي ۽ نحوي سٽاء به دراوڙي ٻولين جي اهڙي سٽاء سان ملي ٿي.

(٣) سنڌي ٻولي بنيادي طور غير- آريائي ٻولي آهي. جنهن کي 'سئنڌوَ' ٻولي يعني سنڌي ٻولي چئي سگهجي ٿو. جيڪا بنيادي طور توراني ٻولين جي خاندان سان واسطو رکي ٿي. سيني دراوڙي ٻولين جو بڻ- بنياد به موهن جي دڙي واري ٻوليءَ ۾ آهي.

(٤) سنڌي ٻولي آرين جي اچڻ کان اڳ، موهن جي دڙي واري تهذيب جي ٻولي هئي. جنهن تي پهرين داردي ۽ ايراني سرحد وارين ٻولين جو اثر ٿيو، ۽ اُن کانپوءِ سنسڪرت جو، پوءِ پاليءَ جو. مختلف ٻولين جي اثر جي باوجود سنڌي ٻوليءَ جو صرفي ۽ نحوي سٽاءُ گهڻو ڪري ساڳيو رهيو. البت ٻوليءَ جو لفظي خزانو ڳاڙ ٻڻجي ويو. اڄ به سنڌي ٻولي پنهنجين خوبين ۽ انوکين ڳالهين کي پاڻ وٽ بچائيندي، پنهنجي اِنفراديت قائم رکيو بيلي آهي.

### (٤) ايم. ايڇ. پنوهر جو رايو

سنڌ جي هڪ ٻئي عالم پنوهر، سنڌ جي اِتهاس، جاگرافي ۽ آرڪيالاجيءَ جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. قديم سنڌ جي ٻولين ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت سندس هڪ تحقيقي مقالو "**سنڌ ڪوارٽرلي**" نالي مخزن جي سال ١٩٨٥، نمبر ٻئين پرچي ۾ ڇپيو آهي.

اُن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ- بنياد کي هن ريت سمجهايو آهي:-

عيسوي سن کان پهرين ٣٥٠٠ کان ١٠٠٠ سال اڳ واري دؤر ۾، سنڌ ۾ دراوڙ لوڪ ۽ اِنڊو-يوروپي لوڪن جا قبيلا گڏ رهندا هئا. اِنڊو- يوروپي نسل جا ماڻهو يوروپ، ميسوپوٽاميا، ايران- افغانستان کان ٿيندا، پوءِ بلوچستان ۽ سنڌ- پنجاب وارن علائقن ۾ پهتا هئا. اُن زماني ۾ سنڌ- پنجاب وارن ميدانن ۾ اٽڪل اَسي سيڪڙو انڊو- يوروپي قبيلا هئا ۽ فقط ويهه سيڪڙو ڪن دراوڙ لوڪ هئا. اِنهن ٻنهي نسلن جي ماڻهن جي سيپتا ۽ ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر پيو. اِنهن ٻنهي جي گڏيل سيپتا ۽ سنسڪرتيءَ جا اُهڃاڻ اَسان کي سنڌو ماتريءَ جي کوٽائيءَ مان ظاهر ٿيل پراچين سنسڪرتيءَ ۾ نظر اچن ٿا. رگ ويد جي سنسڪرتيءَ وارا آريه- لوڪ، عيسوي سن کان اٽڪل هڪ هزار سال اڳ واري زماني ۾ سنڌ ۾ پهتا هئا. اُنهن جي ٻولي ’ويدڪ- سنسڪرت‘ اُنهيءَ پروٽو- اِنڊو- يوروپين ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتي آهي، جنهن مان سنڌو ماتريءَ ۽ اُنهيءَ جي پر وارين ايراضين جون ٻيون پراچين ٻوليون بہ ڦٽي نڪتيون آهن. اُنهن ٻين ٻولين کي اَسين پروٽو- سنڌي، پروٽو- پنجابي، پروٽو- گجراتي، پروٽو- هندي وغيره نالا ڏيئي سگهون ٿا. هند- آريائي ٻيون ٻوليون بہ اِنهن سان گهٽي هڪ جهڙائي ڏيکارين ٿيون. اِنهن هند- آريائي ٻولين ۾ آوازن ۽ وياڪرڻي بيهڪ جي لحاظ کان اَسي سيڪڙو عناصر اِنڊو- يوروپي ٻولين جا آهن ۽ فقط ويهه سيڪڙو ڪن اُهڃاڻ ۽ لفظ دراوڙي ۽ ديسي ٻولين جا ملن ٿا. ويدڪ سنسڪرتيءَ وارا آريہ لوڪ، نهايت برجستا ۽ اعليٰ دماغ هئا. اِن ڪري هنن جي ٻوليءَ، ڌرم، سيپتا ۽ سنسڪرتيءَ جو گهڻو اثر سنڌو ماتر جي سيپتا ۽ ٻوليءَ تي پيو. وقت گذرندي هو اوپر هندستان ۽ هن ملڪ جي ٻين حصن ۾ بہ ڦهلجي ويا. اُنهن هنڌن تي هنن پوءِ پنهنجا جن- پد راجيہ برپا ڪيا.

پنوھر جي اِلهيءَ سمجھاڻيءَ مطابق **سنڌي ٻوليءَ جو بڻ- بنياد پروٽو- انڊو- يوروپي ٻولي آهي.** ويدڪ سنسڪرت جو وڪاس بہ اِنهيءَ ٻوليءَ مان ٿيو آهي. ٻيون هند- آريائي ٻوليون بہ اِنهيءَ سٽ جون آهن.

(انگريزيءَ ۾ لکيل مقالي جو سنڌيءَ ۾ سار).

## (۵) ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو رايو

ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ سنڌي عالمن ۾ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي اول نمبر تي ليکبو. جنهن سنڌ جي تاريخ، جاگرافيءَ ۽ ٻوليءَ تي گهڻي ۾ گهڻي تحقيق ڪئي. هن **"سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"** نالي ڪتاب لکي ۱۹۴۱ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جيڪو اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس لاءِ هڪ بنيادي ڪتاب آهي. هن اڪثر ڀاشا وگيانين جي لکڻين جو اڀياس ڪري سنڌي ٻوليءَ جو بنياد سنسڪرت مان ڄاڻايو آهي ۽ ٻوليءَ جي وڪاس جو سلسلو هن ريت سمجهايو آهي:- ويدن جي سنسڪرت، ڪلاسيڪل سنڪرت، پالي، پراڪرت، اپڀرنش، سنڌي.

هند- آريائي ٻولين جي وڪاس جو اِهو سلسلو تہ ٺيڪ آهي، پر اِهو ايترو سڌو سنئون ۽ سرل نہ آهي. وڪاس جو درست طريقو حقيقت ۾ ٻيو آهي، جنهن تي اڳتي هلي ويچار ڪبو.

سنڌ جي عالمن جا رايا جيڪي شروعات ۾ ڏنا ويا آهن، اچو تہ اُنهن تي ڪجھ ويچار ڪريون. موهن جي دڙي جي ٻولي ۽ لپيءَ بابت گهڻن ئي ڀارتي ۽ پرڏيهي ماهرن پنهنجا پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن. پر اِها حقيقت آهي تہ اِنهيءَ مسئلي جو اهڃاڻ حل اڃا تائين نہ نڪتو آهي، جنهن سان سڀ ماهر شامل راءِ ٿين. ڪي عالم سنڌو سڀيتا جي ٻوليءَ کي پروٽو- سنسڪرت يا اوائلي پراڪرت ٿا سمجھن تہ ٻيا اُن کي دراوڙ نسل جي قديم ٻولي ٿا ليکين. ڊاڪٽر بلوچ موهن

جي ڏڙي جي ٻوليءَ کي سامي- صفت يا عراق جي قديم شميري ٻوليءَ جي ويجهو ٿو سمجهي. اِنهيءَ جو مقصد فقط سنڌو ماتريءَ جي سڀيتا کي عراق ۽ عرب ملڪن سان ڳنڍڻ جو موہ آهي. ساڳيءَ طرح، سر جان مارشل ۽ ٻين ڪن ماهرن جو اِهو اندازو به هاڻي قبوليو نٿو وڃي تہ هن سڀيتا جا اصلوڪا رهاڪو دراوڙ هئا، جن کي حملہآور آرين سنڌ مان هڪالي پڇاڙي ڪڍيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو اِهو نظريو درست آهي تہ موجوده سنڌي ٻولي هڪ هند- آريائي ٻولي آهي، جنهن جو بنياد سنڌ جي مقامي 'پروٽو پراڪرت' يا 'اوائلي پراڪرت' ۾ آهي. جيڪا سنسڪرت کان اڳ انهيءَ علائقي ۾ مروج هئي. پر جڏهن هو لکي ٿو تہ سنڌي ٻولي سڌو- سنئون سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي، تڏهن لڳي ٿو تہ کيس اوائلي پراڪرتن ۽ سنسڪرت جي آپسي رشتي جي ڄاڻ نہ آهي.

سراج الحق سنڌيت جي جذبات وچان سنسڪرت کي ۽ ٻين اڪثر هند- پاڪستاني ٻولين کي سنڌي ٻوليءَ (حقيقت ۾ اِن کي چوڻ گهرجي پروٽو هند-يوروپي، پروٽو-اِنڊڪ يا سنڌ جي اوائلي پراڪرت) مان نڪتل ڄاڻايو آهي. اِنهيءَ قديم سنڌ جي ٻوليءَ کي 'سنڌي' سڏڻ سان اِها غلط فهمي ٿي پيدا ٿئي تہ هاڻوڪي سنڌي ٻولي اُن قديم دؤر ۾ پڻ ساڳيءَ وياڪرڻي بيهڪ ۽ صورت ۾ مروج هئي. ڀاشا وگيان جي اصولن مطابق اِهو بيان بلڪل غلط آهي. ڇو تہ سنسڪرت سنجوڳي منزل واري ٻولي آهي. ٻئي طرف سنڌي ۽ ٻيون سڀ هاڻوڪيون هند- آريائي ٻوليون مفصل منزل (Analytical stage) واريون آهن. پراڪرت ٻوليون پڻ قديم زماني ۾ سنسڪرت جي ڀيٽ ۾ سرل ۽ سڌي سادي وياڪرڻي بيهڪ واريون هيون. ڀاشا وگيان جي اُصولن (جهڙوڪ: اُچار- سهنج، Simple Pronunciation؛ ڪشالي جو سنجم Economy of Effort) موجب ٻولين ۾ تبديل هميشہ پيچيده ۽ اؤکي سرشتي کان آسان ۽ سؤکي سرشتي طرف

ٿيندي آهي. اِنهيءَ ڪري پراڪرت يا قديم سنڌي ٻوليءَ مان سنسڪرت جو جنم ليکڻ غلط آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا موهن جي دڙي جي ٻوليءَ بابت انومان ڪيو آهي تہ اُها قديم يا پروٽو دراوڙ ٻولي هئي. اُنهيءَ مطابق هن هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ دراوڙي لفظ ۽ وياڪرڻ جا روپ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حقيقت ۾ ڏسبو تہ هاڻوڪي سنڌي ٻولي دراوڙي ٻولين جي پيٽ ۾ آسي- نوي سيڪڙو هاڻوڪين هند- آريائي ٻولين ۽ قديم پارٽ جي ٻولين (ويدن واري سنسڪرت، ڪلاسيڪل سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش) سان هڪ جهڙائي رکندڙ آهي. ڀاشا وگيان جي اُصولن موجب اِها بہ عظيم ڀل ليکبي تہ دراوڙي نسل جي بنياد مان نڪتل ڪابہ ٻولي وڪاس دؤران ايتري قدر بدلجي وڃي، جو اُها ڪنهن ٻئي سَٽَ جي ٻولين (جيئن تہ: هند- آريائي ٻوليون) ۾ شامل ٿي، اُنهن جهڙو روپ اختيار ڪري ولي.

پنوهر جو اِهو رايو درست آهي تہ سنڌي ٻولي پروٽو- اِنڊو- يوروپي ٻولين جي نسل مان آهي. پر انهن ٻولين جي وڪاس جون منزلون، جدا جدا دؤرن جو وقت ۽ اُن موجب قديم ۽ هاڻوڪين ٻولين جي درجہ بندي تسليِ بخش نہ آهي. ٻيو تہ اِنڊو- يوروپي نسل جا لوڪ جن ۾ ويدن واري سپيتا جا آريہ لوڪ بہ شامل آهن، اُهي سنڌو ماتريءَ ۾ ٻاهران اچي اُتي رهيا؛ اِنهيءَ کي بہ اَڄ ڪالهہ جي نئين کوجنا جي روشنيءَ ۾ قبول نہ ڪيو وڃي.

منهنجي ويچار ۾ ڀاشا وگيان جي ماهرن جدا جدا لکيتن جي آڌار تي پارنيہ آريہ ڀاشائن جو اڀياس ڪري، جنهن طريقي سان اُنهن جو جنم ۽ وڪاس سمجهايو آهي، اُهو پختين ثابتين تي بيٺل آهي. اُن ۾ شڪ- شبهي يا انومان جي گنجائش نہ آهي. اُنهن جي وڪاس جون مکيہ ٽي منزلون آهن:

۱. پراچين پارنيہ آريہ ڀاشا ڪال (Old Indo -Aryan Period)

شري لنڪا ۾ بہ پهتو. پاليءَ جي علائقائي تفاوتن جي ڄاڻ آسان ڪي اشوڪ جي شلا ليکن جي ٻوليءَ مان پڻ ملي ٿي. عيسوي سن جي شروع ٿيڻ تائين ادبي پالي، سڄي هندستان ۾ سنسڪرت سان گڏوگڏ هڪ ڳانڍو ٻوليءَ جو بہ ڪم ڪندي رهي.

**II ادبي پراڪرت ٻوليون** (١ عيسويءَ کان ٥٠٠ع تائين)

عيسوي سن جي شروعات ڌاري عام ماڻهن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ وارين ڪجهہ ٻولين جو ايترو وڪاس ٿيو، جو اُنهن ۾ ساهتيہ جو لکيل روپ ۾ پڻ سرجڻ ٿيڻ لڳو. اِن طرح ادبي پراڪرت ٻولين جو وڪاس ٿيو. جيڪي سنسڪرت ۽ پاليءَ سان گڏ پور وچوٽيءَ تي ساهتيہ ۾ اظهار جو واهڻ بڻيون. سنسڪرت ناٽڪن ۾ عورتن ۽ ٻين ڪن پاترن جي گفتگوءَ لاءِ پراڪرت جو اِستعمال ٿيڻ لڳو. علائقائي تفاوتن جي لحاظ کان مکيہ پراڪرتون هن ريت هيون:-

**ماڳڌي پراڪرت** (پورب ۾ مگڌ يا ڏکڻ بهار جي ٻولي)

**شؤرسيني پراڪرت** (اولهہ ڀارت جي ٻولي)

**اردماگڌي** (گاڏڙ روپ واري پراڪرت، جيڪا جين ڌرم-گرنٿن ۾ ڪتب آندي ويئي آهي.)

**مهاراشٽري** (مهاراشٽر ۽ اُن جي آس پاس وارن علائقن جي ٻولي. اِها پوءِ ادب ۾ ڪتب اچڻ لڳي ۽ ڳانڍو ٻوليءَ جو بہ ڪم ڪيائين)

**پئشاچي پراڪرت** (اُتر- اولهہ ڀارت جي پراڪرت ٻولي)

هتي اِهو ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي تہ ساهتيہ ۾ استعمال ٿيل پراڪرت ٻوليون ادبي ۽ معياري درجي واريون آهن. اُنهن تي سنسڪرت جو گهڻو اثر ٿيل آهي. اُنهن جي ڀيٽ ۾ ٻول چال واريون پراڪرتون ڇڳي قدر فرق رکندڙ هيون. جن ۾ مقامي ۽ ڏيهي لفظ ۽ وياڪرڻ جا روپ اِستعمال ٿيندا هئا.

**III اپڀرنش ٻوليون** (٥٠٠ع کان ١٠٠٠ع تائين)

سنسڪرت ۽ پراڪرت جا وياڪرڻ لکندڙن، سنسڪرت کي

هڪ ماڊل يا آدرش طور ڪٽي، پراڪرت ٻولين جي تبديل جا نيم سمجهايا آهن. جن ۾ ڪجهه نيم صاف صاف اسپاويڪ تا نظر اچن. ساهتيڪارن بہ اڪثر اُها پراڪرت، ناٽڪن ۽ ڪاويہ ۾ استعمال ڪئي آهي. حقيقت ۾ ڏسبو تہ ٻول چال ۾ پراڪرتن جو روپ ادبي روپ کان ڪي قدر الڳ هئو. جن ڳالهائڻ- ٻولهائڻ وارين ٻولين جي آڌار تي ادبي پراڪرتن جو وڪاس ٿيو هئو، اُنهن ۾ لڳاتار تبديل ايندي رهي. ادبي پراڪرتن جي پيٽ ۾ وياڪرڻ لکندڙن اُنهن ٻولين کي اپڀرنش يعني ادبي معيار کان بگڙيل ٻوليون سڏيو. پنجين- ڇهين عيسوي صديءَ ڌاري انهن اپڀرنش ٻولين جو بہ پاڳ ڪليو. اُنهن جو اِستعمال ادبي لکڻين ۾ ٿيڻ شروع ٿيو. پر ساهتيڪار گهڻو ڪري ادبي پراڪرتن جي آڌار تي ٻول چال وارن روپن کي ڦيرائي، اُنهن کي معياري روپ ڏيئي پنهنجين لکڻين ۾ اِستعمال ڪندا هئا. اِنهيءَ ڪري اَدبي اپڀرنش مان اُن دؤر جي ڳالهائڻ وارين ٻولين جي حقيقي روپ جي فقط جهلڪ ملي ٿي.

هرهڪ علائقي جي پراڪرت جو اپڀرنش روپ هئو. پر وياڪرڻ لکندڙن فقط ٽي مکيہ ڀيد ڇاٽايا آهن: ناگر، اُپ ناگر ۽ وراچڊ. اِنهن ۾ ناگر اپڀرنش مکيہ هئي، جيڪا گجرات ۾ ڳالهائي ويندي هئي. گجرات جي مشهور ساهتيڪار آچاريہ هيمچندر (ٻارهين عيسوي صدي) پنهنجي لکيل گرنٿ "سِدهيم- شبد انوشاسن" ۾ سنسڪرت، پراڪرت کان پوءِ آئين پاڱي ۾ اپڀرنش جو وياڪرڻ لکيو آهي. هن جي راءِ موجب اپڀرنش جو آڌار شؤرسيني پراڪرت آهي. اِنهيءَ ڪري هن اپڀرنش جي روپ جون خاصيتون ڏيئي پوءِ لکيو آهي تہ باقي روپ شؤرسينيءَ وانگر سمجهڻ گهرجي. اُپ- ناگر اپڀرنش اولهہ راجستان ۽ ڏکڻ پنجاب جي ٻولي هئي، جنهن ۾ ناگر ۽ وراچڊ جون ڪجهه خاصيتون بہ ملن ٿيون. وراچڊ اپڀرنش سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي، جنهن جون ڪجهه خاصيتون مارڪنڊيہ پنهنجي وياڪرڻ 'پراڪرت- سَروَسوَ' ۾ سمجهايون آهن.

هڪ هزار عيسوي سن جي آس پاس ٻول چال وارين ٻولين جو ٻہ ايترو وڪاس ٿيو، جو اُنهن ۾ ساهتيہ سرجڻ ٿيڻ لڳو. اِن طرح جدا جدا علائقن ۾ اُتر ڀارت جي هاڻوڪين هند- آريائي ٻولين (هندي، پنجابي، سنڌي، گجراتي، راجسٿاني، مراٺي، بنگلا، اُڙيا، آسامي وغيره) مان گهڻين ئي ٻولين ادبي درجو حاصل ڪيو.

هتي اِنهيءَ ڳالھ جو ڌيان رکڻ گهرجي تہ جن جن اپڀرنشن ۾ هاڻوڪيون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، اُتي اُتي اُنهن جي قديم دؤر ۾ اپڀرنش ۽ اُنهن کان اڳ پراڪرت روپ مروج هئا. اِنهن جو اتهاس رگ ويد واري زماني ۾ ٻول چال وارين آوائلي پراڪرت ٻولين تائين وڃي ٿو پهچي. سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش ۾ لکيل ساهتيہ جيڪو روشنيءَ ۾ آيو آهي، اُن ۾ ٻول چال وارين اَنيڪ ٻولين جو فقط هڪ ادبي ۽ معياري روپ محفوظ رهيو آهي. اُنهن ۾ هاڻوڪين سيني آريہ- ٻولين جي آڳاٽي روپ جي فقط هڪ جهلڪ ملي ٿي.

(٣) ڀارتيہ آريہ ڀاشائن جو نئون دؤر (New Indo -Aryan Period) (١٠٠٠ع کان وٺي اَڄ تائين)

جدا جدا علائقن جون هند- آريائي ٻوليون جڏهن ايتري قدر بدلجي ويون، جو اُنهن جو روپ ادبي اپڀرنش کان چڱي قدر تبديل ٿي ويو ۽ ٻئي طرف نرالين خاصيتن سببان پاڙيسري علائقائي ٻولين ۾ بہ هرهڪ جو پنهنجو الڳ وجود ظاهر ٿي بيلو. تڏهن کان وٺي ڀارتيہ آريہ ڀاشائن جي نئين دؤر جي شروعات ٿي. اِهو زمانو اٽڪل هڪ هزار عيسوي سن جي آس پاس آهي، جيڪو اَڄ تائين پيو هلي. هرهڪ علائقي ۾ ٻول چال ۾ ٻولين جا گهڻي ئي فرق آهن، جن کي اُپ ٻوليون يا اُپ- ڀاشائون چئجي ٿو. اُنهن مان جدا جدا سببن ڪري ڪنهن هڪ ٻوليءَ جو ايتري قدر وڪاس ٿئي ٿو، جو اُها تعليم ۽ ساهتيہ جي کيتر ۾ اِستعمال ٿيڻ ڪري پنهنجي ڀاشائي تنگ دائري مان نڪري، سڄي ڀاشائي علائقي جي عام ادبي ٻولي بڻجي وڃي ٿي. اِن طرح هن دؤر ۾ هندي، سنڌي، پنجابي، گجراتي، مراٺي، راجسٿاني، بنگلا، اُڙيئا، آسامي وغيره مکيہ ادبي ڀاشائون آهن. پر هرهڪ ڀاشائي

ايراضيءَ ۾ ٻول چال ۾ اُن ادبي ٻوليءَ جون جدا جدا اُپٻاشائون بہ آهن.

سنڌيءَ جو مثال ڪٽو. سنڌ ۾ مکيہ اُپ ڀاشائون آهن: سريلي، وچولي، لاڙي، لاسي، ٿري ۽ ڪڇي (جيڪا ڪڇ- گجرات ۾ ڳالهائي وڃي ٿي). ڏنڌي ۽ ذاتين جي لحاظ کان سنڌ ۾ اُپڀاشائن جا اڄا بہ وڏيڪ فرق ملن ٿا. جيئن تہ: اوڏن جي ٻولي، ڀيلن ميگهواڙن جي ٻولي، سوڍن جي ٻولي، اوکائي ميمڻن جي ٻولي، مهاڻن ۽ ملاحن جي ٻولي وغيره. اِنهن مڙني ٻولين ۾ ساهتيءَ ۽ وچولي سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ جو ايتري قدر وڪاس ٿيو، جو اُها تعليم ۽ ادب جي کيتر ۾ ڪتب اچڻ ڪري هڪ معياري درجي تي وڃي پهتي. اِن طرح جدا جدا اُپڀاشائن وارا سنڌي بہ لکڻ پڙهڻ ۾ اُن جو اِستعمال ڪن ٿا. ڇاهي پنهنجن گهرن ۾ يا پنهنجين ڀاشائي ايراضين ۾ اُهي پنهنجي اُپ- ڀاشا ڳالهائيندا آهن.

## سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس

ڀارتيہ آريہ ڀاشائن جو وڪاس جنهن ريت هتي سمجهايو ويو آهي، اُن مان صاف ظاهر آهي تہ رگ ويد جا منتر جڏهن سنگره ڪيا ويا، اُن زماني ۾ ۽ اُن کان بہ ڪجھ صديون اڳ هاڻوڪي سنڌ پرانت ۽ اُنهيءَ جي آس پاس آريہ لوڪ جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، اُنهيءَ مان ئي هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ جو جنم ٿيو آهي. ويدڪ سنسڪرت جي هڪ اُپ ڀاشا هئڻ ڪري، اُنهيءَ ٻوليءَ جو روپ رگ ويد جي منترن واري ڀاشا سان گهڻي قدر ملندڙ هئو. اُنهيءَ ٻوليءَ کي اسين "اوائلي پراڪرت سنڌي" (اوائلي پراڪرت ٻولين جي زماني ۾ سنڌ جي ٻولي) چئون ٿا.

عيسوي سن کان ٦٠٠ ورهيہ اڳ جڏهن پاڻنيءَ سنسڪرت جو وياڪرڻ لکي، اُنهيءَ جو هڪ معياري روپ بيان ڪيو؛ تڏهن کان وٺي سنسڪرت ساهتيہ ۾ ٻولي گهڻي قدر اُنهيءَ صورت ۾ اِستعمال ٿيڻ لڳي. اُن جو ڦهلاءُ سڄي ڀارت ۾ ۽ ڀارت جي حدن کان ٻاهر پڻ ٿيو. انهيءَ ڪري ڀارت جي سڀني ٻولين وانگر سنڌ جي ٻوليءَ تي بہ سنسڪرت جو گهڻو اثر ٿيو. پر جيئن تہ سنڌ جي ٻولي، اُن زماني ۾ مروج اوائلي پراڪرتن مان هڪ هئي، اُنهيءَ ڪري اُن ۾ عام ماڻهن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي عادتن موجب،

سنسڪرت تتسم شبدن جا تديو روپ گهٽي تعداد ۾ ملن ٿا. اِهائي حالت پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش ٻولين جي بہ آهي.

وڪاس جي سلسلي ۾ ادبي ڀاشائن جي آڌار تي اسين سنڌ جي ٻوليءَ جي وڪاس جون منزلون بہ هن ريت سمجهائي سگهون ٿا:-

(١) پالي- سنڌي: آدبي پاليءَ جي زماني ۾ سنڌ جي ٻول چال واري ٻولي.
(عيسوي سن کان ٥٨ سال اڳ کان وٺي عيسوي سن جي شروع تائين)

(٢) پراڪرت- سنڌي: آدبي پراڪرتن جي زماني ۾ سنڌ جي ٻول چال واري ٻولي)
(١ عيسويءَ کان وٺي ٥٠٠ عيسويءَ تائين)

(٣) اپڀرنش- سنڌي: آدبي اَپڀرنش جي زماني ۾ سنڌ جي ٻول چال واري ٻولي.
(٥٠٠ع کان وٺي ١٠٠٠ع تائين)

ادبي ٻوليءَ ۽ اُن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ واري روپ ۾ توڙي اُن جي اُپڀاشائن ۾ گهڻو تفاوت نہ هوندو آهي. اِنهيءَ اُصول موجب، سنڌ جي اوائلي پراڪرت جو روپ رگ ويد واري سنسڪرت ۽ ڪلاسيڪل سنسڪرت جي تمام نزديڪ سمجهڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح پالي، پراڪرت ۽ اَپڀرنش ساهتيہ ۾ جيڪا ادبي معياري ڀاشا اسان کي ملي ٿي، اُنهيءَ جي زماني ۾ سنڌ جي ٻول چال واري ٻولي بہ اُنهن ادبي ٻولين سان گهڻي قدر هڪجهڙائي رکندڙ هئي. وڪاس دؤران هاڻوڪي سنڌي گهڻي قدر بدلجي چڪي آهي. اُنهيءَ هوندي پڻ اُن ٻوليءَ آريائي گهڻيئي آڳاٽيون خاصيتون پاڻ وٽ محفوظ رکيون آهن. ٻين هاڻوڪين هند- آريائي ٻولين جي ڀيٽ ۾ اُهي پاڻ سنڌيءَ ۾ گهڻيون سلامت آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ چوسٽا آواز: ڳ، ڄ، ڏ، ٻ ۽ اسمن، حرف جر ۽ فعلن سان ضميري پڇاڙين جو گڏيل استعمال ڏسي اِهو چوڻ بنه غلط آهي تہ سنڌيءَ جو بڻ- بنياد ٻين هند- آريائي ٻولين کان ڪو علحده آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي اِنهن نرالين خاصيتن جو وڪاس اسين آسانيءَ سان ٻوليءَ جي اوسر دؤران سمجهائي سگهون ٿا. هتي اِنهيءَ کي سمجهائڻ لاءِ آڳاٽين ٻولين سان سنڌيءَ جي هڪجهڙائي ڏيکارڻ لاءِ ڪجھ مثال پيش ڪجن ٿا:

### (ا) ويدن جي سنسڪرت ۽ سنڌي

ناهري (نائون مهينو) مِنگر، مَگهر، مارگ شيرش، لفظ فقط سنڌي ٻوليءَ ۾ ملي ٿو. اِن جو بنياد آهي.

नव- अन्न- आहार नव- आहार- नवाहार -नाहार -नाहिरी

نو-اَن-آهار نو-آهار- نواهار- ناهار- ناهري

| سنڌي | ويدن جي سنسڪرت | سنسڪرت | |
|---|---|---|---|
| جهوُر (ٻيڊو) | جوُريه | (जूर्य:) | - |
| جهونو (پراڻو) | جوُرڻه | (जूर्ण:) | جيرڻ |
| وارَ (ڪيش) | واره | (वार:) | - |
| ڳوُڙهو | گوُڙه | (गूळह) | - |
| سدرو | سَده | (सद:) | - |
| آڪيرو | آڪره | (आखर:) | - |
| اَٿاسو | اَناسه | (अनास:) | - |
| مَهراڻ | مهو ارڻه | (महो अर्ण:) | |
| ريوو (نالو) | ريوان (ڏنوان) | (रेवान्) | |
| چوُلو | چوُلو (اعليٰ، شريشٽ) | (चूल:) | |

(ويدن جي زماني ۾ سياري جو فصل ناهريءَ ۾ لڻندا هئا، اِن ڪري اُن کي نئين فصل جو اَن چوندا هئا. سال جي شروعات بہ اِن مهيني کان ٿيندي هئي. جنهن ڪري اُن کي اَگهن، اگرهاين بہ چوندا هئا. سنڌيءَ ۾ مِنگر يا منگهر مارگ شيرش جو بدليل روپ آهي.)

سنڌي، سنسڪرت جي ڪيتري قدر نزديڪ آهي، انهيءَ جو هڪ مثال شاهہ لطيف جو هيءُ بيت ڏسو:

وڳر ڪيو وتن، پريت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهئان ميٺ گهڻو.

سنسڪرت ۾ چئبو:

वर्ग कृत्वा वर्तन्ते, प्रीतिं न छिन्दन्ति आत्मसु,
पश्य पक्षिण:, मानवेभ्य: मिष्ठं घनम्॥

ورگن ڪرتوا ورتنتي پريتن نہ ڇندنت آتمس
پشيہ پڪشڻھ، مانوييه مشنٽ گھنم.

سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش مان سنڌي لفظن جي تبديل جا ڪجھ مثال هن ريت آهن:

**سنسڪرت پالي پراڪرت اپڀرنش سنڌي**

سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش مان هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ جي تبديل ٿيڻ جا ٻيا ڪجھ مثال هن ريت آهن:-

| سنسڪرت | پالي | پراڪرت | اپڀرنش | سنڌي |
|---|---|---|---|---|
| دؤ/ڏري (द्वौ,द्वे) | ڏُوي (दुवे) | وِ،بِ (वि,बि) | وي/بِ (वे/ वि) | ٻ (ॿ) |
| يشٽ (यष्टि) | يٽ (यट्ठि) | لٺ (लट्ठि) | لٺا (लट्ठा) | لٺ (लठि) |
| سَروَ (सर्व) | سَبَ (सब्ब) | سَوَ (सव्व) | سَوَ-سَبَ (सब/सव्व) | سڀ (सभु) |
| اکش (अक्षि) | اکک (अक्खि) | اکک (अक्खि) | اکک (अक्खि) | اک (अखि) |
| پِتر (पितृ) | پِتُ (पितु) | پيءُ (पिउ) | پيءُ (पिउ) | پيءُ (पीउ) |

(ا) ڀرت مُنيءَ ناٽيہ شاستر (ٻين عيسوي صدي) ۾ لکيو آهي تہ هماليہ، سنڌ ۽ سؤوير علائقن جي رهاڪن جي ٻوليءَ ۾ ناٽڪ لکندڙن کي 'اُ' سُر جو گهڻو اِستعمال ڪرڻ گهرجي. اِها خاصيت اَڄ تائين اسان جي سنڌيءَ ۾ موجود آهي:-

(हिमवत्- सिन्धु- सौवीरान् ये जना: सव्याश्रिता:।
उकार बहुलां तज्ज्ञ: तेषु भाषां प्रयोजयेत्॥)

هِموت سِنڌو- سؤويران يي جنه سوياڪشتاه

اُڪار ٻڌلان تجگيه ٿيشُ ٿاشان پريوجييت.

رامُ، ڪِشنُ، موهن، ڪَنُ، هٽ، ڏند، لڪڻ، پڙهڻ، نچڻ، سبڻ.
سنڌيءَ ۾ اِها عادت ايتري تہ زوردار آهي جو اسين ڪيترا اُڏارا ورتل لفظ بہ 'اُ' پڇاڙيءَ سان اُچاريندا آهيون. جيئن تہ- ماسترُ، اسڪولُ، ڊاڪٽرُ، ڪاليجُ.

٢. سنڌي ڳ، ڄ، ڏ، ٻ آوازن جو وڪاس گهڻين حالتن ۾ سنسڪرت جي گڏيل وينجنن مان ٿيو آهي، جيڪي پراڪرت ۾ ٻٽا وينجن آهن:-

| | سنڌي | سنسڪرت | | پراڪرت | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڳ:- | ڳنڍ | گرنٿ | ग्रंथि | گنٺ | गंठि |
| | ڦڳڻ | ڦالگن | फाल्गुन | ڦگڻ | फग्गुण |
| ڄ:- | ڄڀ | جِهوا | जिह्वा | جِبا | जिब्भा |
| | وِڄ | وِدُت | विधुत् | وِجُ | विज्जु |
| ڏ:- | ڏڪار | دُشڪال | दुष्काल | دُڪال | दुक्काल |
| | ڏوڻو | دِوگڻ | द्विगुण | دُڻ | दुण्णा |
| | سڏ | شبد | शब्द | سد | सद्द् |
| ٻ:- | ٻانهن | باهُ | बाहु | باهُ | बाह |
| | ڪُٻو | ڪُبج | कुब्ज | ڪُب | कुब्ब |

(٣) سنڌيءَ ۾ اڻڪل ڏيڍ سؤ کن اسم مفعول (ڪرمڻي ڀوت ڪردنت) روپ آهن، جن کي سنڌي وياڪرڻ ۾ بي قاعدي ليکيو ويو آهي. پر اِهي تواريخي اوسر جي خيال کان حقيقت ۾ پراڪرت- اُپيرنش وارا روپ آهن:-

آهي. اڄ بہ اُهو اِنهن پراڻن جي جهونن گرنٿ پنڊارن ۾ علمي نسخن ۽ دستخطن جي صورت ۾ سلامت آهي. اهڙيءَ حالت ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ پوءِ اُن زماني جو لکيل سنڌي ٻوليءَ جو جهونو اَدبي ذخيرو ڪيڏانهن گم ٿي ويو؟ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين عالمن سنڌ ۾ گهڻي جفاڪشي ڪري آڳاٽا قلمي نسخا هٿ ڪيا آهن. اِنهيءَ هوندي پڻ ڪين سترهين صديءَ کان اڳ جو ڪوبہ سنڌيءَ ۾ دستخط حاصل ٿي نہ سگهيو آهي. لڳي ٿو تہ اُن دؤر جو گهڻو اَدبي ذخيرو ڌارين جي حملن سببان ناس ٿي ويو آهي يا سنڌين جي ٻين پر وارن علائقن ڏانهن لڏي وڃڻ ڪري سنڌ ۾ ملي نہ سگهيو آهي. اڄ بہ اسين جيڪڏهين راجسٿان ۽ گجرات جي پراچين گرنٿ ڀنڊارن ۾ ۽ مٺن- مندرن ۾ تلاش ڪريون تہ خاطري آهي تہ سنڌيءَ ۾ لکيل جهونو اَدبي ذخيرو روشنيءَ ۾ اچي ويندو. اِنهيءَ جو هڪ سهڻو مثال قاضي قادن جو ڪلام آهي، جيڪو راجسٿان ۽ هرياڻا جي دادو پنٿي مندرن مان هٿ آيو آهي. ساڳيءَ طرح گجرات جي سنت سوامي پراڻناٿ جي سنڌي واڻي بہ گجرات ۽ مڌيہ پرديش جي پرڻامي پنٿ جي مندرن مان ملي آهي.

سورهين صديءَ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي ظلمن کان تنگ ٿي، سنڌ جا ڪجهہ مسلمان درويش بہ پنهنجن ڪٽنبن سان گڏ لڏي، سنڌ کان ٻاهر ٻين علائقن ۾ وڃي رهيا. اِنهن جو هڪ مثال ٻُرهانپور جا سنڌي اولياءَ آهن. اڄ بہ اُتي سنڌ مان لڏي ويل مسلمانن جا ’سنڌي محلا‘ مشهور آهن، جتي مسجدن ۾ ٽي- چار سؤ سال اڳ جا لکيل دستخط محفوظ آهن.

(ا) سن ٧١٢ع ۾ محمد بن قاسم، راجا ڏاهرسين کي شڪست ڏيئي سنڌ ۾ عربن جي حڪومت جو پايو وڌو. اِن طرح اِسلام مذهب جو سنڌ- ملتان ۽ ڀارت جي ڪن ٻين حصن ۾ ڦهلاءُ ٿيو. سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ عربي آواز (خ،غ،ز،ف) داخل ٿيا. وقت گذرندي سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ لاءِ عربي رسم الخط جو اِستعمال شروع ٿيو. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي شبد ڀنڊار ۾ پڻ عربي- فارسي لفظ ساڳين اُچارن ۾ يا گهڻو ڪري بگڙيل اُچارن ۾ داخل ٿيا. جيئن تہ: آبرو، اولياءَ، برڪت، برابر، محل، عزت،

موتاج (محتاج)، تائت (تعويذ)، کارس (خارش، خراش)، خاشکيلي (خاصخيلي)، ڪتاب، خرچ، غريب، مجلس، ارداس (عرض داشت)

(٢) عربن جي سنڌ ۾ حڪومت شروع ٿيڻ وقت سنڌي ٻوليءَ جو روپ "اپڀرنش- سنڌي وارو هئو. اُن ۾ گهڻا لفظ ۽ وياڪرڻي- روپ اپڀرنش ٻوليءَ وارا هئا، جن ۾ آهستہ آهستہ تبديل اچي رهي هئي. لکاوٽ جي لحاظ کان ڏسجي تہ اُن زماني ۾ سنڌي ٻولي، ديوناگريءَ ۽ سئنڌوي لپيءَ (هٽ واڻڪي، خوجڪي لپي) ۾ لکي ويندي هئي. اِن جون ثابتيون اسان کي ڀنڀور مان لڌل لکرين ۽ برهمڻ آباد (منصوره) مان لڌل سڪن جي لکاوٽ مان ملن ٿيون. سئنڌوي لپي، سنڌ جي خاص پنهنجي نرالي لپي آهي، جنهن جو بڻ- بنياد براهمي- کروشٽي ۽ موهن جي دڙي جي لپيءَ مان آهي. اڄ بہ اسماعيلي پنٿ جا خوجا مسلمان پنهنجا ڌرمي ڪتاب اِن لپيءَ ۾ ڇپائيندا آهن. اُن کي هو "سنڌي لپي" سڏيندا آهن.

عربن جي زماني ۾ ۽ اُن کانپوءِ سومرن- سمن (١٠٥٠-١٥٢٠ع) جي حڪومت واري دؤر ۾ پڻ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي عام طور سنڌي ۽ ناگري لپين ۾ لکي ويندي هئي. جنهن جو ذڪر يارهين عيسوي صديءَ ۾ ملتان ۽ سنڌ جي اُتر واري حصي ۾ آيل مشهور تاريخ نويس البيرونيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي.

(٣) الين عيسوي صديءَ کان وٺي ٻارهين عيسوي صديءَ تائين جهوني سنڌي ٻوليءَ جي گهڻن ئي لفظن جا مثال اسان کي عرب سياحن ۽ البيروني جي لکڻين مان ملن ٿا. "**چچ نامو**" (فارسيءَ ۾ لکيل ١٢١٦ع) ۾ پڻ اهڙن لفظن جو چڱو ذخيرو موجود آهي. جيئن تہ:-

لاڏي (لادي)، گوپي (قوفي)، ڍلڊ (دلده)، لڪُر (تکر)، چڱي (چنگي)، ڀٽي (بهتي)، جت (زط)، ڍول (دهول)، ٽاٽو (تالہ)، ٻيٽ (بيت)، کارمِٽي (کار متي)، ڀاٽيا (بهاتيہ/ باتيه)، لوهاڻا (لوهانہ)، لاکا (لاکهہ)، اروڙ (ارور/ الور).

(٤) الين عيسوي صديءَ ۾ جهوني سنڌيءَ ۾ لکيل "**مهاڀارت**" جو عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو. اِن جو وستار سان احوال سنيتي ڪمار چٽرجيءَ پنهنجي مقالي ۾ ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح تائين

عيسوي صديءَ ۾ قرآن شريف جي ترجمي جا بہ حوالا ملن ٿا، جيڪو اروڙ جي راجا منصوره جي عالم کان سنڌ جي مڪاني ٻوليءَ ۾ ڪرايو هئو. اُنهيءَ مان ثابت آهي تہ اُن دؤر جي اپڀرنش- سنڌيءَ ۾ پڻ ساهتيہ- سرجڻ لکيل صورت ۾ ٿيندو هئو.

(۵) ٻارهينءَ کان ولي پندرهين عيسوي صديءَ جي آخر تائين سنڌ ۾ اسماعيلي فرقي جا پرچارڪ؛ پير شمس سبزواري (۱۱۶۵- ۱۲۷۶)، پير صدر الدين (۱۲۹۰- ۱۴۰۹) ۽ ٻيا پير آيا، جن پنهنجي مَت جو پرچار ڪيو. هنن جا چيل ’گنان‘ سنڌي- هندي- ملتاني- ڪڇي آميزش واري ٻوليءَ ۾ چيل آهن. اِهي زباني روايتن ذريعي اسماعيلي مسلمانن کي پيڙهي بہ پيڙهي ملندا پئي آيا ۽ گهڻو پوءِ اوڻويهين صديءَ ۾ لکيت ۾ آندا ويا. اِنهيءَ ڪري اُنهن جي ٻوليءَ مان اُن دؤر جي سنڌي ٻوليءَ جي حقيقي صورت معلوم نٿي ٿئي.

(٦) سومرن ۽ سمن جي ايامڪاريءَ ۾ سنڌ ۾ سورهيائيءَ ۽ عشق جا چڱائي قصا ۽ داستان چارڻن ۽ ڳائڻن فقيرن رچيا. دودو چنيسر، سسئي- پنهون، عمر- ماروئي، سورٺ- راءِ ڏياچ، مومل- راڻو وغيره اِن جا ڪجھ مثال آهن. پر اهڙا قصا بہ زباني روايتن وسيلي صدين کان ولي هلندا پئي آيا ۽ گهڻو پوءِ ارڙهين عيسوي صديءَ کان ولي قلمبند ڪرڻ شروع ڪيا ويا. اِنهيءَ ڪري اِنهن جي ٻوليءَ بہ گهڻي قدر پنهنجو اصلوڪو روپ بدلائي هاڻوڪي سنڌيءَ وارو روپ اختيار ڪري ورتو آهي.

آخر ۾ مان اِن حقيقت طرف ڌيان ڇڪائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ پندرهين عيسوي صديءَ کان اڳ جي زماني جي سنڌي ٻوليءَ جو وستار سان اڀياس ڪرڻ لاءِ اسان کي سنڌ جي پر وارن علائقن ۾ لکيل پراڪرت ۽ اپڀرنش ساهتيہ جو اڀياس ڪرڻو پوندو. اُنهيءَ ۾ گهڻيئي جهونا سنڌي لفظ ۽ وياڪرڻ جا روپ اسان کي ملن ٿا. اِنهيءَ ڪري چاهي سنڌ جي سرزمين تي هاڻي اسانکي پراڪرت دؤر جون لکيتون نٿيون ملن، تہ بہ سنڌ جي سرحد سان لڳ ايراضين ۾ لکيل پراڪرت- اپڀرنش ساهتيہ جو باريڪيءَ سان اڀياس ڪري، اسين گهڻي قدر سنڌ جي ٻوليءَ جو پالي- پراڪرت ۽ اپڀرنش ٻولين جي دؤر ۾ وستار سان جائزو پيش ڪري سگهون ٿا.

# سنڌي ٻولي 1500ع کان 1843ع تائين

- هيرو ٺڪر

# سنڌي ٻولي 1500ع کان 1843ع تائين

## هيرو ٺڪر

مونکي مقالي لاءِ جيڪو وشيہ ڏنو ويو آهي، سو آهي "سنڌي ٻولي- ١٥٠٠ع کان ١٨٤٣ع تائين.". ان ۾ ١٨٤٣ع وارو ٽاڻو نہ هِڪُ چِٽو سنگ ميل آهي، جيڪو اُن واقعي جي تُز نشاندهي ڪري ٿو. جنهن ذريعي انگريزن سنڌ تي قبضو ڪري، اُتي پنهنجو حڪومتي سرشتو قائم ڪيو. جنهن سان سنڌ ۾ نئين سياسي، حڪومتي، سماجي، تعليمي ۽ آرٿڪ حالتن جو آغاز ٿيو. جن وڏيون تبديليون آنديون. جن جو يقيني طرح سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ تي بہ اثر پيو. پر موضوع جو ٻيو ٽاڻو ڪو گهٽو چٽو نہ آهي، سواءِ اِن جي تہ اگر سنڌي ٻوليءَ جي اوسر تي ڏهاصدي يعني ملينيم جي حوالي سان نظر وجهـــبي، تہ اِهو سال ڏهاصديءَ Millennium جي تُز وچ وارو سال آهي. جنهن کي جيئوٽيڪ ڪو واقعاتي پس منظر نہ آهي. ڪا گهڻنا سنبنڌي اهميت بہ نہ آهي، پر اِن سن جي آس پاس وارن سالن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معيار ۽ اُن جي ادبي حيثيت ۾ جيڪو اِنقلابي ڦيرو ڪارفرما ٿيندو ڏسجي ٿو، اُن خيال کان اِن ٽاڻي کي بہ اهميت ڀريو چئي سگهجي ٿو.

سن ١٥٠٠ع ۾ سنڌ ۾ سمن جو راڄ هو ۽ حڪومت جي واڳ سمن جي حاڪم جام نظام الدين عرف جام نندي جي هٿ ۾ هئي. اُن وقت جي سنڌي ٻولي ۽ اُن جي اوسر تي نظر وجهڻ کان اڳ اِهو بيجاءِ نہ ٿيندو تہ اُن کان ٿورو اڳ

واري سنڌيءَ جي حالت ڪي به جاچجي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي اڀياس جي سلسلي ۾، سمن کان اڳ وارو دور سومرن جو دور آهي.

سومرن جو دور جيڪو چوڏهين صديءَ تائين هليو، تنهن دوران سنڌي ٻوليءَ جو سرمايو، صدري (زباني) روايتن؛ خاص طور عشقيہ داستانن، جنگ نامن، قصيدن ۽ واقعاتي بيتن تي جيڪي ڳالهين ۽ ڳاهن جي روپ ۾ چيا ويندا هئا، انهن تي مشتمل رهيو. اُن وقت چارڻن، ڀٽن، ڀانن ۽ منگتن، وقت جي حاڪمن جي سرپرستيءَ ۾ جيڪو لوڪ ادب خلقيو؛ تنهن کي هڪ پنهنجي سونهن، سندرتا ۽ اهميت آهي. جيتوڻيڪ اِها ٻي ڳالھ آهي تہ علمي، ادبي ۽ معياري ڪسوٽيءَ تي اُن کي ڪا گهٽي اهميت نہ آهي. سومرن جي دور جي بيتن جي ٻوليءَ جا ڪجھ مثال هن طرح آهن؛

جين ڏونگر تين هاٿيا، جين ڪِنيريون تين جَيَتَ
هميراڻي موج، ڪر، آڳا اُپ نڪت.

دري ڏوري راءِ جنهين چارڻ سان ڪاه،
پترڻ پئي جو ٿِئو، سِج وتايو ساه،
هميران پڙراھ راڄ نہ ڪندا سومرا.

ڪنئين يا هارائين مري تہ وڃي واءِ
ٻنهي منجهئون هڪڙي، چڳي تہ ٿئي ڪاءِ

آءِ هڱورل پڙچز يار اڄ گهرجين هِت،
سومرن ماري سما، ڪُنرن ڀريا رت.

اُپُ سيڪنهين اوچو، اُپ نہ اوچو ڪوءِ
مُئي بہ متو ٿئو سڙره سير سندوءِ.

مذڪوره بيتن مان ڏسبو ته اُن وقت جي سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي قوت ۽ ادائگي جي خوبصورتي اچي چُڪي هئي. ٻي ڳالهه جيڪا يڪدم ڌيان ڇڪائي ٿي، سا اِها ته اُن ۾ نج ۽ ٺيٺ سنڌي شبد ڪم آندل آهن. سومرن کان اڳ، جيئوٽيڪ اٽڪل چار سؤ سالن تائين سنڌ تي عربن ۽ انهن جي صوبيدارن جي حڪومت رهي، پر مذڪوره بيتن ۽ پڻ اُن وقت جي ڳاهن ۽ ڳالهين ۾ اِستعمال ٿيل ٻي شمار ٻين بيتن ڪي آثار ٻڌائي، اِئين چئي سگهجي ٿو ته اُن مهل تائين سنڌي ٻوليءَ تي ڪنهن غير ڏيهي زبان جو اثر نه پيو هو. اِنهن ڳاهن ۽ ڳالهين ۾ اِستعمال ٿيل سنڌي ٻولي، پنهنجي سِٽاءَ، شبداوليءَ، ادائگي ۽ وياڪرڻ جي نقطه نظر کان ٺيٺ نج ۽ ڳوٺاڻي فطرت واري سنڌي لڳي ٿي.

اِنهن ڳاهن ۽ ڳالهين، قصن ۽ داستانن جو اڀياس ڪرڻ بعد اِن نتيجي تي به پهچجي ٿو ته سؤمرن جي دور تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي وسعت، ۽ قصن ڪهاڻين بيان ڪرڻ جي قوت پيدا ٿي چڪي هئي ۽ پڻ ادبي صلاحيت جي نشونما ٿي رهي هئي. جنهن سان سؤمرا سردارن جي سؤرهيائي ۽ سخاوت بيان ڪرڻ جو بنياد پيو ۽ اهڙن قصن ڪي خوبصورت نموني ۾ شعر جي تاجي پيٽي ۾ اُٽيو ويو. اُن وقت جي سنڌي ٻوليءَ جي اوسر جي ٻي هِڪَ خاصيت اِها آهي جو اُها ’عام فهم‘ اِبتدائي ادبي ۽ معياري ٻوليءَ جي تعمير ۽ توسيع ڪي ظاهر ڪري ٿي. عموما اِن ئي دور ۾ سنڌيءَ ۾ نثريه داستانن جو بنياد پيو ۽ ڪِن مثالن ڪي خيال ۾ رکندي چئي سگهجي ٿو ته سنڌي شعر، علمي سطح تي پڻ بيتن ۽ ڪافين جي روپ ۾ سماج جي محفلن ۽ درويشانه بزمن جو جُز بڻيو.

سؤمرا دور جي پوئين حصي ۾ سمن سردارن جي وڌندڙ اثر رسوخ سبب، سندن ٻانهن ٻيلي سردارن، سما قبيلي وارن جي زبان ڪي آهميت ملي ۽ سنڌي ٻولي اهڙين حالتن ۾

آئي، جنهن کي جيڪر معياري سنڌي ٻوليءَ جي اوسر وارو مرحلو ڪري سڏجي.

سمن جي طاقت، ڄام انڙ جي سرداريءَ واري زماني ۾ زور ورتو شروع ڪيو. ڄام انڙ چوڏهين صديءَ جي شروعاتي سالن ۾ ملڪ رتن کي ماري مات ڪيو، جيڪو دهليءَ جي حڪومت طرفان سيوهڻ جي گورنر طور مقرر ٿيل هو. ڄام انڙ ١٣٥٠ع ڌاري، پاڻ تي 'ڄام' جو لقب رکائي، سماگهراڻي جو بنياد وڌو ۽ خودمختيار نموني حڪمراني شروع ڪيائين. جيڪا ١٥٢٠ع تائين ڄام فيروز تائين هلي.

سمن جي اياماڪاريءَ جا اٽڪل پوڻا ٻه سؤ سال، سنڌ جي اندروني حصن ۾، سنڌ جي ڳوٺاڻن پاڳن ۾ معياري سنڌيءَ جي اوسر ۽ سنڌ جي حدن کان ٻاهر تائين سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ لاءِ تمام مفيد رهيا. سما اصل کان سنڌ جي وچولي حصي سان واسطو رکندڙ هئا. عربن جي آمد وقت اُهي هاڻوڪي تعلقي نواب شاهه، ضلعو نواب شاهه ۾ "سمن جي ساوڙي" نالي ديهه ۾ سڪونت پذير هئا ۽ ڇهه سؤ سالن بعد جڏهن ڄام انڙ طاقت ۾ اچي سيوهڻ تي قبضو ڪيو، تيستائين به اُهي سنڌ جي وچولي حصي ۾ ئي رهندا پئي آيا. تاريخي احوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته سمن جا انڙ، ڏاهري، سانڊ، ساوريا ۽ ڪيريا قبيلا، سيوهڻ ۽ نصرپور سرڪارين (علائقن ۾) هاڻوڪن ڪوٽڙي، سيوهڻ، مورو، سڪرنڊ، نواب شاهه، شهدادپور، ٽنڊوالله يار علائقن ۾ وڏي گهڻائيءَ ۾ رهندا هئا. اِهو سنڌ جو وچولو حصو آهي. اُن ڪري اِن حصي جي ٻولي، سمن جي حڪومت دوران، خاص طور اُنهن جي حاڪم ڄام نظام الدين جي اياماڪاريءَ دوران ڪافي ترقي ڪئي. ڄام نظام الدين جي حڪمرانيءَ وارو وقت سنڌ ۾ عام طور امن ۽ اِستحڪامت وارو وقت رهيو آهي. جنهن دوران ڪِن جزوي ننڍڙن ننڍڙن مقابلن کي ڇڏي ڪنهن به وڏي جنگ جهيڙي جو ذڪر نٿو مِلي. ڄام نظام الدين خود هِڪُ پڙهيل ڳڙهيل ۽ عِلم پسند حاڪم هو. جنهن عالمن جو قدر ڪيو ۽ علم کي همٿايو ۽ ترقي ورائي. جنهن ڪري سنڌس

وقت ۾ سنڌي ٻوليءَ ڪافي ترقي ڪئي. پر هن جي موت بعد سنڌس پٽ ڄام فيروز ۽ پاڻيڄي ڄام صلاح الدين حڪمرانيءَ جي هوَس ۾ ڇتاپيٽيءَ ۾ پنهنجن بد اعمالن جي ڪري سنڌ جي جيڪا حالت ڪئي ۽ بعد ۾ غير ڏيهي حاڪمن ارغونن ۽ ترخانن جي ايامڪاريءَ ۾ سنڌ ۾ جيڪو سياسي، سماجي ۽ اِقتصادي اِنتشار رهيو، تنهن سنڌ کي اهڙي بدترين حالت ۾ آندو، جهڙي بدترين حالت سنڌ ۾ اڳي ڪڏهن به پيدا نه ٿي هئي. بهرحال ڄام نظام الدين، ڄام فيروز ۽ ويندي شاه بيگ ارغون ۽ مرزا شاه حسن جي وقت تائين، يعني ارغون دور تائين سنڌي ٻوليءَ جي اوسر جو سُنو رڪارڊ ملي ٿو. سمن واري دور جي آخري حصي ۾ ئي سنڌيءَ جو هيستائين جو ڄاتل سڃاتل پهريون وڏو شاعر ۽ برک صوفي ۽ عالم قاضي قادن پيدا ٿيو. قاضي قادن غالبا ۱۴۶۳ع ۾ ڄائو ۽ ۱۵۵۱ع تائين حيات رهيو. هوُ سنڌ جي ٽئن حاڪمن؛ ڄام نظام الدين، ڄام فيروز، شاه بيگ ارغون ۽ مرزا شاه حسن جي دور حڪومت ۾ قاضي القضات يعني سڀ کان وڏي قاضيءَ واري ۽ ٻين رتبي وارن عهدن تي فائز رهيو.

قاضي قادن جي شاعريءَ کي گهٽين ئي نقطنگاهن کان اهميت آهي. پر هِتي مان اِهو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته سنڌي ٻوليءَ جي اِيپاس ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ٻڌڻ بنياد کي ڄاڃڻ ۽ پروڙڻ لاءِ قاضي قادن جي شاعريءَ کي وڏي اهميت آهي. ڇو ته هي پهريون آڳاٽو شاعر آهي، جنهن جو گهٽي ۾ گهٽو (۲۶۰ بيت) لِکت ڪلام ۽ سو به گهٽ ۾ گهٽ ۱۶۲۹ع ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ لکجي رڪارڊ ٿيل ڪلام آسانڪي ملي سگهيو آهي.

قاضي قادن جا اڳ ۾ فقط ۷ بيت موجود هئا. ڪئين صديون پوءِ، بعد ۾ ۱۹۷۸ع ۾ ۱۱۲ ٻيا بيت روشنيءَ ۾ آيا. هن جي اڳين بيتن ۽ پوءِ مليل بيتن جي ٻوليءَ ۾ ڪافي فرق آهي. اڳيان بيت لاڙي لهجي وارا هئا ۽ بعد ۾ مليل بيت مٿئين سنڌ واري، اُترادي يا سنڌي سِرائڪي لهجي وارا آهن. اڳيان

بيت قاضي قادن جي اِنفرادي بيتن طور اسان تائين نہ پهتا هئا، پر لاڙ جي شاعر شاه ڪريم ٻلڙي واري جي بيتن سان گڏ، ڪانئس پوءِ سندس هِڪ لنئي ۽ لاڙائي مريد محمد رضا لنوي جي لکيل ڪتاب ذريعي اسان تائين پهتا هئا. ظاهر هو تہ اِنهن ذارين اثرن جي ڪري ئي قاضي قادن جا ٧ بيت، جيڪي هونئن وڏي تعداد ۾ اُترادي يا سنڌي سرائڪي لهجي ۾ آهن، سي بدلجي لاڙي لهجي ۾ آيا هئا. اِن مسئلي تي اسان پنهنجي مضمون 'قاضي قادن جي ٻولي' ۾ تفصيلي طرح روشني وِجهندي اِهو نتيجو ڪڍيو آهي تہ قاضي قادن جي ٻولي اُترادي هئي ۽ اُن نتيجي کي هاڻي سنڌ جي وڏن وڏن عالمن بہ قبول ڪيو آهي.

قاضي قادن جي بيتن جي ٻوليءَ کي باريڪيءَ سان جاچڻ سان پتو پوي ٿو تہ هن سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ خاص نزاڪت، اِظهار جي صلاحيت ۽ معنيٰ ۽ فڪر جي وڏي قوت پئدا ڪئي، جو اُهو تصوف جهڙي فلسفي کي بہ اظهار ڏيئي سگهيو.

اِن اڀياس مان اِهو بہ پتو پوي ٿو تہ سندس دور ۾، سنڌ ۽ هند ۾ عربي ۽ فارسي تعليم جي روا هجڻ ۽ وقت جي اُستادن ۽ عالمن طرفان عربي ۽ فارسيءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي باوجود سنڌي ٻولي، پنهنجي نِج ڳالهائجندڙ روپ ۾ ئي ڪتب ايندي هئي. يعني تہ جيئن عام ماڻهو اُها اُچاريندو هو، تيئن ئي اُها لکي بہ ويندي هئي. عوام جي ٻوليءَ جو بول بالا هو ۽ عالم ۽ فاضل بہ عربي، فارسي يا ڪهڙيون بہ رُتبي واريون ٻوليون ڄاڻندي بہ پهرين تہ ٺيٺ ۽ نج سنڌي ٻولي ئي اِستعمال ڪندا هئا. اگر ضروري ٿيندو بہ هو تہ اِنهن ٻولين جي لفظن کي هوُ اهڙي طرح اِستعمال ڪندا هئا، جيئن عام سنڌي ماڻهوءَ يا سنڌي ٻوليءَ اُن کي پنهنجي سڀاوَ يا ذاتي خصوصيتن موجب اختيار ڪيو هو. 'ش' کي 'س'، ن کي 'ڻ'، 'ز' کي 'ج' ۾ ڦيري اُچار ڪيا ويندا هئا.

مثال: جنين جان جدا ڪي تون منهن تنهين "ڍس"

لتاڙين لتن سين، انئي پهر عرس
”سفافي“ مون ”سيڻ“ وسن ”سهر“ سفاف ۾
ڳالهين چون سفافيان، چون سفافي ويڻ.
جيئن ڦقڙ ماه ۾ اِئين ”روجا“ عيد ”نماج“
اجا آه ڪاءِ ٻي الله هند جي خاج
پڙهندا پئي ويا ڪوڙين لک قُراڻ
لکي لوڪ نه سگهيا پاٽي اندر پاڻ.

سنڌ جي ماڻهن جي اِن ’ش‘ کي ’س‘، ’ج‘ کي ’ز‘ ۽ ’ز‘ کي ’ج‘ ۽ ٻين متعدد غير ڏيهي اکرن کي، ڏيهي متبادله اکر ۾ بدلي ڪرڻ واري ڳالھ جي تصديق ۽ ثابتي مشهور ڪتاب ’ڪتاب البيان و التبيين‘ مان به ملي ٿي. جنهن ۾ هُو چوي ٿو ته ’سنڌ جو رهاڪوُ لامحاله ’ج‘ جو اُچار ’ز‘ ۽ ’ز‘ جو ’ج‘ ڪري ٿو. پوءِ ڀلي ڪٽي هو عرب جي فصيح ۽ بليغ قبيلن بنو قيس ۾ پنجاه سال ڇونه رهيو هجي.‘ ابو عطا سنڌيءَ پڻ اِن جاچنا جي تصديق ڪئي آهي.

قاضي قادن جي ٻوليءَ مان اِهو به پتو پوي ٿو ته اُن وقت جي ٻولي سرائڪي ۽ ملتاني لهجي کان گهڻو متاثر هئي. ٻوليءَ جي وياڪرڻي جزن: اِسمن، ضميرن، ظرفن، صفتن ۽ ڪن حالتن ۾ فعلن تي به اِهو سرائڪي اثر نظر اچي ٿو.

۱. اسمن ۾ ’ن‘ جي بدران ’ڻ‘ واريون پڇاڙيون ملن ٿيون.
۲. ضميرن ۾ ٿسان، توئون، تئن، اساڻ جهڙا ضمير ملن ٿا.
جيئن: عيد ڪريندو ڪير ماکي سڄڻ ڳڏيو.
۳. ضميري پڇاڙيون عام جام ملن ٿيون.
۴. ظرفن تي به اِهو اثر نمايان آهي. جيئن: جهڙي، تهڙي. رزاجي طرح سنڌيءَ ۾ ’جن‘ ۽ ’تن‘ يا ’جنهن‘ ۽ ’تنهن‘ چيو ويندو آهي. پر هتي پنجابي لهجو به نظر اچي ٿو.

٥. عددن جي ڦيري ۾ بہ آسان کي اُترادي يا سرائڪي اثر واري سنڌيءَ جا اُصول ڪارفرما نظر اچن ٿا. لاڙ ۽ وچولي واري سنڌيءَ ۾ مونث جا عدد واحد گهڻو ڪري 'اَڪارانت' ٿيندا آهن. جن کي عدد جمع بنائڻ لاءِ ڦيري آڪارانت ڪيو ويندو آهي. پر قاضي قادن واري ٻوليءَ ۾ اُن کي آنڪارانت ڪيو وڃي ٿو. جيئن تہ 'انب' جو 'انبان'، دانهن جو 'دانهان'، 'پيڙ' جو 'پيڙان'، 'لت' جو 'لتان'، 'چپ' جو 'چپان'.
سرائڪي- ملتاني آميزش وارا ٻيا ڪي بيت هِن طرح آهن.

جهڙي پائي هتڙي تهڙي پاڻ پرين،
بهڻ محبا چڏيا، تون نہ چڏ ڏٺي.

يلي وي يلي، يلي تنگائون آئي،
بابا آدم اتي هوا ٻلي ٻلي سب دنيا

سيجاڻا اتي سينهن، ڏونئون وسن جهنگ ۾
سي ڪڙ ڪاوَن ڪيئن ماسُ جنهان ڪون لکيو.
توئون اسان نهين ٻچيو ٻئن پچي "اساڻ"
نهين رتو رحمان سين، وي پڙهڻهار قُراڻ.

مذڪوره بيتن جي سرائڪي سٽاء، خاص طور ويندي 'قرآن' کي بہ 'قراڻ' ڪري چوڻ، اِهو ڏيکاري ٿو تہ سنڌيءَ تي اِهو سرائڪي لهجو گهڻو غالب هو. اِن جي صفائيءَ طور مون اڳ ۾ ڪِن مضمونن ۾ اِئين بہ چيو آهي تہ قاضي قادن جا وڏا اُچ ملتان جا وينل هئا، ۽ بعد ۾ بہ اُهي مٿئين سنڌ جي بکر ۾ مقيم هئا. تنهن ڪري هنن جي ٻوليءَ تي اِهو اثر

رهيو هوندو. پر اِن سان گڏ اُنهن ڳالهين کي به ڏيان ۾ رکڻو پوندو ته ملتان جا سنڌ سان صدين کان روحاني، ثقافتي ۽ واپاري لاڳاپا رهيا آهن. مشهور صوفي بهاؤالدين ذڪريا جي درگاه به ملتان ۾ هئي ۽ سنڌ جا ڪيترائي حاڪم ۽ اُن جي ڪري يا خود ذاتي عقيدت جي ڪري سنڌ جو وڏي تعداد ۾ عوام پڻ اِن در جو معتقد ۽ زيارتي هئو ۽ پيرن ۽ مرشدن جي ٻوليءَ جي ناتي سرائڪي - ملتاني ٻوليءَ کي وڏي عزت جي نگاه سان ڏسندا هئا.

عوامي سطح تي ڏسبو ته سرائڪي ملتاني روزمره جي ڪرت ڪار ۽ ڪِن خاص ڪمن ڪارين ۾ به سرائڪيءَ جو اِستعمال عام هو.

اُتر سنڌ ۾ سري ۾ ڪيترن قِتل ڪوهن جي لڏل ڪجھ سِرُنِ تي اُڪريل ڪي ڪُتبه نظر آيا آهِن. جيڪي به اِن ڳالھ جي تصديق ڪن ٿا:

سِل ٿپي ٿپٹهاري، صابؤ نان ڪؤهاري
دلؤراء دي واري سِل پڪي ٻل ڄانيي تي

ٿپڻ والي ٿپي، سڪندر دي واري دي
ڪوئي آکي سلان ڪنه پڪايان، داو نان ڪوهاري
ڄانيي دا ٻل ٻلايا شاه سڪندر واري.

سلا بلند ٿپيان، ٺگيا نام نصير
ڪؤه ڪٽايا پتر ڪامڻ دي او نر نام همير
وقت سڪندر بادشاه ملڪ ڏٽي پهلوان
رعيت راضي ايھ جيهي ٻدانت جوان
هڪ لک سلان اڳيان ٿيا ڪوھ تمام
تري سو ٻؤني باغ دي راڏي اونڙ ڄام.

اِنهن سيني مثالن ۽ پڻ تازو مليل قاضي قادن جي بيتن جي مد نظر برک عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي بہ اِها راءِ قائم ڪرڻي پيئي آهي تہ سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي ٻولي پڻ سري ۾ عام هئي ۽ نہ فقط ڳالهائبي هئي، پر تاريخي ڪُتبن لکڻ لاءِ بہ اِستعمال ٿيندي هئي. جيئن اِنهن سرن وارن عبارتن مان ان جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سنڌي ۽ سرائڪي ڄڻ تہ ساڳئي ملڪ جون بہ ٻوليون هيون ۽ خاص طرح اُترين سنڌ ۾ ۽ سري ۾ ٻنهي جي قريبي رشتي جي تصديق قاضي قادن جي ڪلام مان بہ ٿئي ٿي.

بهرحال سڀ کان وڏي ڳالهہ جيڪا اسان جي سامهون اچي ٿي؛ سا هيءَ تہ جيئن قاضي قادن جي شاعريءَ مان ظاهر آهي، سن ١٥٥١ع تائين سنڌي ٻولي معياري ۽ ادبي اعتبار کان ڪافي بلوغت کي پهچي چڪي هئي. اُن ۾ تصوف توڙي ويدانت، يوگ توڙي اخلاق جا دقيق ۾ دقيق خيال سمائڻ جي قوت بہ پيدا ٿي چڪي هئي. جيئن تہ:

"لا" لاهيندي ڪنهنکي، "لا" موراهين ناه
بالله ري پريان ڪٿ نہ ڏسي ڪو ٻيو

لوڪان نحو صرف من مطالع سپرين
سوئي پڙهئو سو پڙهان، سوئي سو حرف.

يا اگر ويدانت ۽ يوگ آچار جا خيال ڏسڻا هجن تہ هينيان بيت اُن جا عمدا مثال آهن:

پرين وڃائي رت روئن ڪَٻُڏي ري ڪارڻ
ڪنچن راس وِڃاءِ ڪي ٻِڪين ڏوڙ پون.
روئي م ڪر پڊرو هٿ منجهيئي جال
جان جان پريان نہ مڙءِ تن ڪائيءَ جيئن ٻال

سمن جي دور ۾ سنڌ جو ڪڇ ۽ گجرات سان بہ گهرو لاڳاپو رهيو. ڄام نظام الدين جي وفات کانپوءِ ڪڏهن ڄام صلاح الدين ۽ ڪڏهن ڄام فيروز پڇي وڃي پئي ڪڇ ۾ پناهہ ورتي. يا ڪڇ ۽ گجرات جي راجائن کان مدد ولي هڪ ٻئي تي يا بعد ۾ ٻاهران ڪاهي آيل ارغونن سان پئي لڙايون ڪيون. حاڪمن جي لڏ پلاڻ سان اُنهن جا لشڪر ۽ غلام ساڻن گڏ ايندا ويندا هئا. جنهن ڪري لازمي طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي گجراتي لفظ بہ گهڙيا ۽ سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون پڻ گجرات تائين ڦهليون. قاضي قادن جي شاعري پڻ فڪري ۽ معنوي طرح ايتري تہ بلند هئي، جو اُها پڻ سنڌ سان گڏوگڏ اُن جي پر وارن علائقن گجرات، راجستان ۽ پنجاب وارن ٽڪرن، جن ڪي هينئر هرياڻا سڏيو وڃي ٿو، اُتي ۾ پڻ مقبول بڻي. چو تہ راجستان جي مشهور درويش دادو ديال ۽ سندس پنٿ جي ڪيترن ٻين سنتن جهڙوڪ: رجب، سندرداس ۽ ٻين بہ ڪيترن اُن کي پسند ڪيو ۽ اُها دُور دُور تائين ڦهلي. اهڙيءَ طرح سنڌي ۽ پر وارن علائقن جي گجراتي، راجستاني ۽ پنجابيءَ جي پاڙ ۾ ڏي وٺ ٿي.

بعد ۾ اِها روايت پراڻنات جي ڪڇي سنڌيءَ ۾ شاعريءَ سان اچا بہ وڌي. پراڻنات عرف مهراج، ڄاڙيجن سمن جي ڄام نگر شهر ۾ ١٦١٨ع ۾ ڄائو ۽ هِڪ سنڌي ماءُ جو ڄائو هو. سندس مادري زبان سنڌي هئي، پر هن ڪڇ ۾ رهڻ ڪري پنهنجو گهڻو ڪلام ڪڇي محاوري واري سنڌيءَ ۾ چيو آهي. هن جي سلوڪن جو نمونو هن ريت آهي:

آخر ويرا اُتڻ جي آنئين روحين چڏيجا راند
اُتي وِچ عرش جي، ڪوه ڪري وڙون ڪاند
ڏٺي مؤهجي روح جا هاٿي چؤئان ڪيئن ڪري
روح ڪي ڏِنو پرڏيهڙو، چؤ سو دل ڏري.

سوامي پراڻناٿ کان ٿورو ئي اڳ جي ٻن ٻين ناميارن شاعرن، سنڌ جي لاڙ جي ميين شاهه ڪريم ۽ راجستان جي سنت دادو ديال جا ٻه متعدد سنڌي بيت اسان کي ميسر آهن. جن مان اُن وقت جي سنڌي ٻوليءَ جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو. اُنهن مان شاهه ڪريم جي بيتن تي لاڙي ۽ دادو ديال جي بيتن تي راجستاني رنگ چٽيءَ طرح نمايان آهي.

شاهه ڪريم جي شعر جو نمونو:

وهاڻيءَ ئي وڃ تو نه سرندو تِن ري،
**تان سا** وڃي پڇ، پيئي جا ڪاڻ پرين سن.
جي مون سڌ ڪِئا، پنيوران ٻهار ٿي،
جي سي پريي سُئا ته هند وِئا نه نڪري

يا دادو ديال جي راجستاني رنگ واري سنڌي:

دادو ! اکيون پسڻ کي پرين پري اُلٽيان منجھ،
جتي ويئو مان پرين نهاريندو منجھ
دادو غافل چو ؤتين، منجهين ربُ نهار
منجھيئي رب پانهنجو، منجھيئي ويچار.

اِن ئي دور دوران هِڪ طرف اوير ۾ سنڌي ٻوليءَ جا گجراتي، راجستاني ۽ پنجابيءَ سان پيچ پيا، ته ٻئي طرف اولهه ۾ وري بلوچي ۽ بروهڪي ٻولين سان به اُن جي آميزش ٿي. لس ٻيلي ۾ رونجھن جي زور وقت کيترائي سنڌي قبيلا موجوده بلوچستان جي کِن ايراضين ۾ وڃي آباد ٿيا هئا. سنڌي ٻولي اُنهن سنڌي قبيلن سان گڏ سفر ڪندي، ويندي مڪران تائين وڃي پهتي هئي. آڳاٽي دور کان وٺي سنڌي ۽ بلوچي ٻولين جي سرحد جو پاڙ ۾ ملڻ، سنڌ جو بلوچستان ۾ ۽ بلوچن جو سنڌ ۾ وسڻ، سنڌي قبيلن جو اُتر ۾ سبي ۽ اولهه ۾ مڪران ۾ ڦهلجڻ، اِنهن ڳالهين پڻ سنڌي ۽ بلوچيءَ وچ ۾ ڏي وٺ

کي زور وٺايو ۽ کيترائي بلوچي الفاظ سنڌيءَ ۾ مروج ٿيا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اهڙن گهڻن ئي لفظن جي لسٽ پنهنجي ڪتاب "**سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ**" (ٽئين ڇاپي) ۾ ڏني آهي.

مٿي شاهه ڪريم ۽ دادو ديال جو بيان ڪيو ويو آهي. اُن بعد شاهه لطف الله قادري (جنم ١٦١١ع) ۽ ميين شاهه عنايت (جنم ١٦٢١ع) ٻنهي پنهنجن ڪلام جي رسالن سان سنڌي ٻوليءَ کي ڪافي زور وٺايو آهي. اِنهن شاعرن جي ٻولي لازمي سنڌي آهي. پر اُن ۾ جوڳين، ويراڳين، سنياسين متعلق جيڪي بيت آهن، تن ۾ ڪافي تعداد ۾ بيت، سلوڪ ۽ طريقت واري روايت ۽ عوامي بيتن جي روايت وچ ۾ معنوي ميلاپ جي نشاندهي ڪن ٿا. اهڙو ميلاپ ميين شاهه عنايت جي ڪلام ۾ واضح طور نظر اچي ٿو. هُن کان اڳ سنڌي ٻوليءَ ۾ بيتن جا 'عارفانہ' ۽ 'عوامي' قسم جا ٻہ جدا جدا سلسلا هلندڙ هئا. پر ميين عنايت جي بيتن ۾ اِنهن ٻن درياهن جي پلٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

شاهه لطف الله قادريءَ جي سنڌي ٻوليءَ سان محبت بلڪل واضح آهي. هُن خاص طرح ڌيان ڏيئي تصوف جي خيالات تي سنڌيءَ ۾ بيت لکيا. پاڻ خود پنهنجي رسالي ۾ چيو اٿس:

ڪوڏان ڪِئو رسالو ايءُ فقير ـجوڙي بيتن
تہ هوءِ سنڌي وائيءَ سُهڪو ٻُجهڻ ابوجهن
پانهجي ٻوليءَ ڪري سِگهائي اي سِکن.

اهڙي قسم جو اِظهار اُن زماني جي متعدد ٻين شاعرن ۾ ٻہ ملي ٿو. جِن خاص توجه ڏيئي پنهنجو ڪلام سنڌي ٻوليءَ ۾ جوڙيو. بهرحال، سنڌي ٻوليءَ کي جيڪو وڏو عروج مليو، سو ڪلهوڙن جي دور ۾، سنڌ جي سدا حيات ۽ سرمور شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان. شاهه صاحب جي ولادت ١٦٨٩ع ۾ ٿي ۽ هُو ١٧٥٢ع تائين هِن فاني دنيا

۾ حيات رهيو. اِن چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ شاھ عبداللطيف، قاضي قادن جي پيڙھ وڌل سنڌي اساسي شاعريءَ جي عمارت کي اُن بلنديءَ تي پهچايو، جنهن بلنديءَ کي اڃا تائين ٻيو ڪو بہ سنڌي شاعر ڇُهي نہ سگهيو آهي. شاھ سائين جي ڪلام جو ڪٺ "شاھ جو رسالو" آهي، جنهن ۾ شامل اٽڪل ٻہ سؤ وايون ۽ ٽي هزار اهڙا بيت آهن، جن کي معيار ۽ صحت جي لحاظ سان شاھ سائينءَ جا پنهنجا رچيل بيت ڪري مڃيو وڃي ٿو.

سنڌي ٻولي، شاھ عبداللطيف جي وقت تائين گهڙن ٿي گهڙن ۽ گهيرن مان گذرندي اِن منزل تي پهتي هئي. جيئن اڳ بيان ڪيو ويو آهي، شاھ کان اڳ جي ڪن شاعرن: قادري ۽ ٻين سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ڏي خاص ڌيان ڏنو. مخدوم ابوالحسن ۽ سندس ٻين همعصر عالمن پڻ سنڌي ٻوليءَ جي سڌاءُ ۽ لکڻ جي طريقي کي هڪ مخصوص روپ ڏنو هو. جنهن کي 'ابوالحسن جي سنڌي' سڏجي ٿو. سنڌي ادب جي تاريخ نويس محمد صديق ميمڻ جو رايو آهي تہ شاھ عبداللطيف اُها ساڳي سنڌي ڪم آندي، جا مخدوم ابوالحسن ۽ سندس همعصرن ڪم آندي هئي. هن جون لغوي ترڪيبون ۽ صورتخطيءَ جو نمونو بہ ساڳيو آهي.

شاھ جي رسالي جو اڀياس ڪرڻ سان ڏسجي ٿو تہ شاھ، نج ۽ چيدي سنڌي ڪتب آندي آهي. اُن ۾ سنڌيءَ جي فطري اوسر واري طريقي، پراڪرت ۽ اصل ٻولي سنسڪرت جا ڪيترائي لفظ اسان کي ملن ٿا. شاھ ۾ عربي ۽ پارسيءَ جا جيتوڻيڪ تمام گهڻا لفظ نہ آهن، پر ڪِن ڪِن هنڌن تي اِنهن ٻولين جي لفظن جو بہ اِستعمال ٿيل آهي ۽ پڻ قرآن شريف جي آيتن ۽ حديثن جا ٽڪرا، جيڪي عربيءَ ۾ آهن، تن کي پڻ تضمين طور ڪم آندو ويو آهي. سندس 'سُر رامڪلي'، 'سر آسا' ۽ 'سر پورب' ۾ جيڪا ٻولي ڪم آئي آهي، تنهن ۾ ڪيترائي لفظ ۽ ترڪيبون هندو جوڳين ۽ سنياسين جي ٻوليءَ واريون آهن. اِنهن سيني ڳالهين جي ڪري شاھ جو ڪلام ايترو تہ سليس ۽ عام

فهم آهي، جو هر ڪو شخص هندو توڙي مسلمان اُن مان فيضياب ٿيندو رهيو آهي ۽ اُن کي پسند ڪندو رهيو آهي.

شاهه کان يڪدم پوءِ واري شاعر سچل سرمست پڻ گهڻو تڻو شاهه عبداللطيف واري اڌ چڪي آهي. سچل جيتوڻيڪ پارسي، سرائڪي، هندي، پشتو جملي ستن ٻولين ۾ ڪلام چيو آهي. پر سندس شعر جيڪو سنڌيءَ ۾ آهي؛ اُن جو مِزاج ڏري گهڻ شاهه جهڙو ئي آهي. اُن جي برعڪس شاهه، سچل، سامي واري ٽمورتي جي ٽِئين شاعر، چئنراءِ بچومل لنڊ 'سامي' جي ٻوليءَ ۾ اڳين ٻن شاعرن جي ڀيٽ ۾ وڏو فرق آهي. اِن فرق جو هڪ وڏو، پر سمجهه ۾ ايندڙ ڪارڻ اِهو ٿي سگهي ٿو ته شاهه ۽ سچل نج تصوف واري فلسفي جا شاعر هئا. جڏهن ته سامي، ويدانت ۽ پارتي اڌياتمڪ فلسفي وارو شاعر هو. جنهن پنهنجي سلوڪن ۾ خود به چيو آهي ته ويدن جي واٽي، سنڌيءَ منجهه سٽايان. سو ئي اُن ويدڪ ۽ پارتي اڌياتمڪ پسمنظر سبب، سياويڪ طور هن جي ٻوليءَ تي پڻ سنسڪرت هندي وغيره ٻولين جو اَثر چٽو آهي. ساميءَ جي سنڌي ڀاشا ۾ وچين دور وارن ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ اِهو فرق شايد اِن ڪري به آهي، جو ٻيا گهڻي ڀاڱي شاعر ته لاڙ ۽ وچولي جا هئا. پر هيءُ ئي هڪ شاعر آهي، جيڪو شڪارپور جو هو ۽ پڻ زندگيءَ جو ڪجهه حصو امرتسر ۾ به رهيو هو. سنسڪرت ۽ هنديءَ جي اثر جي لحاظ کان ڏسجي ته ڪلهوڙن جي دور جي شاعر روحل ۾ پڻ اسانکي اِهو اثر نظر اچي ٿو. روحل، جيتوڻيڪ سنڌ جو شاعر هو ۽ سندس ٿورو ڪلام (٣١ بيت) سنڌيءَ ۾ به آهن، پر هن پنهنجو گهڻو ڪاويہ هندي، راجسٿاني ۽ سرائڪيءَ ۾ چيو آهي. هن جي رهائش به گهڻو وقت جوڌپور ۾ ٿي. جنهن ڪري روحل جي هندي ڪويتا توڙي سنڌي ڪلام تي هندي ۽ سنسڪرت جو اثر وڌيڪ آهي. بهرحال هنن شاعرن ۽ سندن نقش قدمي ڪندڙ، اِن ساڳئي دور جي بيشمار شاعرن، سنڌي شعر جي ذخيري کي خوب مالامال ڪيو آهي. پر اُن ۾ شاهه جي شاعريءَ جهڙو ٻيو ڪو مثال ئي نہ آهي.

اُهو تہ جڻ سنڌي ادب جي آسمان جو سُورج آهي.

جيئن لطف الله قادريءَ جي شاعريءَ تي تبصرو ڪندي مٿي لکيو ويو آهي، سنڌ ۾ پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ جي قدر ڪي سڃاڻندي، شاعرن ۽ عالمن، خاص توجہ ڏيئي سنڌيءَ ۾ عربي، پارسي ۽ ٻين ٻولين جا ڪتاب ترجمو ڪرڻ، سورهين صديءَ ۾ ئي شروع ڪري ڇڏيا هئا. اُهي ڪتاب فقط ڪلامن جا ئي نہ هئا، پر اُن سلسلي ۾ اِهو بہ خيال رکيو ويو تہ اهڙا ڪتاب هجن، جن ذريعي سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيئي سگهجي. اهڙن ڪتابن ۾ هڪ مشهور ڪتاب "**ابوالحسن جي سنڌي**" آهي، جيڪو ٺٽي جي مشهور عالم ميان ابوالحسن لکيو هو. بهرحال تازو ٿيل تحقيق سان اِها ڳالھ بہ روشني ۾ آئي آهي تہ ميان ابوالحسن کان اڳ بہ سنڌيءَ ۾ تعليمي ڪم کي ترقي وٺائڻ لاءِ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا هئا. ڊاڪٽر بلوچ "**سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ**" جي تازي ڇاپي ۾ اِهو ظاهر ڪيو آهي تہ ابوالحسن جي سنڌيءَ کان اڳ بہ سنڌيءَ ۾ تعليم جا اٽڪل ۴۹ ڪتاب موجود هئا. اُهي ڪتاب سمورا نظم ۾ آهن. اِن ڪري اُنهن کي 'منظوميہ' سڏيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ جو اِهو بہ رايو آهي تہ سنڌ ۾ نئين تعليمي نظريي ۽ تعليمي تحريڪ جي شروعات مخدوم جعفر جي ڪتاب 'حاصل النهج' جي لکجڻ کانپوءِ ٽيهن چاليهن سالن بعد ٿي. سورهين صديءَ کان وٺي اُٺويهين صديءَ تائين، يعني انگريزن جي آمد واري وقت تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن مجيد سميت بي شمار ڪتاب ٻين ٻولين مان ترجمو ٿيا. ايترو ئي نہ، سنڌي عالمن سنڌي ۽ پارسي ۽ سنڌي- عربي- پارسيءَ جون ٻن ٻولين واريون ۽ ٽن ٻوليون واريون ڊڪشنريون بہ جوڙيون. جن کي نج سنڌي نالن سان 'ٻو وايا' يعني ٻن واين ۾ ۽ 'ٽِہ وايا' يعني ٽِن واين يا ٻولين ۾ ڪري سڏيو ويو.

اِن طرح مذڪوره تجزيي مان ڏسبو تہ ۱۵۰۰ع کان وٺي اُٺويهين صديءَ جي وچ ڌاري ۱۸۴۳ع تائين، سنڌي ٻولي منزل بہ منزل مسلم ترقي جي راھ تي گامزن رهي آهي.

## "برطانوي دور ۾ سنڌي ٻولي"

ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي

# "برطانوي دور ۾ سنڌي ٻولي"

## ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي

ماڻهو جڏهن هڪ ٻئي سان تعلق ۾ لهه و چڙهه ۾ اچن ٿا، تڏهن هو ڪجهه نه ڪندا هجن، ڪهڙو نه عمل ڪن؛ پيار ڪن، محبت ونڊين، ڪاروبار هلائين، آفيس ۾ گڏ ڪم ڪن، مزوري ڪن يا راند ڪن يا ڪنهن نه ذريعي سان سفر ڪندا هجن؛ هو هڪ ٻئي سان جڏهن نه رابطي ۾ اچن ٿا ته اُهي پاڻ ۾ ڳالهائين ٿا. اسين ڳالهائڻ واري ٻوليءَ جي ڪائنات ۾ رهون ٿا. اسين پنهنجن دوستن، مائٽن، عزيزن، واقف-اڻ واقف ماڻهن سان ڳالهايون ٿا. اسان روبرو ۽ ٽيليفون تي نه ڳالهايون ٿا ۽ موت ۾ هو ٻيو ماڻهو نه ڳالهائي ٿو. ريڊيو ۽ ٽيليفون اسان ڪان وڏيڪ ڳالهائين ٿا. اُهي گهڻو وقت هڪ طرفو ڳالهائين ٿا ۽ لفظن جي پرمار ڪن ٿا.

انسان جي زندگيءَ جون گهڻ گهڙيون بنا ڳالهائڻ جي گذرن ٿيون ۽ اُنهن گهڻ ۽ خاموش گهڙين ۾ نه ٻولي اسان جي دماغ ۾ گردش ڪندي رهي ٿي. گهڻا شخص ننڊ ۽ خوابن ۾ نه ڳالهائيندا آهن. اڪثر گهڻا اِنسان پنهنجي منهن نه ڳالهائيندا آهن. جڏهن ته ڪو ٻڌڻ ۽ جواب ڏيڻ وارو نه ڪونه هوندو آهي. ٻولي ۽ اُن جو استعمال، يعني ڳالهائڻ ئي سماجي

تحفو آهي، جيڪو انسان کي ٻين جانورن کان الڳ ڪري بيهاري ٿو. ماڻهپي ۽ اِنسان کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ ٻوليءَ جي قدرت ۽ ڪيفيت کي سمجهون. اِها ٻولي ئي آهي جيڪا اِنساني زندگيءَ ۽ طاقت جو ذريعو آهي. اسين ڪا ٻولي ڄاڻون ٿا تہ اُها ٻولي ڳالهايون بہ ٿا ۽ اُها ٻين ماڻهن کي سمجهہ ۾ بہ اچي ٿي، جيڪي ساڳي ٻولي ڄاڻن ٿا. حاصل مطلب تہ اسين ڪي اهڙا آواز پيدا ڪيون ٿا، جيڪي ڪي مقصد ۽ مطلب ظاهر ڪن ٿا ۽ ساڳين آواز ڪندڙن کي سمجهہ ۾ اچن ٿا.

ٻولي صرف رابطي جو ذريعو ئي نہ، پر ٻولي ئي اِنسان، گروه، قوم، قبيلي جي سڃاڻپ جو ذريعو آهي. ٻوليءَ سان ئي سياسي ۽ معاشي مفاد وابستہ آهن.

آمريڪي لسانيات جي ماهرن بلاڪ ۽ ٽرئگر (Blochr - Tragr) ٻوليءَ جي وصف هن ريت ڏني آهي:

'Language is a system of arbitraty vocal symbols by means of which social group- Co- operates'

(An out line of lingustic analysis: Lingustic of Amercia. 1942- p.s)

سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي - ڊا. غلام علي الانا). ڪنهن بہ سماجي گروهہ ۾ هڪ ٻئي سان تعاون لاءِ اِنسان ذات جي زبان مان نڪتل آواز جي سرشتي کي ٻولي سڏجي ٿو. زبان هڪ ذريعو آهي جنهن جي وسيلي هڪ اِنسان جي طلب Stimulus جو ٻيو اِنسان جواب Response ڏئي ٿو. زبان، تهذيب ۽ تمدن جو بنياد آهي، زبان، خيالن جي اظهار جو وسيلو آهي. زبان جي عمل سان ئي هرڪا قوم ٻڌجي ٿي، اگر اسان کي ڪنهن قوم جي طريقن، لباس، کاڌ خوراڪ، خطي ۽ ماحول جي ڄاڻ حاصل ڪرڻي آهي تہ اُهو اُن قوم، قبيلي، ملڪ جي زبان جي مطالعي مان ئي ڄاڻي سگهجي ٿو.

سنڌي ٻولي ۽ زبان، سنڌ ۽ سنڌين جي زبان آهي. سنڌ

۽ اُن جي آس پاس جي وڏي حصي ۾ اُها ڳالهائي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. جيون جو ڪاروبار سنڌيءَ ۾ بہ هلندڙ آهي. اسين اِهو بہ ڄاڻون ٿا ۽ سنڌ جي اِتهاس مان بہ ڄاڻ ملي ٿي تہ سنڌ تي صدين کان وٺي ڪيترين قومن حملا ڪيا آهن. سنڌ ۾ بار بار قومون آيون، وسيون ۽ وري ڪن سنڌ تي حڪومت بہ ڪئي. سنڌ جي رهواسين جا اهڙيءَ طرح آرين، ايرانين، عربن، مغلن ۽ انگريزن ۽ ٻين سان تعلقات قائم ٿيا. جن کي پنهنجي علحده تهذيب ۽ سڀيتا هئي. ٻاهران آيل قومن پاڻ سان پنهنجي ٻولي بہ آندي. جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جو ميلاپ، ڪيترين مختلف ٻولين سان ٿيو. ٻولين جي ميلاپ جو هڪ خاص سبب دنيا ڀر ۾ مذهبن جو ڦهلاءُ بہ رهيو آهي. قديم زماني ۾ آرين سنسڪرت جو ڦهلاءُ ڪيو. زردشت مذهب ڪري اوستا زبان ايران ۾ اثر انداز ٿي. لاطيني زبان جي واڌ عيسائي مذهب دوران ٿي. عربي ٻولي بہ اسلام سان گڏ جدا جدا مسلم ديشن ۾ ڦهلي. سنسڪرت جو اثر ٿائلنڊ، انڊونيشيا، چائنا ۽ جپان تائين ٻڌ ڌرم جي ڪري قائم ٿيو.

هندستان جي زمين تي اُردو زبان جنم پاتو. اِها بہ حقيقت آهي تہ ٻولين جي ميلاپ ڪري هڪ ٻولي، ٻي ٻوليءَ کان ڪي لفظ اُڌارا وٺندي آهي ۽ اڳتي هلي اُهي لفظ اُن ۾ جذب ٿي، اُن ٻوليءَ جو هڪ حصو بڻجي ويندا آهن. ڪي لفظ مادري زبان مطابق بہ تبديل ٿيندا آهن. پر گهڻا ئي وري صوتي، صوتيائي ۽ نحوي قاعدا- قانون بہ ساڳيا استعمال ڪن ٿيون.

جيستائين سنڌي ٻوليءَ جو سوال آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ٻين ٻولين سان ميلاپ جي ڪهاڻي قديم ايراني اثرات کان شروع ٿئي ٿي. ايران جي شهنشاهه دارا استاسپ سنڌ کي ڪڇ جي علائقي سميت ٥١٩ ق. م. ۾ پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو. دارا جي زماني ۾ سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪروشي آئيويٽا چالو ڪئي. جيڪا پڻ سنڌيءَ جيان ساڄي کان کاٻي لکي ويندي هئي. اُن ريت سنڌي ٻوليءَ جو ٻين ٻولين سان ميلاپ جو سلسلو اڳتي وڌندو رهي ٿو.

ايچ. پنوهر تيار ڪيو آهي. جنهن جي آڌار تي چاٽ پوي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ جي طويل تاريخ ۾ جن ٻولين پنهنجا اثر ڇڏيا آهن؛ اُهي هن ريت آهن:

پروٽو هند- يورپي

پروٽو هند- ايراني

پروٽو هندي

دراوڙي ١٠٠٠ ق.م کان اڳ

پروٽو سنڌي

رگ ويد ۽ سنسڪرت ١٠٠٠ کان ٦٠٠ ق.م.

پوئين سنسڪرت ٦٠٠ کان ٥٠٠ ق.م.

آريائي ۽ پهلوي ٥٠٠ کان ٤٠٠ ق. م.

پالي ٣٢٥- ١٨٧ ق م

پالي ۽ يوناني ١٧٨ کان ٢٨٣ع

پهلوي ٢٨٣- ٣٥٦ع

اوائلي سنڌي

سنسڪرت ٣٥٦- ٧١١ع

عربي ۽ سنسڪرت ٧١١- ١٠١١ع

وچين سنڌي ١٠١١ع - ١٣١٥ع

فارسي ١٣١٥- ١٦٠٠ع

ڪلاسيڪل سنڌي

فارسي ١٦٠٠ع- ١٧٤٢ع

اڻويهن صديءَ جي سنڌي

انگريزي ۽ فارسي ١٨٤٣- ١٩٤٧

جديد سنڌي

(ڪينجهر -٥-١٩٩٣- سنڌ يونيورسٽي- ص ١١٨)

ڊاڪٽر بني بخش بلوچ پڻ اِن قسم جو سن وار چارٽ جوڙيو آهي. اسان کي هنن خاڪن مان ڄاڻ پوي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ جو ميلاپ دراوڙي ٻولين، سنسڪرت، اوستا (پراڻي فارسي)، پالي، يوناني، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين سان ٿيو آهي.

هن مقالي جو واسطو انگريزي حڪومت يعني ١٨٤٣ کان ١٩٤٧ع سان آهي. سنه ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي. اُن وقت سنڌ ۾ فارسي ٻولي هلندڙ هئي. اُن وقت اٽڪل ڇهه سؤ کن مڪتب سنڌ ۾ هلندڙ هئا. انگريزن اچڻ شرط اُن وقت سيدن کي جيڪي لوازما ملندا هئا، اُهي بند ڪيا ۽ مڪتبن کي جيڪا مالي امداد ڏني ويندي هئي؛ اُها بند ڪئي. جنهن ڪري ناڻي جي کوٽ ۽ حڪومت جو سهارو نه هئڻ ڪري پارسيءَ جي واڌاري کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. اُن شروعاتي عرصي ۾ حيدرآباد جي ڪليڪٽر ڪئپٽن راٿبوان انگريزي اسڪول کولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر لائق ماستر نه ملڻ ڪري اسڪول کلي نه سگهيو. پر ڪئپٽن پريڊي جي ڪوشش سان ١٨٤٦ ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ اسڪول کليو. جنهن ۾ مفت تعليم ڏني ويندي هئي. هن اسڪول ۾ عيسائين جو انجيل (بائيبل) ضرور پاڙهيو ويندو هو. ١٨٢٥ع ۾ اُن جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪيو ويو هئو. اُن جو نئون ترجمو ڪئپٽن جارج اسٽڪ ڪيو، جو ديوناگريءَ ۾ ١٨٥٠ ۾ ڇپيو. بعد ۾ 'يومن' جو ترجمو برنس ١٨٥٢ ۾ عربي سنڌي اکرن ۾ ڪيو. ٻئي سال اِهو گرمکي اکرن ۾ به ڇپيو.

ٻوليون رڳو آواز جو اُهو سرشتو نه آهن، جيڪي ساڳئي گروه ڇا اِنسان هڪ ٻئي کي پنهنجي مقصد سمجهائڻ لاءِ زبان ـان ڪڍن ٿا. پر اُنهن نڪرندڙ آوازن ۽ اُنهن کي ڪاغذ تي ـتڻ ۽ لکڻ جو هڪ تسليم ڪيل نظام به ڳولهي لڌو ويو. ـنهن کي لپي سڏجي ٿو.

انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌ ۾ ٻوليءَ لاءِ هڪڙي آئيوِيٽا ڪونه هئي. سنڌ جا برهمڻ ۽ ڪي ٻيا شخص ناگري (شاستري) اکر ڪم آڻيندا هئا، ته پائيبند هندو، ـي يا واڻڪي اکر ڪم آڻيندا هئا. جن ۾ ڪي به لاڪنائون

يا ماترائون ڪونہ هونديون هيون. خواجہ ۽ ميمڻ بہ اِهي اکر ڪم آڻيندا هئا. گهرن ۾ ناريون گرمکي پڙهنديون هيون. سنہ ١٨٩٠ ۾ سنڌ جي ايڊيوڪيشن انسپيڪٽر جيڪب صاحب ٽورا هندي- سنڌي اسڪول ڪوليا ۽ هندو سنڌي آئيويتا ۽ ماترائون گڏايائين. اِهو ڪم راءِ بهادر ديوان ڪوڙومل ڪيو. اِن نئين آئيويتا ۾ ڪي هندو سنڌي درسي ڪتاب بہ ڇپيا.

سن ١٨٥١ع ۾ سنڌ جي چيف ڪمشنر سر بارٽل سرڪاري ڪم پارسيءَ بدران سنڌيءَ ۾ هلائڻ جو فرمان جاري ڪيو. اُن وقت اِها ڪوشش ورتي ويئي تہ سڀ سرڪاري ڪم سنڌيءَ ۾ هلڻ گهرجي. يوروپي ۽ ٻيا غير ڏيهي عملدار، سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن ۽ عام ماڻهن ڪان پنهنجي سر احوال وٺي اُن جو نيڪال ڪن ۽ سنڌي اسڪول ڪوليا وڃن. پر جئن تہ اُن وقت سنڌيءَ لاءِ ڪا مقرر ٽيل آئيوٽيا نہ هئي، اِن ڪري مٿين ڳالهين جي مرادن جي برٿوابيءَ لاءِ هڪ مقرر سنڌي آئيوٽيا جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي ۽ سن ١٨٥٣ ۾ سر ايلس جي صدارت ۾ عربي سنڌي آئيوٽيا جوڙڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. جنهن جا ميمبر هئا راءِ بهادر نارائڻ جڳننات، خانبهادر مرزا صادق علي بيگ، ديوان پرڀداس رامچنداڻي، ديوان اُڌارام ميرچنداڻي، ديوان ننديرام ميراڻي، ميان محمد، قاضي غلام علي ۽ ميان غلام حسين.

هن ڪاميٽيءَ ڪجهہ قديم سنڌي لکيل ڪتابن جو سهارو وٺي يعنيٰ ڪجهہ اکوٽو نمونو ۽ ڪجهہ اردو وارو نمونو (فورٽ وليم جي ڪن پروفيسرن جي جوڙيل اردوءَ لاءِ آئيويتا) اختيار ڪري هاٺوڪي سنڌي آئيويتا جوڙي. اِها نئين آئيويتا ١٨٥٣ع ۾ نهي ۽ اُن جو عمل شروع ٿيو. هن نئين عربي سنڌي آئيويتا تي، نئين سنڌي صورتخطي مقرر ٿيڻ تي گهڻو بحث هليو. ڪن هندن جو چوڻ هو تہ ا ۽ ع، ت، ط، ث، س ۽ ز، ذ، ض ۽ ظ، ڪ ۽ ق، ح ۽ ه جهڙن اُچارن لاءِ ڌار ڌار اکرن بدران هڪ هڪ اکر مقرر ڪري اکرن جو تعداد گهٽائجي. پرَ اِها رٿ اُن وقت ڪجهہ سبب ڏيئي رد ڪئي ويئي تہ

سورهين صديءَ کان ۱۸۵۳ تائين سڀ سنڌي ڪتاب عربي ۽ پارسي صورتخطيءَ ۾ لکيل آهن ۽ جيڪڏهن عربي حرفن جون صورتون ڦيرايون ويندڙيون ته ڇهن صدين جو علم- ادب بيڪار ٿي ويندو. سربارٽل ٻيڪراءِ ٿي عربي صورتخطي قائم رکي ۽ لج سنڌي آوازن لاءِ نوان حرف مقرر ڪيائون، ٻ، ڏ، ڄ، ڳ چار نجا سنڌي ۽ چار نجا عربي ف، خ، غ ۽ ڙ باقي فارسي ۽ ترڪي. اکر گهٽائڻ ۽ ڌار ڌار اکرن بدران هڪ اکر مقرر ڪرڻ جي ڳالهه اڄ به جاري آهي ۽ اُن تي وقت به وقت بحث به ڪيو پيو وڃي.

نئين آئيوينا جي جوڙڻ ۽ اُن جي خامين تي اُن وقت ڪافي بحث هليو. ڪن جو چوڻ هو ته اردو آئيوينا جيڪا اُن وقت تيار هئي سا ئي سنڌيءَ لاءِ به اختيار ڪئي وڃي ها. ڪن جو چوڻ هو ته خواجه ۽ ميمڻ. هندو سنڌي اکر پيا ڪم آڻين، تنهن ڪري اُنهن ۾ لاڪنائون ۽ ماترائون گڏي اُهي چالو ڪرڻ کپندا هئا. اُن وقت ديوناگري به عمل ۾ هئي. ان لاءِ ڪن جو چوڻ هو ته ديوناگري اکرن ۾ ڦير گهير ڪري اُهي ڪم آڻڻ گهربا هئا. ڪجهه به هجي نئين آئيوينا جو ورود ٿيو پر وريو ڪجهه به ڪونه. سنڌيءَ لاءِ سنڌي لپي ۽ ديوناگري لپيءَ جو اِهو جهڳڙو هند ۾ اڄ به قائم آهي. حيدرآباد جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن اسٽئڪ جو چوڻ هو ته سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرتي بنياد سيان ديوناگري لپي اُن لاءِ وڌيڪ ڪارگر ٿئي ها.

سنڌيءَ لاءِ آئيوينا مقرر ٿيڻ سان سنڌيءَ کي ڪافي اهميت ملي. جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ سرگرميون پڻ وڌي ويون. اسڪول برپا ٿيڻ سان اسڪولي شاگردن ۽ اڌياپڪن کي اڀياس لاءِ ضروري درسي ڪتاب ميسر ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي ويئي. اِن ڪري ودوانن جو ڌيان گرامر، لغت ۽ ٻوليءَ جي ٻين شاخن طرف پڻ ويو. پڙهڻ ۾ ايندڙ سمورا وشيه جيئن تاريخ، جاگرافي، حساب، سوڪس وغيره جا درسي ڪتاب به تيار ٿيا. ۱۸۸۷ع تائين ترجمن جو دور هو. پارٽي ٻولين: هندي،

گجراتي وغيره تان انواد ڪري ٻارن کي ڪتاب ميسر ڪري ڏنا ويا.

آئيويئنا لهڻ سان ٻيو ڪم به ٿيو. درسي ڪتابن جي اشاعت ۽ سرڪاري ڪم لاءِ سنڌيءَ جو هڪ معياري لهجو مقرر ڪيو ويو. جڏهن ته انگريزن، سنڌ جي جدا جدا علائقن ۾ سنڌيءَ جا جدا جدا لهجا هجڻ ڪري، ڪنهن هڪ لهجي کي اپنائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. انگريزي حڪومت حيدرآبادي لهجي کي سرڪاري طور ڪتابن جي اشاعت ۽ سرڪاري ڪم لاءِ قبول ڪيو. سنڌيءَ جون سڀ تصنيفون ۽ لکيتون ان ئي لهجي ۾ تصنيف ٿيڻ لڳيون. غير ملڪي ماڻهن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ ڪتاب پڻ هن ئي لهجي ۾ لکيا ويا. حيدرآبادي لهجو مقرر ٿيڻ لاءِ ديوان ڀيرومل جو رايو آهي ته:

”حالانڪ سنڌ جي ساهتيہ خطي وارو لهجو زياده معياري آهي، پر چاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ناهڻ واري ڪاميٽيءَ توڙي سرڪاري تعليم کاتي ۾ حيدرآباد جا رهاڪو گهڻا هئا ۽ درسي ڪتاب لکڻ وارن ۾ به حيدرآبادي گهڻا هئا. تنهن ڪري ئي حيدرآبادي لهجي کي سرڪاري طور اهميت ملي ۽ اُن کي ئي معياري لهجو تسليم ڪيو ويو.“

”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“- آڏواڻي ڀيرومل- سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٦- ص ٩٣)

اُن طرح انگريزن جي وقت ۾ لهجن جي حد پڻ مقرر ڪئي ويئي. اسان کي اِها ڄاڻ آهي ته ٻولي هڪ وهندڙ درياه آهي ۽ ٻوليءَ جا جدا جدا لهجا ڪنهن حد تائين پهچي پنهنجو اثر گهٽائي ڇڏيندا آهن. لهجن جي خاتمي وارن حدن جا نشان (خيالي ليڪون) نقشي تي ڏيکاري سگهجن ٿيون. اهڙين خيالي ليڪن کي لسانيات جي ماهرن آئسوگلاسر Issooglosser سڏيو آهي.

ٻوليءَ جي لهجن جي ڳالهه هلي رهي آهي ته مان ايترو

والن ١٨٣٦

٤- Vocabulary of Sindhi Language مسٽر ايسٽ وڪ ١٨٤٣

٥- Vocabularies of swen Languages spoken in Counutries West of Indus مسٽر ليچ ١٨٤٣

٦- A dictionary of English - Sindhi ڪئپٽن اسٽئڪ ١٨٤٩

٧- A Grammer of Sindhi Language ڪئپٽن اسٽئڪ ١٨٤٩

١٨٥٣ ۾ سنڌي لپي جڙڻ کانپوءِ ڏڪشنريون، گرامر ۽ پهاڪن جا ڪتاب شايع ٿيا. جن مان ڪي پهريان ڪتاب ديوناگريءَ ۽ ڪي انگريزيءَ ۾ ۽ باقي عربي سنڌي لپيءَ ۾ هئا. مکيه ڪتاب هن ريت آهن.

- ننڍو سنڌي وياڪرڻ- منشي اُڌارام ٿانورداس (١٨٥٤).

Vocabulary of Sindhi مسٽر ايٽر نگٽن- لپزگ (١٨٥٥)
Agricultural Terms Herbs and Drugs

- "سنڌي پاٺاولي" (ديوناگر- عربي) ڊا. ارنسٽ ٽرمپ (١٨٥٨)

- "اکر ڌاتو" (سنڌي لفظن جا سنسڪرت بنياد ريوَرنڊ جارج شرٽ.)

-"جواهر لغات" (نج سنڌي اکرن جو فارسيءَ ۾ معنائون) آخوند عبدالرحيم ١٨٧١

- "عاشق الغموفن" (سنڌي لفظن جا عربي اشتقاق ۽ معنائون) آخوند فتح محمد ١٨٧٥

- "وٿ پٽي ڪوش" (سنڌي لفظن جا سنسڪرت بنياد) جهمٽمل نارومل ١٨٨٦

- "سنڌي پهاڪا" ڪوڙومل چندنمل ١٨٨٨

- "گل شڪر" ڪيولرام سلامتراءِ ١٩٠٥

ديوان رچڻ جي پرمار ٿي. هن يگ ۾ پارسي غزل جو گهڻو-تڻو نقل ڪيو ويو. شمع- پروانا، ساقي، شراب، گلاب، بلبل، ڪستوري، بسنت، بهار، زلف ليليٰ مجنو، شيرين فرهاد وغيره کي گهڻي اهميت ڏني ويئي. ٻولي سنڌي هئي، پر پارسي ڇنڊ وديا، موضوع ۽ ڪوتا روپ قائم رهيا. ان ئي عرصي ۾ مرزا قليچ بيگ، عمر خيام رباعين جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪيو. هن ئي دؤر ۾ اسڪولي درسي ڪتابن ۾ ڪلاتمڪ ڪوتائون شامل ڪيون ويئون. جيڪي شاگردن، اُستادن ۽ عام پالڪن کي ڪافي وڻيون ۽ لوڪپريہ بڻيون. هن ئي وقت ۾ صوفي پرمپرا ۽ ساميءَ جي شلوڪن جي ڍنگ تي پڻ ڪوتائون جوڙيون ويئون. مارئي، سسئي، هير کي ڪٿي ڪجھ ڪافيون بہ رچيون ويئون. هن سمي ۾ شاھ، سچل، سامي، بيدل، بيڪس، سانگي وغيره ڪوين جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا.

١٩٠٧ - ١٩٤٧ واري دور ۾ ادب جون سرگرميون نظم بدران نثر طرف وڌيڪ مڙيون. ماڻهن جو ڌيان راڄنيتي ۽ سماج سڌار طرف ٿيڻ لڳو. هيءَ وقت نئين سڄاڳيءَ ۽ راشٽر چيتنا جو يگ هو. هن دور ۾ سنڌي مسلم گهڻو ڪري راڄنيتيءَ ۾ مشغول رهيا. پر هندو سوتنترتا سنگرامي بڻجي ويا. اِن ڪري هن دؤر ۾ ديوان يا رسالا لکڻ جو وقت ڪنهن وٽ ڪونہ هو. پر غزل، مثنوي لکڻ جاري رهيو. 'عزيز' اُن جو ماهر شاعر هو. هن يگ جي هندن جون ڪوتائون ڪافي اثردار ۽ ڪلاتمڪ رهيون.

هن دؤر ۾ وشيہ ۽ روپ جي لحاظ کان سنڌي ڪوتا ۾ هڪ بدلاءُ آيو. بيوس، سنڌيءَ ۾ هڪ نئين ڪاويہ ڌارا کي جنم ڏنو. بيوس راشٽروادي هو. هو سنڌيءَ جو پهريون ڪوي هيو. جنهن راشٽر گيت رچيا. هن پريم ۽ سندرتا تي انيڪ ڪويتائون رچيون. بيوس، سنڌي ساهتيہ جي خاص شيوا ڪئي. هن نوجوان ڪوين کي پريرڻا ڏني. دادا دکايل ۽ دادا دلگير، بيوس جا ئي شاگرد آهن. دادا دکايل تہ قومي شاعر جو خطاب بہ حاصل ڪري چڪو آهي. هن دؤر ۾ راشٽريہ چيتنا سان ڀرپور گيتن

ڪنب پاسي ڪان اپياس ڪيو ويو.

**مددي ڪتاب**


١- ”سنڌي ساهتيه جو اِتهاس“: لال سنگهه هزاري سنگهه اجواڻي ١٩٩٢.

٢- ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“: ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ١٩٩١

٣- ”سنڌي نثر جي تاريخ“: منگهارام ملڪاڻي ١٩٦٨

٤- ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“: ڊا. غلام علي الانا ١٩٩٥

٥- ”ڪينجهر- ٥“ سنڌ يونيورسٽي ١٩٩٣

٦- ”ڪينجهر- ٦“ سنڌ يونيورسٽي ٢٥-١٩٩٦.

# ورهاڱي بعد ٻهو ڀاشي ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر

- ڊاڪٽر ڪنعيالال ليکواڻي

# ورهاڱي بعد ڀهو ڀاشي ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر

- ڊاڪٽر ڪنعيالال ليکواڻي

جهڙيءَ ريت هر انسان لاءِ هوا، پاڻي ۽ کاڌو ضروري آهي، ساڳيءَ ريت هر شخص لاءِ ڪنهن نه ڪنهن ٻوليءَ جي ڄاڻ پڻ لازمي آهي. هر انسان کي مالڪ پاران ڏنل خاص ڏات آهي ’ٻولي‘. ٻولي ئي کيس ٻين جيون کان علحده ۽ خاص درجو عطا ڪري ٿي. انساني وجود ۽ وڪاس جو اهم انگ آهي ’ٻولي‘. ٻولي، اظهار جو اهم وسيلو ته آهي ئي، پر ان سان گڏوگڏ پنهنجي تهذيبي ورثي کي سانڍي رکڻ ۽ مالا مال بڻائڻ جو ساڌن پڻ آهي. ٻولي ئي هر شخص کي پنهنجي تهذيبي ورثي کان واقف ڪرائي، پنهنجي ٻوليائي سماج (Linguistic Community) سان ڳنڍي، اُن ٻوليائي سماج جو دائرو وسيع بڻائي، ان ۾ ايڪو قائم رکي ٿي. ٻولي، پنگتي سطح تي هر فرد کي هڪ خاص درجو پڻ عطا ڪري ٿي.

دراصل هر شخص جنم وٺندي ئي ڪنهن نه ڪنهن ٻوليائي سماج جو ڀاتي بڻجي وڃي ٿو. هو مليل ماحول موجب غير دستوري نموني پنهنجي سماج جي ٻولي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ

لڳي ٿو ۽ اڳتي هلي آن ٻوليءَ ۾ دستوري نموني پڙهڻ لکڻ جا هنر به سکي ٿو. ان ٻوليءَ جي مختلف وهنوار ڪيترن (language domains) ۾ اثرائتي نموني اظهار جي عبارتن کان پڻ واقف ٿئي ٿو. ڪيترين حالتن ۾ هو سياسي، پنگتي ۽ مالي سببن ڪري غير دستوري يا دستوري نموني ٻيون ٻوليون به سکي ٿو. نتيجي ۾ ان ٻوليائي گروه ڪيتر ۾ هڪ ٻهوڀاشي ماحول پيدا ٿي وڃي ٿو.

عام طور ڪنهن به شخص لاءِ هڪ کان وڌيڪ ٻولين جي ڄاڻ فائديمند ثابت ٿيندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن مختلف دٻاون سبب ٻيون ٻوليون مٿس ايترو ته حاوي ٿي وينديون آهن، جو ڪيس نج ٻولي وڃائي ويهڻ جو ڊپ ستائڻ لڳندو آهي. اڄ ڪيترن دٻاون سبب ان قسم جو ٿورو ڪي گهڻو ڊپ سنڌي ٻوليائي سماج کي پڻ ٿيڻ لڳو آهي.

اها هڪ وهنواري سچائي آهي ته جتي به هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڪتب اينديون آهن، اُتي گهٽي ياگي لوڪ ٻهو ڀاشي بڻجي ويندا آهن. مختلف سببن ڪري اتي جي مکيه ٻوليءَ/ ٻولين جو وهنوار ڪيتر وسيع ٿيندو ويندو آهي ۽ ٿورائيءَ واري ٻوليءَ جو وهنوار ڪيتر سُسندو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته سياسي دٻاون، روزگار جي وجهن، ڏيکاو جي موه ۽ ٻين ڪيترن منووگياني ڪارڻن سبب نج ٻوليءَ جو واهپو ئي ختم ٿي ويندو آهي.

جيڪڏهن ٻوليائي نظريي کان ڀارت جي حالتن جو جائزو وٺجي ته خبر پوي ٿي ته اسانجو ديش آد کان ٻهو ڀاشي ديش رهيو آهي. هت انيڪتا ۾ ايڪتا جي خاصيت ٻوليائي خيال کان پڻ رهي آهي. قديم زماني ۾ هر ٻوليءَ ۽ اُپ ٻوليءَ جا وهنوار ڪيتر اهڙيءَ ريت ورهايل هئا، جو سماج ۾ نج ٻوليءَ/ اُپ ٻوليءَ جي استعمال جا وجهه سياويڪ نموني ملي ويندا هئا. پر هاڻي جديد زماني جي انقلابي تبديلين سبب وقت جي رفتار سان ٻوليائي وهنوار ڪيتر ۾ اثر تمام تيزيءَ سان بدلجڻ

لڳا آهن.

ٻهو ڀاشي ڀارتي ماحول ۾ سيني ٻولين کي پنهنجي پنهنجي کيتر ۾ اُسرڻ جا وڌ ۾ وڌ وجهه ملي سگهن، ان خيال کان ٻوليوار صوبن جي رچنا ڪئي ويئي ۽ سيني ڀارتي ٻولين جي واڌاري لاءِ وڏان ۾ انيڪ سهوليتون درج ڪيون ويون. جئن اهي ٻولين پنهنجي پنهنجي کيترن ۾ سياويڪ نموني اُسري سگهن. پر اها هڪ ڏک ڀري سچائي آهي تہ ملڪ جي آزاديءَ جي اڌ صدي پوري ٿي وڃڻ بعد بہ ڀارتي ٻوليون مختلف وهنوار کيترن ۾ گهربل رفتار سان اُسري نہ سگهيون آهن. ٻي ڳالهہ تي مکيہ صوبائي ٻولين کانسواءِ ٻين ٿورائيءَ وارين ٻولين جي مسئلن کي سنجيدگيءَ سان سمجهيو ئي ڪين ويو آهي. نتيجا انهن ٻوليائي گروهن ۾ نج ٻوليءَ ڏانهن لاپرواهيءَ وارو رويو ۽ نااُميديءَ جو احساس پڻ گهر ڪرڻ لڳو آهي.

ڪنهن بہ اُسريل ٻوليءَ جو استعمال، ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان علاوه ڪاروبار (سرڪاري توڙي خانگي)، تعليم، ماس ميڊيا اليڪٽرانڪ توڙي پرنٽ ميڊيا) ۽ ساهت جهڙن اهم ٻوليائي کيترن (Language domains) ۾ پڻ ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن اسين انهن ٻوليائي کيترن جو جائزو وٺون تہ ڏسون ٿا تہ اسانجي ملڪ ۾ ڪاروبار ۽ تعليم جي کيترن ۾ انگريزيءَ جو موه ڪجهہ وڌيڪ ئي رهيو آهي. اليڪٽرانڪ ميڊيا جي کيتر ۾ پڻ انگريزيءَ جي ڀيٽ ۾ ڀارتي ٻوليون ايتري مقبوليت حاصل ڪانہ ڪري سگهيون آهن. اليڪٽرانڪ ميڊيا جيان پرنٽ ميڊيا جي کيتر ۾ پڻ وشين جي گوناگونيت ۽ معيار جهڙين اهم ڳالهين کي ڀارتي ٻولين ۾ سنجيدگيءَ سان ڪونہ ڪنيو ويو آهي.

ان سموري پس منظر کي ڌيان ۾ رکندي، هتي ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر جي مختصر جائزو ورتو ويو آهي.

سنہ ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ ۾ انگريزي حڪومت قائم ٿيڻ بعد شروعاتي دستوري تعليم ۽ مڪاني ڪاروبار ۾ سنڌيءَ جي استعمال

لاءِ سرڪاري سطح تي ڪوششون شروع ٿيون. ان سان گڏوگڏ سنڌيءَ جي واڌاريءَ جي ڏس ۾ خانگي تعليمي، ادبي ۽ ثقافتي سنسٿائن جو پڻ سارو جوڳو يوگدان رهيو. ان سبب سنڌيءَ کي پڻ ٻين جديد ڀارتي ٻولين جيان آسرو جو پورو موقعو مليو. ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي دستوري وهنوار ڪيترن ۾ سنڌي ٻولي وڌڻ، ويجهڻ لڳي.

ڳوٺ ڳوٺ ۾ سنڌي اوائلي تعليم لاءِ اسڪول کولايا ويا. شهرن ۾ سانسڪرتڪ ۽ ساهتڪ منڊليون قائم ڪيون ويون. سنڌي اخبارون ۽ مخزنون شروع ٿي ويون ۽ تمام وڏي تعداد ۾ ترجما ۽ اصلوڪا ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا. نتيجا سنڌيءَ جي ڦهلاو کي وڏي هٿي ملي. ان ڪيتر ۾ هندو سنڌي تعليمدانن، اديبن ۽ پبلشرن جو وڏو يوگدان رهيو. پر سن ١٩٤٧ع ۾ ورهاڱي جي ڪاپاري ڌڪ، سنڌي قوم جي سموري تمدني سرشتي کي ٽوڙي ڇڏيو. ورهاڱي جي طوفان هن قوم جي هڪ وڏي اهم حصي (اٽڪل ڏهن لکن باشندن کي، پنهنجي يڪياشي زمين جي پاڙن کان پٽي هڪ علحده ڀهوياشي ماحول ۾ ٽيڙي پکيڙي ڇڏيو. آدمشماريءَ جي انگن اکرن موجب سنڌ ۾ سن ١٩٣٣ع ۾ نوانوي سيڪڙو ۽ ١٩٤٧ع ڌاري نوي سيڪڙو سنڌي يڪياشي هئا. هن وقت هتي لڳ ڀڳ سوءَ سيڪڙو سنڌي ٻه ڀاشي يا ڀهوياشي بڻجي چڪا آهن.

هن وقت ڀارت ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد اٽڪل ٽيهه لک ٿيندو. جنهن جو هڪ ڀاڱي ٽي- حصو گجرات جي ڪڇ سوراشٽر ايراضيءَ ۾ سنڌيءَ جي اُپ ٻولي ڪڇي ڳالهائيندڙن جو آهي ۽ سنڌ جي سرحد سان لڳندڙ راجسٿان جي جيسلمير- باڙمير ايراضيءَ ۾ رهندڙ ٿري اُپ ٻولي ڳالهائيندڙن جو ۽ ٻه ڀاڱي ٽي حصو ورهاڱي بعد لڏي آيل سنڌين جو آهي. ٻوليائي ۽ پنگتي لاڳاپي جي خيال کان ڪڇي پنهنجي علحده سڃاڻپ قائم رکڻ جي ڪوشش پيا ڪن، يا وري سياسي ۽ جاگرافيائي سببن ڪري سنڌن لاڙو گجراتي ٻوليءَ ڏانهن وڌندو پيو وڃي.

ساڳئي نموني جيسلمير- ٻاڙمير ۾ سنڌ جي سرحد تي رهندڙ ٿري ڳالهائيندڙ، راجسٿاني ٻوليءَ جي ويجهو پوندا پيا وڃن. ان ريت پنگتي، سياسي ۽ جاگرافيائي ڪارڻن سبب ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي ٻوليائي سماج جو هڪ ڀاڱي ٿي حصو سنڌيت جي مکيہ ڌارا کان ڪٽجندو پيو وڃي. باقي حصو سڄي ملڪ ۾ ٽڙيل پکڙيل هوندي بہ يڪمشتيءَ سان پنهنجي ٻولي قائم رکڻ ۾ اُن جي واڌاري لاءِ ڀاڱ پتوڙي رهيو آهي. ان کان علاوه سڄي دنيا ۾ اڌ لک ڦهليل سکيا ستابا سنڌي پڻ پنهنجون ٻاڙون ڀارت ڀوميءَ ۾ پسن پيا ۽ سنڌيت جي جوت جاڳائي رکڻ جي ڏس ۾ وس پڄندي ڪوشش ڪن پيا.

اهو سچ آهي تہ آدمشماريءَ جي خيال کان ڀارت ۾ سنڌين جو تعداد اٽي ۾ لوڻ برابر آهي. تنهن هوندي بہ ٻين ٿورائيءَ وارين ٻولين ۽ سنڌيءَ جي حالت ۾ وڏو تفاوت آهي. هتي سنڌيءَ جي واهپي جا کيتر محدود ضرور آهن پر نراس ڪندڙ ناهن. سنڌي ٻهوڀاشي هوندي بہ سنڌيت جي جذبي سبب پنهنجي ٻولي ۽ سڃاڻپ ڏانهن سجاڳ آهن. ٽڙيل پکڙيل هوندي بہ هنن جا پاڻ ۾ پختا پنگتي ۽ واپاري ناتا آهن. ڀارت ۾ سرڪاري ڪاروبار کي ڇڏي تعليم، ماس ميڊيا ۽ ساهت وغيره جي ٻوليائي کيترن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي چڱي انداز ۾ استعمال ٿئي پيو. هتي اسين گذريل اڌ صديءَ ۾ ڀارت ۾ انهن کيترن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر جو مختصر جائزو وٺنداسين.

سنڌ مان جيڪي تعليمدان، اديب ۽ پبلشر لڏي آيا، انهن جي ڪوششن سان ورهاڱي بعد هتي پڻ هڪدم انيڪ سنڌي تعليمي سنسٿائون کوليون ويون. ناٽڪ منڊليون برپا ڪيون ويون، ادبي ڪلاس شروع ٿي ويا، سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا. ايترو ئي نہ، پر سنڌين لوڪشاهي طريقا اختيار ڪندي ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي گهربل درجو حاصل ڪرائڻ لاءِ زوردار هلچل پڻ هلائي. نتيجا سن ١٩٥٦ع ۾ مرڪزي ساهتيہ اڪاڊميءَ، سنڌيءَ کي هڪ مکيہ ڀارتي ٻوليءَ جي روپ

۾ تسليم ڪيو. لڳ ڀڳ ساڳئي ئي وقت آل انڊيا ريڊيو، سنڌي پروگرام نشر ڪرڻ شروع ڪيا. سن ١٩٦٧ع ۾ سنڌيءَ کي وڌان ۾ مکيه پارٽي ٻوليءَ جو درجو عطا ڪيو ويو. ان سبب سنڌيءَ کي اهي سڀ حق حاصل ٿيا جيڪي ٻين مکيه پارٽي ٻولين کي مليل هئا. سنڌيءَ جو پنهنجو ڪو جدا صوبو نه هئڻ سبب اُن جي وڪاس جو ذمو مرڪزي سرڪار پاڻ کنيو آهي. سنڌيءَ جي واڌاري لاءِ 'راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد' (National Council for Promotion of Sindhi lanuage) قائم ڪئي ويئي آهي. جن صوبن ۾ وڏي تعداد ۾ سنڌي رهن ٿا، اُتي پڻ صوبائي سرڪاري اڪادميون برپا ڪيون ويون آهن. ڪيتريون خانگي سنسٿائون پڻ سنڌي ۽ سنڌيت قائم رکڻ لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن.

اوائلي تعليم، هر لحاظ کان مادري زبان ۾ بهتر ليکي وڃي ٿي. مادري زبان ۾ تعليم سان ٻار جي دماغ جي اوسر سياويڪ نموني ته ٿئي ئي ٿي، پر اُن سان گڏوگڏ سندس ٻوليائي ۽ تهذيبي سڃاڻپ قائم رکڻ ۾ پڻ وڏي هٿي ملي ٿي. ان سبب ئي اسانجي وڌان ۾ ٿورائيءَ وارن کي مادري زبان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ خاص سهوليتون ڏنيون ويون آهن.

اڄ ڀارت ۾ سنڌي تعليم تي نظر وجهڻ سان پتو پوي ٿو ته وڌان دوارا ن مادري زبان ۾ تعليم جا حق حاصل هوندي ۽ سنڌين جون پنهنجون انيڪ تعليمي سنسٿائون هوندي به مختلف سببن ڪري، هتي اڌ کان وڌيڪ سنڌي ٻارن کي ڪنهن به سطح تي مادري زبان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ئي ڪونه ملي.

. دراصل سنڌ ۾ دستوري سنڌي تعليم جي شروعات انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد ٿي. ان کيتر ۾ سرڪاري ڪوشش سان گڏوگڏ انيڪ خانگي تعليمي سنسٿائن جو ڏيان چڪائيندڙ يوگدان رهيو. ورهاڱي بعد ڀارت ۾ لڏي آيل سنڌين، سنڌي

تعليم ۽ ادب جي تُتل سلسلي کي نئين سر جوڙيو. ڀارت ۾ تعليمي سنسٿائون برپا ڪرڻ جي ڏس ۾ سندن ڀومڪا قابل تعريف رهي آهي. هنن جي برپا ڪيل سنسٿائن ۾ سنڌين سان گڏوگڏ تمام وڏي تعداد ۾ غير سنڌي شاگرد پڻ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. انهن سنسٿائن ۾ شروعاتي ٻه ڏهاڪا سنڌي تعليم جو ڪافي زور رهيو. گجرات، مهاراشٽر، اجمير ۽ دهلي وغيره ۾ وڏي تعداد ۾ سنڌي ماڌيم جا اسڪول برپا ڪيا ويا. اڳتي هلي ممبئي، پوني، دهلي، ۽ اجمير وغيره آسٿانن ۾ سنڌي ودياڳ ڪاليجي سطح تي پڻ برپا ڪيا ويا.

جاٿايل انگن اکرن موجب سن ١٩٨٠ع ۾ گجرات ۾ سنڌي ماڌيم جا ١١٠ پرائمري اسڪول هئا، جن ۾ اٽڪل ٣٨ هزار شاگرد هئا. ان وقت گجرات ۾ ٢٠ سنڌي ماڌيم جا سيڪنڊري اسڪول هئا. جتي اٽڪل ٩٠٠٠ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. هتي سنڌي ماڌيم جا ١٠ هاير سيڪنڊري اسڪول پڻ هئا، جن مان ٻن اسڪولن ۾ سنڌي ماڌيم سان سائنس فيڪلٽي پڻ شروع ڪئي ويئي. جنهن سبب چڱي تعداد ۾ انجنيئرنگ ۽ ميڊيڪل ۾ داخلا ملندي رهي. عجب جي ڳالهه اها آهي تہ ايتري وڏي تعداد ۾ سنڌي ماڌيم جا اسڪول هوندي بہ گجرات ۾ ڪاليجي سطح تي سنڌي وديڪ لوڪپريہ ڪانہ ٿي سگهي ۽ نہ ئي وري اُن ڏس ۾ سنجيدگيءَ سان ڪو قدم کنيو ويو آهي.

شروعات ۾ اجمير ۾ سنڌي ماڌيم جا ٣٠ پرائمري ۽ ٥ هاءِ اسڪول هئا. پر جڏهن اجمير کي راجسٿان ۾ ملايو ويو تڏهن سرڪاري نيتين سبب انيڪ اسڪولن جو ماڌيم بدلائي هندي ڪيو ويو. مڪاني سنڌي تعليمدانن جي سجاڳيءَ سبب سنڌي ماڌيم وري زور ولڙ لڳو. هن وقت اجمير ۾ سنڌي ماڌيم جا ٢٠ پرائمري، ٦ مڊل ۽ ٢ سيڪنڊري اسڪول آهن. اُتي شاگرد وڏي تعداد ۾ ڪاليجي سطح تي سنڌي پڙهن ٿا.

ورهاڱي بعد ممبئيءَ ۽ اُن جي آسپاس جي ايراضيءَ ۾ سنڌي تعليم جو چڱو زور هو. ممبئيءَ جي سنڌي ڪالونين ۽ ڪلياڻ جي ڪئمپن ۾ سنڌي ماڌيم جا اسڪول کولايا ويا. جڏهن آڪٽوبر ١٩٤٨ع ۾ ڪلياڻ جي سنڌي اسڪولن کي ٺاڻا ضلعي جي اسڪول بورڊ پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو، ان وقت ضلعي ۾ ٢٢ سنڌي ماڌيم جا اسڪول هئا. جن ۾ شاگردن جو تعداد ڏهه هزار ڪن هو. سن ١٩٥٥- ٥٦ع ۾ اهو تعداد وڌي ٻارهن هزار ٿيو. ان بعد گهڻا خانگي اسڪول به کليا. سن ١٩٦٩- ٧٠ع ۾ شاگردن جو تعداد تيرهن هزارن تائين پهتو (گولاٽي (١٩٨٠) 'مهاراشٽر ۾ سنڌي تعليم' ڀارت ۾ سنڌي تعليم، سمپادڪ: ليکواڻي، ويسٽرن ريجنل لينگويج سينٽر، پونو). مهاراشٽر جي ٻين شهرن پمپري، پوني، ڪولهاپور، ناسڪ، ڀوساول، ڌوليا وغيره جي سنڌي ماڌيم جي اسڪولن ۾ شاگردن جو تعداد وڏو هو. ڪاليجي سطح تي مهاراشٽر ۾ سنڌيءَ ۾ پي. ايڇ. ڊي. تائين بندوبست آهي. پهرين ڪاليج سطح تي هزارين شاگرد سنڌي وشيه ڪٺندا هئا. پر هاڻي انيڪ اسڪولن پنهنجو ماڌيم بدلائي انگريزي ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪاليجن ۾ پڻ سنڌي وشيه ڪٺندڙ شاگردن جو تعداد تمام گهٽجي ويو آهي.

مهاراشٽر جي وڏرڀ ايراضيءَ ۾ ناگپور، اڪولا ۽ امراوتي وغيره ۾ شروعءَ کان اسڪولن ۾ سنڌي وشيه طور پاڙهڻ جو بندوبست آهي ۽ شاگردن جو تعداد پڻ تسلي بخش رهيو آهي.

شروعءَ ۾ دهلي ۾ پڻ سنڌي تعليم جو ڪافي زور هو. هتي سنڌي ماڌيم جا ٤ اسڪول هئا. ڪاليجي سطح تي پڻ گهڻا شاگرد سنڌي وشيه ڪٺندا هئا. هن وقت هتي سنڌي ماڌيم جو هي به اسڪول ڪونهي. ها، وشيه طور سنڌي پاڙهي وڃي ٿي. ان طرح ڪاليجي سطح تي سنڌي پڙهندڙن جو تعداد پڻ نه جي برابر رهيو آهي.

ڀارت جي ٻين صوبن ۾ سنڌي ماڌيم جا اسڪول ڪونهن.

مڌيه پرديش ۽ اتر پرديش جي ڪن اسڪولن ۾ سنڌي، وشيه جي روپ ۾ ضرور پاڙهي پيئي وڃي. ان ريت ماڌيم جي روپ ۾ هن وقت سنڌي پوين پيرن تي آهي. هن وقت سنڌي ماڌيم جا گهڻا اسڪول گجرات ۾ آهن. هتي ڪاليجي سطح تي ٽڪنيڪي ڪورسن ۾ بورڊ جي امتحانن ۾ مليل مارڪن جي آڌار تي داخلا ڏلي وڃي ٿي. هڪ دفعو اها سهوليت بند ٿي ته اتان جا سنڌي ماڌيم جا اسڪول پڻ اچي پٽ پوندا. اها هڪ ڏک ڀري سچائي آهي ته سنڌي سنسٿائن جا ڪيترا باليڪار پنهنجي اسڪول/ ڪاليج ۾ رڳو وشيه طور سنڌي جاري رکڻ به مناسب نٿا سمجهن. سنڌي ٻوليءَ جي واهپي ۽ ادبي اوسر جي خيال کان اهو اهم مسئلو آهي. اگر ٻوليءَ تي ضابطو نه هوندو ته معياري ادبي تخليق ڪٿان ٿي سگهندي؟ ٻوليءَ جي ڄاڻ ئي نه هوندي ته ادب جو آنند ڪٿان ماڻي سگهبو؟

اسين جيڪڏهن ڀارت ۾ سنڌيءَ جي ترقي چاهيون ٿا ته اسان کي حقيقت شناس بڻجي سنڌي تعليم جي ڪيتر ۾ ڪي عملي قدم کڻڻا پوندا. اڳتي هلي ماڌيم بدلائيندڙ شاگردن جي ٻين ٻولين جي اظهار جي قوت ۾ واڌاري لاءِ پختو بندوبست ڪرڻو پوندو. سنڌيءَ کي روزگار سان جوڙڻو پوندو. سنڌي سنسٿائن ۽ سنڌي ڪالونين جي اسڪولن ۾ لازمي طور سنڌي وشيه پاڙهڻ تي زور ڏيڻو پوندو. سنڌي تعليم جي معيار ۾ سڌارو آڻڻو پوندو ۽ سڀني سنڌي تعليمي سنسٿائن کي سنڌيت جا مرڪز بڻائڻو پوندو. تڏهن ئي سياويڪ نموني هت سنڌي اُسري سگهندي.

سنچار يا ميڊيا جا مکيه ٻه قسم ٿيندا آهن: پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا. پرنٽ ميڊيا جا مکيه وسيلا آهن اخبارون ۽ مخزنون، ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جا مکيه ساڌن آهن ڊاڪيومينٽري فلمون، ريڊيو، ٽيلي ويزن ۽ ڪمپيوٽر وغيره. هي اُهي ساڌن آهن جيڪي وندر، ڄاڻ ۽ سڄاڳي آڻڻ سان گڏوگڏ پنهنجي

ٻولي ۽ تهذيب قائم رکڻ ۾ مدد ڪري سچي دنيا ۾ ٽڙيل پکڙيل سنڌين کي ايڪتا جي ڏور ۾ پوئڻ جو اهم ڪم ڪري سگهن ٿا.

ڀارت ۾ سنڌي پرنٽ ميڊيا جو جائزو وٺجي ته خبر پوي ٿي ته هن وقت (جولاءِ- ڊسمبر ١٩٩٧ع ۾ آڊٽ بيورو آف سرڪيوليشن دوارن ڇاپيل انگن اکرن موجب) سنڌيءَ ۾ ٨٠ روزانه اخبارون ۽ ٤٠ هفتيوار/ ٽماهي/ ڇهه ماهي مخزنون نڪرن ٿيون. انهن کان علاوه انگريزيءَ ۽ ٻين ٻولين ۾ پڻ سنڌيءَ سان واسطو رکندڙ پترڪائون شايع ٿين ٿيون. جيڪڏهن انهن کي قوم جو اثرائتو واهڻ ۽ ادب جي ترقيءَ جو ساڌن ٻڌائڻو آهي ته انهن جي معيار، گوناگونيت ۽ ورهاست تي نئين سر ويچار ڪرڻو پوندو.

ويجهڙائيءَ ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي کيتر ۾ انقلابي ڦيرو آيو آهي. اڄڪلهه پرنٽ ميڊيا جي ڀيٽ ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا جو زور وڌندو پيو وڃي. انهن ساڌنن جو استعمال وندر، ڄاڻ ۽ تعليم جي کيترن ۾ وڏي پيماني تي ڪيو پيو وڃي. گيان وگيان جي ٻين شاخن سان گڏوگڏ ٻولين سکڻ/ سيکارڻ لاءِ استعمال پڻ عام ڳالهه ٿي ويئي آهي.

سنڌيءَ ۾ انهن ساڌنن جي استعمال جو جائزو وٺجي ته خبر پوي ٿي ته ڀارتيه فلم ڊويزن سنڌيءَ ۾ هڪ ٻه ڊاڪيومينٽري فلم تيار ڪانه ڪرائي آهي. نڪو وري ڊب ڪرائي پيش ڪئي ويئي آهي. هن وقت آل انڊيا ريڊيو جي جدا جدا اسٽيشنن تان هفتي ۾ اٽڪل ١٦- ١٧ ڪلاڪ سنڌي پروگرام نشر ڪيا وڃن ٿا. دوردرشن جي ڪجهه ڪيندرن تي پڻ ٿورو وقت سنڌيءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي.

اڄ هر سنڌي گهر ۾ ٽيلي ويزن آهي ۽ ڪيبل جي سهوليت پڻ آهي. ان ڪري رٿائتي نموني سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌيءَ بابت ٻين ٻولين ۾ پروگرام تيار ڪرائي ڪيبل ٽي- ويءَ تي ڏيکاري سگهجن ٿا. سنڌي سيکارڻ ۽ سنڌي سنسڪرتي ۽ ادب جي

چاڻ ڏيندڙ ڪئسٽون تيار ڪرائي سگهجن ٿيون. سنڌيءَ کي لوڪپريہ بڻائڻ لاءِ سنڌيءَ جا پروگرام ٻين ٻولين ۾، ۽ ٻين ٻولين جا پروگرام سنڌيءَ ۾ ڊب ڪرائي پيش ڪري سگهجن ٿا.

جديد زماني ۾ ڄاڻ جي ڏي وٺ جي خيال کان انٽرنيٽ جي سهوليت دنيا جي سڀني ملڪن کي ڳنڍي هڪ ڪٽنب بڻائي ڇڏيو آهي. زمين تي ڏنل سرحدن جي ليڪن کي آڪاش ميساري ڇڏيو آهي. اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ساڌنن جو استعمال سنڌيءَ جي ڦهلاءَ جو اثردار وسيلو بڻجي سگهي ٿو. ان ميڊيا ذريعي سنڌيءَ کي لوڪپريہ بڻائڻ لاءِ خانگي سنڌي سنسٿائون اڳتي اچي سگهن ٿيون. جدا جدا سرڪاري ادارن، اڪادمين، تعليمي ۽ ثقافتي سنسٿائن جي سهڪار سان تعليم، ڄاڻ ۽ ونڊر جا پروگرام تيار ڪرائي، انهن جي صحيح نموني ورهاست ۽ پيش ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪي عملي قدم کڻي سگهجن ٿا.

ساهت جي خيال کان سنڌي اعليٰ ۽ شاهوڪار ٻولي آهي. ٻين جديد آريہ ٻولين جيان هن جو پڻ اٽڪل هزار سالن جو اتهاس آهي. سنڌيءَ کي ورثي ۾ شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جهڙا شاعر مليل آهن جيڪي دنيا جي ڪنهن بہ اوچ ڪوٽيءَ جي شاعر سان برميچي سگهجن ٿا.

شروع ۾ ٻين ٻولين جيان سنڌيءَ ۾ پڻ گهڻي ڀاڱي ادب، نظم جي روپ ۾ ئي رچيو ويو. پر سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت دوران سنڌيءَ جو استعمال سرڪاري ڪاروبار ۽ تعليم لاءِ ٿيڻ بعد ڇاپخانن جي سهوليت ۽ ٻين ڏيهي ۽ پرڏيهي ٻولين جي لهہ و چڙهہ ۾ اچڻ سبب نثر جي سڀني شاخن ۾ پڻ جهجهي انداز ۾ ساهت سرجڻ ٿيڻ لڳو.

ورهاڱي بعد ڀارت ۾ انيڪ ساهتڪ منڊلين ۽ پبلشرن سنڌي ادب جي روايت کي قائم رکيو. اُن وقت عام سنڌي پاٺڪن جو تعداد پڻ وڏو هو. پر ٻوءِ آهستي آهستي سنڌي تعليم جي پويان پير ڪرڻ سبب پاٺڪ ويا گهٽجندا. نئين ٽهيءَ

جي ٻهو ٻاشي ٻڻجڻ، ۽ سنڌيءَ کان ڪلچي وڃڻ سبب نوان ٻالڪ تيار ٿي نہ سگهيا. نتيجڻ سنڌي ٻالڪن جو تعداد تيزيءَ سان گهٽجڻ لڳو. اڄ ٻالڪن جو دائرو وڃي ليکڪن تائين محدود رهيو آهي، يا وري اڻين چوڻ بہ غلط نہ ٿيندو تہ اڄ سنڌيءَ ۾ لکيو وڌيڪ پيو وڃي پر پڙهيو گهٽ پيو وڃي. ان جا انيڪ سبب آهن، جن مان مکيہ سبب اهو بہ آهي تہ سنڌيءَ ۾ گهڻي ڀاڱي غير معياري ادبي (جن مان ڪيترين معيار جي خيال کان ساڌارڻ ۽ ڪچيون) ۽ ڌرمي رچنائون ٿي ڇپجن ٿيون. سنڌيءَ ۾ ٻالڪن جي عمر، قوت ۽ ضرورت جو خيال رکي ڄاڻ جي جدا جدا وشين تي دلچسپ ۽ معياري رچنائون نہ جي برابر ڇپجن ٿيون.

سنڌي شاعريءَ جي کيتر ۾ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ 'بيوس' انقلابي ڦيرو آڻي چڪو هو. هن شاعريءَ کي حقيقي جيون سان جوڙي پنگتي، اخلاقي ۽ وطن پرستيءَ جي نون وشين ذريعي اُن ۾ هڪ نئين تازگي آندي. آسانند مامتورا جي لفظن ۾ چئجي تہ هن بيلل پاٽيءَ جا بند ٽوڙي شبد گنگا کي آزاد ڪرائڻ جو اهم ڪم ڪيو. بيوس ويچارڌارا ڪيترن شاعرن کي پنهنجي اثر هيٺ آندو. انهن مان مکيہ هئا. دکايل، دلگير، پريو وفا ۽ رام پنجواڻي. ورهاڱي بعد هو پڻ ان ويچارڌارا جا پوئلڳ رهيا ۽ هنن سنڌي ادب کي خوب مالا مال ڪيو.

شروعاتي دور جا ٻيا مکيہ شاعر آهن؛ پرسرام ضيا، سڳن آهوجا، نارايڻ شيام، ڪرشن راهي، ارجن شاد، اندر ڀوڄواڻي، ارجن حاسد ۽ گووردن ڀارتي وغيره. انهن سڀني ۾ وشيہ ۽ عبارت جي گوناگونيت جي لحاظ کان نارايڻ شيام اڳرو رهيو.

شاعريءَ جي فارم جي خيال کان هن دور ۾ غزل جو زور رهيو. لڳ ڀڳ سڀني شاعرن غزل لکيا. ان کان علاوه هرومل سدارنگاڻيءَ جون رباعيون؛ شيام، راهي ۽ گووردن ڀارتيءَ جون وايون؛ اندر ڀوڄواڻيءَ جا تنها، شيام ۽ دلگير جا ٽسٽا، پريو وفا جا پنجڪڙا، شيام جون تصويرون (هائڪو)، هريڪانت ۽ شيام جا سانيٽ ڪافي لوڪپريہ ٿيا. لوڪ گيتن جي طرز تي گووردن ڀارتيءَ انيڪ مڌر گيت رچيا.

موضوع جي خيال کان ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي ادب (نظم توڙي نثر) ۾ الڪل ٻه ڏهاڪا ترقي پسند ويچارڌارا ۽ سنڌ جي ياد وارين رچنائن جو ئي زور رهيو. ترقي پسند ويچارڌارا جا باني هئا؛ اُتم، ڪيرت ۽ مالهي. انهن کان علاوه آنند گولاڻي، گوبند پنجابي ۽ سندر اُتمچنداڻيءَ پڻ ان ويچارڌارا جي آڌار تي ڪيرتيون اثردار رچنائون رچيون.

ترقي پسند ويچارڌارا سبب ادبي رچنائون ولدر ۽ نصيحت جي سطح کان مٿي ڪجهي زندگيءَ جي حقيقتن سان جڙيون. اهي عالم پرستي ۽ انساني ڀائپيءَ جو سنديش کڻي آيون. ان ڪري عام پاٺڪن ۾ ڪافي پسند پيون.

ورهاڱي سبب سنڌي، سياسي سازش جو شڪار ٿي، ٻن ملڪن ۾ ورهائجي ويا. ان جو درد ڀريو چٽ هن دور جي سيني شاعرن پنهنجي شعر ۾ چٽيو آهي. نثر ۾ پڻ خاص ڪري ناول ۽ ڪهاڻيءَ ۾ ان پس منظر ۾ رچنائون رچيون ويون. مالهيءَ جي ڪيترن ناولن ۾ اُن جو پر اثر بيان مليو ٿو. ڪرشن کٽواڻي، موهن ڪلپنا، آسانند مامتورا ۽ هري هملاڻيءَ جي ناولن ۾ پڻ سنڌ جي ياد ۽ ورهاڱي جا چٽ ملن ٿا. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پڻ سنڌ جي سار ۽ ڪئمپن جي تڪليفن جو درد ڀريو بيان مليو ٿو. اهو جذبو جدا جدا ڪندن کان لوڪناٿ جي 'وساريا نہ وسرن'، نارائڻ ڀارتيءَ جي 'دستاويز'، ڪلا پرڪاش جي 'خانواهڻ'، مالهيءَ جي 'اها بہ ڪا آکاڻي آهي؟'، رام پنجواڻيءَ جي 'محمد ڳاڏيءَ وارو'، موتي پرڪاش جي 'زيني!'، وشنو ڀاٽيا جي 'زمين کان اُکڙيل'، راهيءَ جي 'ڍولو، ڳني سامتاڻيءَ جي 'هڪ رات'، سندريءَ جي 'ڀوري' ۽ سڳن آهوجا جي 'پاڙيسري' وغيره ڪهاڻين ۾ چٽيو ويو آهي.

هن دور ۾ جن اديبن ڪنهن بہ واد جي گهيري کان ٻاهر رهندي ساهت سرجن ڪيو، تن مان مکيہ آهن: سڳن آهوجا، ڪرشن کٽواڻي، پوپٽي هيرانندداڻي ۽ ڪلا پرڪاش. سڳن ٿورو لکيو پر تمام اثردار نموني لکيو. کٽواڻي پراڻيءَ طرز تي هوندي

بہ پنھنجي رچنائن ۾ نواڻ ۽ دلچسپي قائم رکڻ ۾ ڪامياب رهيو. پوپٽي، ناري ڪردار جي مجبورين ۽ جدوجهد کي اثرائتي نموني پيش ڪري سگهي آهي. ڪلا پرڪاش پنھنجي ڪهاڻين ۽ ناولن ذريعي انساني من جي ڪومل رشتن کي جذباتي طور سهڻي نموني چٽي سگهي آهي.

اڳتي هلي ترقي پسند توڙي سنڌ جي سار وارين رچنائن جو زور گهٽجڻ لڳو. هريش واسواڻيءَ جي لفظن ۾ چئجي تہ 'هڪ عرصي بعد نئين پيڙهي تيار ٿي جنهنجي من ۾ ورهاڱي جو درد هڪ جهوني ڦٽ جيئان سڪي ويو. اڳوڻن ليکڪن جي جذباتيت وئرٿ ثابت ٿيڻ لڳي. سماجوادي برهمي سنڌي سماج نسبت جيڪو جوش هئو، اُهو سنڌين کي ڪا الڳ ڏسا ڏيئي نہ سگهيو. سنڌي ليکڪن جي سماجوادي رويي جي باوجود سنڌي عوام وهنوارڪ زندگيءَ ۾ شاهوڪار شايءَ جي نزديڪ آيو ۽ اُن جي جيون شئليءَ جو حصو بڻجندو ويو.' (چونڊ سنڌي ڪهاڻيون- ڀاڱو ٻيون ص XIV)

ٻي ڳالھ تي سڄاڳ سنڌي اديب هند جي وسيع ميدان ۽ وشو ساهت جي اثر سبب ذهني ۽ فني سطح تي ڪافي متاثر ٿيو. هن دور جي رچناڪار، انساني رشتن جي ٻاهرين فارمولائي بيانن اڳيان سواليہ نشان لڳائي ڇڏيو. هاڻي سنڌي ادب جو مکيہ ڪردار هڪ شهري باشندو بڻجي پيو. جنهن اڳيان اُهي ئي مالي، پنگتي، جنسياتي ۽ ذهني مسئلا هئا جيڪي هڪ عام شهريءَ اڳيان هئا. هن دو جو رچناڪار، شخص جي ڪيترن ئي انترمن جي اڻڇهيل پهلوئن کي اظهاري سگهيو. هن دور ۾ ڪيتريون رچنائون فني بلنديءَ تي رسي سگهيون. عبارت جي خيال کان روايتي محاورن بدران نون شخصي علامتن جو استعمال ٿيڻ لڳو. عربي- فارسي لفظن بدران هندي ۽ انگريزي لفظن جو استعمال وڌيڪ ٿيڻ لڳو. ان ريت ترقي پسند ادب جي ضد ۾ سنڌيءَ ۾ رومانوادي دور شروع ٿيو، جو اٽڪل ڏيڍ ڏهاڪو هليو، پارت ۾ هن دور جا باني رچناڪار هئا: موهن

ڪلپنا، لال پشپ ۽ گنو سامتاڻي. ٽنهي جي تخليق جو طريقو پنهنجو پنهنجو هوندي به هن تاريخي دور کين آڻي هڪ هنڌ ڪٺو ڪيو. راهون جدا جدا هوندي نه سندن منزل هڪ ئي پئي لڳي. مقصد هڪ ئي پيو ڀاسجي.

انهن ٽنهي اديبن مان موهن ڪلپنا سيني کان وڌيڪ لکيو ۽ گني سامتاڻيءَ سيني کان گهٽ. ڪلپنا اڄ جي شخص ۽ سماج جي بنيادي وروڌن جي نبض تي آڱر رکي انساني يڪتاو، بيگانيت ۽ ٽٽڻ وارين حالتن کي ڪلاتمڪ نموني پيش ڪيو آهي. لال پشپ، چيتن- اچيتن من جي مونجهارن کي پنهنجي رچنائن جو موضوع بڻائي، شخصي من ڇيد ڪري هڪ انوکي سوچ پيري اُڀٽ آڻي ٿو. گني جي رچنائن ۾ سياويڪتا جي پيٽ ۾ اساڌارڻ پٽو سرس نظر اچي ٿو. هن جا ڪردار سهڄ ورتيءَ وارو وهنوار نٿا ڪن. هو پاڻ کي ساوڌانيءَ سان رچيل لفظن جي جار ۾ قاتل محسوس ڪن ٿا. پر گني جي رچنائن جو ڪلاپڪش بهتر آهي. سوکيم درشٽي، گهري سوچ، پختو پس منظر، اثرائتا شبد چتر ئو سچاڳ انداز بيان سندس رچنائن کي فني بلنديءَ تي ٿا پهچائين.

ٻن مهاڀاري لڙاين جي تباهيءَ، ٽيڪنالاجيءَ جي هڪ طرفي وڪاس، پنهنجي پاڙن کان اکڙجي، بيگانيت پيري زندگي جيئڻ جي انساني مجبورين، بي ترتيب نظام، اوشواس، ڇل ڪپٽ ۽ مکوٽن واري ڏيکاو پيريءَ جيوت ۽ بي معنيٰ رشتن، زندگيءَ جي روايتي انساني ملهن کي ئي بدلائي ڇڏيو. ان قسم جي تواريخي دٻاون ڪلا ۽ ساهت ۾ پڻ انقلابي ڦيرو آندو. ان ڏس ۾ وشو ۽ ڀارت جي ادبي کيتر ۾ آيل ان نئين لهر جو اثر سنڌي رچناڪار تي پڻ پيو. ٻين ٻولين جيان سنڌيءَ ۾ به هڪ علحده ادب جي شروعات ٿي. جنهن کي جديد ادب يا نئون ساهت ڪوٺيو ويو. هن دور جا مکيه رچناڪار آهن ايشور چندر، انند کيماڻي، وشنو ڀاٽيا، هريش واسواڻي، پرم اڀيچنداڻي، پريم پرڪاش، موتي لال جوتواڻي، هريڪانت ۽

واسديو موهي وغيره.

ايشور چندر وچولي طبقي جي زندگيءَ جي ٽٽندڙ رشتن ۽ آسائن جو پارکو چترڪار آهي. هن جي رچنائن جي سڀ ڪان وڏي حاصلات اها آهي ته هو پوري بي طرفداريءَ سان پنهنجي ڪردارن کي جيئڻ ڏئي ٿو. هو پنهنجي طرفان نصيحت جو هڪ به لفظ نٿو چوي. هن کي لفظن جي آتما کي جهٽڻ جي پڻ هڪ انوکي قوت آهي.

انند ڪيماڻيءَ جي رچنائن ۾ جديديت جو انس سرس نظر اچي ٿو. هن پنهنجي رچنائن ذريعي استري- پرش جي سنبنڌن جو پوسٽ مارٽم ڪيو آهي. وشنو ڀاٽيا جي رچنائن ۾ اُگهاڙپ ۽ بي ترتيب زندگيءَ جو بي باڪ بيان ملي ٿو. شيام جئسنگهاڻيءَ پنهنجي رچنائن ذريعي اڄ جي شخص کي نئين نظريي سان پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن جي رچنائن ۾ نوان پرتيڪ ۽ نئين عبارت نظر اچي ٿي. پريم پرڪاش جا لاچار ڪردار، نراشا جي ماحول ۾ جيئن ٿا. موتيلال جوتواڻي مهانگرن جي بي معنيٰ زندگيءَ جو مختلف ڪنڊن ڪان درشن ڪرائي ٿو. هريش واسواڻي نج نوان پرتيڪ کڻي جديد زندگيءَ جي مونجهارن ڪان واقف ڪرائي ٿو. هريڪانت جي رچنائن ۾ تکي طنز ملي ٿي ۽ موهيءَ جي رچنائن ۾ زندگيءَ جي ڪوڙين سچاين جا حقيقي چٽ نظر اچن ٿا.

اگر اسين ڀارت ۾ گذريل اڌ صديءَ واري سنڌي ادب جي اوسر جو جائزو وٺي ڏسون ته خبر پوي ٿي ته ادب جي مختلف شاخن مان شاعري ۽ ڪهاڻيءَ جي کيترن ۾ سنڌي ادب چڱي ترقي ڪئي آهي. انهن ٻنهي شاخن ۾ سنڌي ادب، ٻين ڀارتي ٻولين سان برميچي سگهي ٿو.

ورهاڱي بعد شروعات ۾ گوبند مالهي، رام پنجواڻي، سندري اُتمچنداڻي، پوپٽي هيرانداڻي، ڪلا پرڪاش ۽ ڪرشن کٽواڻيءَ جا ناول روايتي طرز تي لکيل هوندي به عام پاٺڪن ۾ ڪافي لوڪپريه رهيا. گوبند مالهيءَ کي ته 'ناول سمراٽ' جو لقب

پڻ عطا ڪيو ويو. بعد ۾ موهن ڪلپنا، لال پشپ، شيام جئسنگهاڻي، وشنو ڀاٽيا، موتيلال جوتواڻي، پرم ابيچنداڻي، آنند کيماڻي، لکمي کلاڻي ۽ هري هملاڻي وغيره ليکڪن زندگيءَ جي جديد مختلف پهلوئن تي نئين انداز ۾ ناول رچيا. ويجهڙائيءَ ۾ تارا ميرچنداڻيءَ جو 'هٺ يوگي' ۽ ريٽا شهاڻيءَ جو 'پرهه جا پياڪ' پاڪستان ۾ ڪافي لوڪپريہ ٿيا آهن.

ورهاڱي بعد سنڌيءَ ۾ وڏا ناٽڪ تمام ٿورا لکيا ويا آهن. البت ايڪانڪيون وڏي تعداد ۾ لکيون ويون آهن. وڏن ناٽڪن جي کيتر ۾ جن جو يوگدان رهيو آهي، تن مان مکيہ آهن: رام پنجواڻيءَ، گوورڌن ڀارتي، هريڪانت، موتي پرڪاش، مدن جماڻي، ڪرشن کٽواڻي، پريم پرڪاش ۽ لکمي کلاڻي وغيره. اها هڪ تسليل بخش ڳالهہ آهي تہ گهڻي ڀاڱي سنڌن ناٽڪ اسٽيج تي پيش ڪيا ويا آهن.

سنڌي ايڪانڪيءَ جي کيتر ۾ سڀ کان وڌو يوگدان منگهارام ملڪاڻيءَ جو رهيو آهي. هن کي 'سنڌي ايڪانڪيءَ جو ابو' ڪوٺيو وڃي ٿو. ان کيتر ۾ جن ٻين اديبن جو يوگدان رهيو آهي، انهن مان مکيہ آهن: رام پنجواڻي، گوبند مالهي، واسديو نرمل، هريڪانت، ايم. ڪمل، کيرت ٻاٻاڻي، راجن چاولا، برج موهن، پريم پرڪاش، لڇمڻ ڀمباڻي ۽ جيٺو لالواڻي وغيره.

مضمون نويسيءَ جي کيتر ۾ لڳ ڀڳ سڀني اديبن قلم هلايو آهي. هن دور جا قابل ذڪر مضمون نويس آهن: تيرٿ بسنت، هرومل سدارنگاڻي، تيرٿ سڀاڻي، لال سنگهہ اجواڻي، رام پنجواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، منگهارام ملڪاڻي، کيرت ٻاٻاڻي، ليلارام رچنداڻي، مرليڌر جيٽلي، پرم ابيچنداڻي، هريش واسواڻي ۽ ستيش روهڙا وغيره. پر گذريل اڌ صديءَ ۾ وشين جي گوناگونيت ۽ ٻوليءَ جي پختگيءَ جي خيال کان پرمانند ميوارام يا لالچند امرڏنومل جهڙو ٻيو ڪو مضمون نويس ڪونہ ملي سگهيو آهي. موضوع جي خيال کان گهڻي ڀاڱي سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌي ادب سان واسطو رکندڙ مضمون ئي لکيا ويا آهن.

ٻال ساهت جي کيتر ۾ سيني کان وڏو يوگدان هوندراج بلواڻي جو رهيو آهي. ان ڏس ۾ ٻيو اهم نالو آهي جيوت گوگيا. ٻيا قابل ذڪر ٻال ساهتڪار آهن: هري دلگير، گوورڌن ڀارتي، جڳديش لڇاڻي، واسديو نرمل ۽ ديال آشا وغيره.

لوڪ ادب جي کيتر ۾ نارايڻ ڀارتيءَ قابل تعريف ڪم ڪيو آهي. هن اڪيلي سر لوڪن ۾ وڃي لوڪ گيتن، لوڪ ڪٿائن ۽ لوڪ ڪلائن وغيره جي تمام وڏي تعداد ۾ سامگري ڪٺي ڪري، سوڏي شايع ڪرائڻ جو اهم ڪم ڪيو آهي. هن کيتر ۾ ٻين جن اديبن جو يوگدان رهيو آهي، انهن مان مکيه آهن: ليلارام رچنداڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، پرسو گدواڻي، ۽ چينو لالواڻي. رچنداڻيءَ جي ڪوشش سان 'لوڪ ادب' رسالو هڪ سني شروعات آهي.

گجرات ۽ راجسٿان جي سرحد تي اٿاه سنڌي لوڪ ادب ٽڙيو پکڙيو پيو آهي، جيڪو رٿائتي نموني ڪٺو ڪري سوڏي شايع ڪرائي سگهجي ٿو.

ادبي تنقيد جي کيتر ۾ چڱي ترقي ٿي آهي. سنڌيءَ جي ٽمورتي شاه، سچل ۽ ساميءَ جي شعر جي مختلف پهلوئن تي تمام گهڻا مقالا ۽ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. انهن ٽنهي شاعرن تي ڪلياڻ آڏواڻيءَ جا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. شاه لطيف جن ٻين اديبن جا ڪتاب ڇپيا آهن، انهن مان مکيه آهن: پرسو گدواڻي، موتيلال جوتواڻي، پوپٽي هيراننداڻي ۽ مرليڌر جيٽلي وغيره. سچل تي رام پنجواڻيءَ جو 'سچل' ۽ ٻلديو مٽلاڻيءَ جو 'سچل جون واديون' قابل ذڪر آهن. ساميءَ تي ليکراج عزيز جو هڪ ڪتاب ڇپجي چڪو آهي.

شروعءَ ۾ نئين دور جي ادب جي مختلف شاخن جي رچنائن تي جن نقادن تنقيد ڪئي، انهن مان مکيه آهن: آتم، لال سنگهه اجواڻي، منگهارام ملڪاڻي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ جڳديش لڇاڻي وغيره. گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ نئين ادب جي

تخليق سبب جديد تنقيد جي ڏس ۾ پڻ ڪافي تبديل آئي آهي. جديد تنقيد پاڻ سان نئين چيتنا ۽ نوان ماپا ڪٽي آئي آهي. نئين تنقيد جا مکيه نقاد آهن: لال پشپ، هريش واسواڻي، هيرو شيوڪاڻي، انند کيماڻي، پريم پرڪاش ۽ پرم ابيچنداڻي وغيره.

ادبي تحقيق جي کيتر ۾ هيري لڪر جو 'قاضي قادن جو ڪلام' هڪ وڏي حاصلات آهي. ان ڪانسواءِ ان ڏس ۾ جهمٽمل ڀاوناڻيءَ جو 'دادو ديال' ۽ جهمون چڳاڻيءَ جو 'سوامي پرٽنات' پڻ ساراه جوڳا قدم آهن دراصل گجرات ۽ راجستان جي مڙهين، مسيتن ۽ گهرن ۾ سنڌيءَ جا تمام گهڻا دستخط پيا آهن. جن کي رتائتي نموني هٿ ڪري سوڌي، سنڌي ادب جي انيڪ ٽٽل ڪڙين کي جوڙي سگهجي ٿو.

ورهاڱي بعد سنڌي ادب جي تاريخ تي ٻه مکيه ڪتاب انگريزيءَ ۾ شايع ٿي چڪا آهي: هسٽري آف سنڌي لٽريچر (لالسنگھ اجواڻي) ۽ هسٽري آف سنڌي لٽريچر (پوپٽي هيرانانداڻي) پهرين ڪتاب ۾ شروعءَ کان ورهاڱي تائين ۽ ٻئي ڪتاب ۾ ورهاڱي کان ١٩٧٨ع تائين سنڌي ادب جو جائزو ورتو ويو آهي. اجواڻيءَ جي ڪتاب جو سنڌي، هندي ۽ مرهٽيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. انهن ڪانسواءِ مرليڌر جيٽلي جو 'سنڌي ساهت جو اتهاس'، منگهارام ملڪاڻيءَ جو 'سنڌي نثر جي تاريخ' ۽ ليلارام رچنداڻيءَ جو 'آزاديءَ بعد سنڌي ساهت جو اتهاس' مکيه آهن.

سنڌي ادب جي اوسر ۾ شروعءَ کان ترجمن جي اهم ڀومڪا رهي آهي. مرزا قليچ بيگ کان جڳت آڏواڻيءَ تائين ڏيهي ۽ پرڏيهي ٻولين جون سوين ادبي رچنائون، سنڌيءَ ۾ آيون ۽ پاٺڪن ۾ خوب پسند پيون. البت اهو سلسلو اڳتي به قائم رهيو پر رچنائن جي صحيح چونڊ نه هئڻ سبب عام پاٺڪن ۾ لوڪ پريه نه ٿي سگهيون. خيرا سنڌيءَ ۾ بينگالي ساهت جو گهڻو ترجمو ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ هندي، اُردو، گجراتي

۽ مرهٽيءَ جون پڻ ڪيتريون رچنائون سنڌيءَ ۾ آنديون ويون آهن. ٻين ڀارتي ٻولين جون ايڪڙ ٻيڪڙ رچنائون ئي سنڌيءَ ۾ آيون آهن. سنسڪرت جي ڪن چونڊ رچنائن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ٻولين جا ڪي ڪتاب سنڌيءَ ۾ آندا ويا آهن. سنڌيءَ مان انگريزي، هندي، گجراتي ۽ مرهٽيءَ ۾ انيڪ ترجما ڪيا ويا آهن. حشو ڪيولراماڻي ۽ ٽي. ايڇ. آڏواڻيءَ سنڌي ڪهاڻين جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. موتيلال جوتواڻي، قاضي قادن ۽ شاهه ڪريم جي ڪلام جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ هن انيڪ سنڌي رچنائون انگريزي ۽ هنديءَ ۾ آنديون آهن. هنديءَ ۾ سندس مکيه ترجما آهن، 'چني هئي سنڌي ڪهانيان' ۽ 'زينت'. تازو پرم اڀيچنداڻيءَ ڀارت ۾ سنڌي ادب جي اوسر جو انگريزيءَ ۾ جائزو ورتو آهي.

هنديءَ ۾ جن ٻين ترجمانن سنڌي رچنائون آنديون آهن، انهن مان مکيه آهن: ايشور چندر، ڀڳوان اٽلاڻي، راڌا ڪرشن چاندواڻي، ڪملا گوڪلاڻي ۽ ديال آشا وغيره. تازو لڇمڻ ڀمياڻيءَ ۽ ڪملا گوڪلاڻيءَ دواران شروع ڪيل هندي رسالو 'سُرڀي' سنڌي ادب کان واقف ڪرائڻ جي ڏس ۾ هڪ سارا‍ه جوڳي ڪوشش آهي. مرهٽيءَ ۾ ترجمي جي کيتر ۾ سيني کان گهٽو ڪم لڇمڻ هردواڻيءَ ۽ تولارام رهيجا ۽ گجراتي ۾ جينت ريلواڻيءَ ڪيو آهي.

ترجمي جي کيتر ۾ جن غير سنڌي اديبن جو يوگدان رهيو آهي، انهن مان مکيه آهن: مٽي شنڪر دوويدي (شاهه لطيف ڪا ڪوبيه)، ڀارت ڀوشڻ اگروال (رنگين رباعيان- هرو سدارنگاڻي) ۽ اين. ايم. جوشي (جنهن انيڪ سنڌي ڪهاڻين جو مرهٽيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.)

ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، گرامر ۽ لغت نويسيءَ جي کيتر ۾ چڱو ڪم ٿيو آهي. روايتي اُصولن جي آڌار تي سترامداس سائل، ليلارام رچنداڻيءَ ۾ پنڊت ڪشنچند

جيٽلي جو ڪم قابل ذڪر آهي.

پارت ۾ جديد سنڌي لسانيات جو بنياد لڇمڻ خوبچنداڻيءَ وڌو. بعد ۾ ان کيتر ۾ جيڪي ڪوجنيڪ لڳي ويا، سي آهن: مرليڌر جيٽلي، ستيش روهڙا، پرسو گدواڻي، يشوڌرا واڌواڻي، پريتم ورياڻي، سندر پرچاڻي ۽ ڪنعيالال ليکواڻي وغيره.

لغت نويسيءَ جي کيتر ۾ مرليڌر جيٽلي، سنتداس ڪشناڻي، ستيش روهڙا، لڇمڻ هردواڻي، سترامداس سائل ۽ ڪنعيالال ليکواڻي وغيره. ڪافي ڪم ڪيو آهي. پر اڃا سنڌيءَ کي اهڙو ڀيو ڪو لغت نويس نہ ملي سگهيو آهي جو پرمانند ميوارام سان برمچي سگهي.

ان ريت اسين ڏسون ٿا تہ گذريل اڌ صديءَ ۾ سنڌيءَ جي مختلف شاخن ۾ چڱي انداز ۾ ساهت سرجن ڪيو ويو آهي. پر هتي اها اهم ڳالھ ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي تہ ڪنهن بہ جديد ٻوليءَ جي اوسر لاءِ رڳو تخليقي رچنائون ناڪافي هونديون آهن. ٻوليءَ جي رتائتي ترقي لاءِ گيان، وگيان جي سيني شاخن ۾ رچنائن جي ضرورت پوندي آهي. ٻوليءَ جي جدا جدا وهنوار کيترن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن جي ايڪ روپتا جي خيال کان جدا جدا قسمن جي لغتن ۽ وهنواري وياڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي. ان ڏس ۾ سنڌيءَ ۾ اڃا گهڻو ڪجھ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

پارت ۾ سنڌين جي ٽڙيل پکڙيل هئڻ ۽ ٻهو پاشي بڻجي وڃڻ سبب گذريل اڌ صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڌيان ڇڪائيندڙ تبديل آئي آهي. لڏي آيل سنڌين ۾ اصلوڪين جاگرافيائي اُپ ٻولين (سرائڪي، وچولي، لاڙي، لاسي، ٿري ۽ ڪڇي) جو تفاوت لڳ ڀڳ ختم ٿي چڪو آهي. اهي سڀ معياري اُپ ٻولي، وچوليءَ جي ويجهو اچي ويا آهن. سنڌن ٻوليءَ ۾ عربي- فارسي لفظن بدران تتسم هندي لفظن ۽ عام واهپي وارن انگريزي لفظن جو استعمال وڌي رهيو آهي. سنڌ جي زمين، تاريخ ۽ ڳوٺاڻي جيوت سان واسطو رکندڙ لفظ (اُکري، مهري، منڌيئڙو

۽ وچٽو وغيره)، اصطلاح (هاءِ گهوڙا مچائڻ، بغداد ٿيڻ ۽ جاوا ڪرڻ وغيره) ۽ پهاڪا (ڏڻ نہ ڏٽي نہ تہ وڪڻ ڪٽي، ڪيتي سرسيتي ۽ هجيئي ناٽو تہ گهمر لاڙڪاٽو) وغيره اڄ جي سنڌيءَ ۾ نہ جي برابر استعمال ٿين ٿا.

نئين ٽهيءَ ۾ رشتيداريءَ جي لفظن جو واهپو بہ وڃي پيو گهٽبو. سوٽ، ماسات، ماروٽ ۽ پڦات منجهي ڪزن تي پيا آهن. ابو/ بابو، سهرو منجهي ڊئڊي/ پاپا ۽ اما/ امي، سسُ منجهي مما/ ممي تي پيا آهن. هنديءَ جي اثر ڪري جيجاجي ۽ پئيا جو واهپو وڃي پيو وڌندو. مرڪب لفظن ۽ محاورن جي سرشتي ۾ پڻ ڪافي ڦيرو نظر اچي ٿو. سماجي بدران ساماجڪ، پارٽي بدران پارٽيہ، سگريٽ ڇڪڻ بدران سگريٽ پيئڻ ۽ ڪپڙن نہ ماپڻ بدران ڦوليو نہ سمائڻ جو استعمال ڪيو پيو وڃي.

پارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اُچارن ۽ وياڪرڻ جي سرشتي ۾ پڻ ڪافي تبديل اچي رهي آهي. اُچار جي خيال کان سنڌي سورانت ٻولي آهي، يعني سنڌيءَ جي هرلفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪونہ ڪو سُرُ ضرور هوندو آهي (گهرُ، گهرَ ۽ گهرِ) پر هت ٻين ٻولين جي اثر سبب ڪيترا سنڌي پڇاڙي وارا سُرَ ٽٽا اُچارين وينجنانت نتيجن اهي لفظ بڻجي وڃن ٿا. جنهن جو سنڌي گرامر جي گهاڙيٽي تي پڻ اثر پوي ٿو.

هتي ڪيترين حالتن ۾ عربي- فارسيءَ مان ورتل 'ق'، 'خ' ۽ 'غ' جا اُچار منجهي 'ڪ'، 'ک' ۽ 'گ' ٿيندا پيا وڃن. ڪيترن هنڌ تہ 'ف' ۽ 'ز' پڻ 'ڦ' ۽ 'ج' پيا اُچاريا وڃن. جيڪي ٻار سنڌيءَ کان پوريءَ طرح لڳ ڀڳ ڪٽجي رهيا آهن، اُهي سنڌيءَ جا نج چوسٽن آوازن 'ڳ'، 'ڄ'، 'ڏ' ۽ 'ٻ' بدران 'گ'، 'ج'، 'د' ۽ 'ب' اُچارين پيا.

هتان جي سنڌي لفظن ۾ ڪيتريون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون هنديءَ جي اثر سبب جوڙيون پيون وڃن. مثال: آپ جاتي، ساماجڪ ۽ پارٽيہ وغيره. هندي ۽ ٻين مڪاني ٻولين جي اثر سبب ڪيترا سنڌي مونث لفظ، مذڪر روپ ۾ (مثال، وشيہ،

پين، ڏهي، وغيره) ۽ مذڪر لفظ، مونث روپن ۾ (مثال: ڪتاب، دڪان ۽ آواز وغيره) استعمال ڪيا پيا وڃن.

سنڌي ٻوليءَ جي اهم خاصيت آهي ضميري لفظن بدران ضميري پڇاڙين جو استعمال (سهرم، وٽس، ڇيم ۽ ڇيومانس وغيره). اڄڪلهه سنڌيءَ ۾ انهن جو واهپو گهٽجي رهيو آهي. عملي سنڌي وياڪرڻ جو اڀياس نه هئڻ سبب عام سنڌي (ڪيترا استاد ۽ اديب پڻ) انهن جي صحيح روپن وارو استعمال ڪرڻ ڏانهن سجاڳ نٿا رهن.

سنڌي لکڻ ۾ هجي جا پڻ ڪيترائي مسئلا اڀرن ٿا. اڄڪلهه سنڌيءَ ۾ ڇپائيءَ لاءِ گهڻي ڀاڱي ڪمپيوٽر جو استعمال ڪيو پيو وڃي. ان ڪري ’اسپيل چيڪ‘ تيار ڪرائي ان مسئلي کي منهن ڏيئي سگهجي ٿو. ايترو ئي نه پر ’گرامر چيڪ‘ تيار ڪرائي گرامر جي چوڪن کي پڻ ڪمپيوٽر جي مدد سان سڌاري سگهجي ٿو. ان ڳالهه کي جلدئي عمل ۾ آڻڻ نهايت ضروري آهي.

هتي گذريل اڌ صديءَ ۾ ڀارت ۾ سنڌيءَ جي مکيه وهنوار ڪيترن ۾ ٿيل اوسر جو مختصر جائزو ورتو ويو آهي. ان جو ڪيتر تمام وسيع آهي، ان ڪري ان ڏس ۾ سنجيده کوجنا جي ضرورت آهي.

**چوند حوالا:-**

**سنڌي:**

- آڏواڻي ڀيرومل مهرچند (۱۹۴۱ع) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڪراچي.
- ڪتواڻي ڪرشن، سامتاڻي گنو ۽ واسواڻي هريش (سمپادڪ ۱۹۸۰ع) چوند سنڌي ڪهاڻيون- ڀاڱو ٻيون، ساهتيه اڪادمي، نئي دهلي.
- متلاڻي ٻلديو (سمپادڪ ۱۹۹۸ع) سنڌي لوڪ ادب، يونيورسٽي آف ممبئي، ممبئي.

- ليکواڻي ڪنعيالال (١٩٩٧ع) پارٽ ٻ سنڌي تعليم، سنڌي اڪاڊمي، دهلي.
- ملڪاڻي منگهارام دهلي (١٩٦٨ع) سنڌي نثر جي تاريخ، ڪونج پبليڪيشن، ممبئي.
- رچنداڻي ليلارام (١٩٩٤ع) آزاديءَ بعد سنڌي ساهت جو اتهاس، گجرات سنڌي ساهت اڪاڊمي، گانڌينگر.
- روهڙا ستيش (١٩٩٥ع) چنڊچاڻ، ڀاشا پرڪاش، آديپور.

انگريزي:

- Ajwani L.H (1970) History for Literature, Sahitya Akademi, New Delhi.
- Hiranandani Popati (1984) History of Sindhi Literature, Anuradha Publications, Bombay.
- Jotwani Motilal (1979) Sindhi Literature and Society, Rajesh Publications, New Delhi.
- Khubchandani L.M. (1963) The acculturation of Indian Sindhi to Hindi, P.h.D. Thesis, University of Pennsyvania.
- Lekhwani K.P (1982) 'problems of Using Minority Language as a Medium of Indtructions in a Multingual Setup, paper presented in a seminar on 'Psychological and linguistic approaches to the study of language learning (held at CILL, Mysore)
- Lekhwani K.P (2000) 'Borrowing and Structural Change in Sindhi' paper presented in seminar on 'Borrowing and Strutural Change in Indian languages', held at CILL, Mysore.

University of Mumbai

# SINDHI BOLI-A JA HAZAR SAL

Compiled by: Dr. Manohar Matlani



ڊاڪٽر چيتو لالواڻي، ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي، شري هيرو ٺکر ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي